


# اقتصادي ترقيءَ جا رستا
# ۽
# آمريڪي تجربو

از

جيمس ڊي. ڪالڊروڊ

۽

هئرولڊ جي. بيئن وينو

مترجم

سومار علي. ايم. سومرو

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# اقتصادي ترقيءَ جا رستا

۽

# آمريڪي تجربو

# اقتصادي ترقيءَ جا رستا

# ۽

# آمريڪي تجربو


از

جيمس ڊي. ڪالڊروڊ

۽

هئرولڊ جي. بيئن وينو

مترجم

سومار علي ايم. سومرو



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو سنڌ

2006ع

[ هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون سال 1965ع تعداد 2000
ڇاپو ٻيو سال 2006ع تعداد هڪ هزار

*"Patterns of Economic growth: The American Experience"*
*by james D. Calderwood and Harold J. Bienvenu.*

قيمت: پنجهتر رپيا
**[Price Rs. 75-00]**

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب "اقتصادي ترقيءَ جا رستا ۽ آمريڪي تجربو" اصل ۾ آمريڪا جي اقتصادي نظام ۽ اُن جي نتيجي ۾ ٿيل ترقيءَ تي نهايت ماهرانه انداز ۾ لکيو ويو آهي. 'مسٽر جيمس ڊي. ڪالڊروڊ' ۽ 'مسٽر هئرولڊ جي. بيئن وينو' هن ڪتاب جا لکندڙ آهن. جيڪي پاڻ به هن موضوع تي وڏي مهارت رکن ٿا. سنڌي هن اهم ڪتاب کي ترجمي جو ويس مشهور سنڌيڪار مسٽر سومار علي ايمر. سومرو ڏنو آهي. هن ڪتاب جو انگريزي نالو "Pattern of Economics Growth: The American Experience" آهي. ڪتاب جي موضوع ۽ اهميت بابت ليڪڪن پيش لفظ ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي. هتي فقط اهوئي عرض رکجي ٿو، ته هيءُ ڪتاب پاڪستان جي اقتصادي ماهرن لاءِ گهڻ رُخي رهنمائي مهيا ڪري ٿو، ڇو ته هر ملڪ جي ترقيءَ جو بنياد اُن ملڪ جي اقتصادي نظام تي هوندو آهي. جتي به اهو نظام بهتر طريقي سان لاڳو هوندو، اُتي جو عوام خوشحال هوندو.

هن ڪتاب ۾ ڇاڻايل آهي، ته آمريڪا واسين جو مجموعي طرح پنهنجن اقتصادي ذريعن ڏانهن ڪهڙو رويو آهي ۽ هڪ شهريءَ جي حيثيت ۾ اُهي پنهنجو پاڻ کي هن نظام جو ڪيترو پابند سمجهن ٿا. هيءُ ڪتاب اُن سموري ماحول جوهڪ سرسري جائزو پيش ڪري ٿو، جيڪو اسان سيني لاءِ نصيحت ۽ سبق آموز آهي. اسان جو ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ واسي هيءُ ڪتاب پڙهي نه فقط بيشمار سبق حاصل ڪري سگهن ٿا، پر دُنيا جي هڪ عظيم قوم جي حاصلات تي نظر وجهندي پاڻ به گهڻو ڪُجهه سکي سگهن ٿا. ادارو هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو شايع ڪري تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو.

ڄامشورو، سنڌ
سومر ٨- جمادي الاول ١٤٢٧ھ
بمطابق 5- جون 2006ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# پيش لفظ

هيءُ ڪتاب اقتصادي ترقيءَ ۽ آزاديءَ متعلق آهي. اڄ، سڄيءَ دنيا جا لکين ڪروڙين ماڻهو - خاص طور ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪي ملڪن جا- پنهنجي، ۽ پنهنجي ڪٽنبن لاءِ بهتر زندگيءَ جي خواهش رکن ٿا. اهي ماڻهو، آزاد مردن ۽ عورتن جي حيثيت ۾ پڻ رهڻ چاهين ٿا، جي هڪ آزاد ملڪ ۾ رهندي، پنهنجن معاملن جا فيصلا پاڻ ڪري سگهن.

ڪي گهڻا سال نہ ٿيا، جڏهن آمريڪا هڪ نئون ملڪ هو ۽ عالمي تاريخ جي پهرئين عظيم عوامي انقلاب وسيلي، بيرُوني راڄ جي شڪنجي مان مس آزاد ٿيو هو، تنهن وقت ئي، هن ملڪ ترقيءَ ۽ آزاديءَ جي اُنهيءَ شاهراهہ تي قدم کڻڻ شروع ڪيو، جنهن تي اڄ ڪيئي ملڪ گامزن ٿي رهيا آهن. انهيءَ سبب ڪري، آمريڪا جي متحده رياستن جو اِن ڏس ۾ حاصل ڪيل تجربو، هاڻوڪن اقتصادي طور گهٽ ترقي يافتہ ملڪن جي ماڻهن لاءِ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿو.

هيءُ ڪتاب، آمريڪي اقتصادي نظام کي، ان جي اصلوڪيءَ صورت ۾ سمجهائڻ جي هڪ ڪوشش آهي. آمريڪي باشندن جي حيثيت ۾، اسان کي پنهنجي ملڪ جي ڪاميابين ۽ حاصلات تي ناز آهي، پر اسين هن حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون تہ اسان وٽ ڪيئي اهڙا مسئلا بہ آهن، جي اڃا حل طلب آهن. سيني ملڪن کي اهڙا اڻ - سلجهيل مسئلا دربيش آهن. وڏي اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ ماڻهو، آزاد مردن ۽ عورتن جي حيثيت ۾ پاڻ ۾ گڏجي، انهن مسئلن جو حل تلاش ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندا رهن.

آمريڪا جا ماڻهو، نين آزاد ٿيل قومن کي پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ جي جدوجهد ڪندي، همدرداڻي دلچسپيءَ ۽ اثرائتيءَ مدد ڪرڻ جي جذبي سان ڏسي رهيا آهن. هيءَ ڪتاب ٻن آمريڪين جو لکيل آهي، جن کي اميد آهي تہ

اُهو. نہ فقط سندن ملڪي ماڻهن، پر ٻين ملڪن جي دوستن کي پڻ، ٿوري گهڻي ضرور مدد ڪري سگهندو.

ڪتاب جا مصنف، ائڪران (اوهيو) پبلڪ اسڪولن جي سپرنٽينڊنٽ. ڊاڪٽر مارٽن ايسيڪس، ۽ پرڊيو يونيورسٽيءَ جي پروفيسر لارينس سينيشن. جا هن ڪتاب جي مسودي پڙهڻ ۽ ان کي سڌارڻ جي سلسلي ۾ مفيد مشوري ڏيڻ لاءِ، تہ دل سان شڪر گذار آهن.

- جيمس ڊي. ڪالڊروڊ
- هئرولڊ جي. بيئن وينو
لاس اينجلس، ڪئليفورنيا.
يو.ايس.اي

# فهرست

## تاريخ جا سبق


(الف) سيني ماڻهن جون ساڳيون اميدون 1
(ب) سيني ماڻهن جا ساڳيا اقتصادي مسئلا 3
1. اقتصادي ترقيءَ جو مسئلو 3
2. اقتصادي تنظيم جو مسئلو 5
اسين تاريخ مان ڇا ٿا سکي سگهون؟ 8
1. تجربي جو گڏيل مختار نامو 8
2. قومن جو هڪ ٻئي تي آڌار 12
3. نتيجا: تاريخ جا سبق 15


## آمريڪي اقتصاديات تي هڪ نظر


اقصاديات ۾ لاڳيتي ڦير گهير 17
1. وڏو ڪاروبار ۽ ننڍو ڪاروبار 17
2. مزور جماعتن جو اُڀرڻ 18
3. قومي اقتصاد ۾ حڪومت جي زياده مکيہ جڳهہ 18
4. آمدنيءَ جي ورهاست ۾ ڦيرو 19
5. جائداد تي مالڪاڻو حق 21
6. روزگار جا بدلجندڙ نمونا 22
7. نتيجا 23
اقتصادي تبديلي ڪيئن آئي آهي؟ 23
آمريڪا جي اقتصاد ڪهڙي قسم جي آهي؟ 27
ٻين جمهوري ملڪن جا اقتصادي نظام 32


## خانگي ڪاروبار جو ڪردار ۽ ان ۾ شخص جي اهميت


شخص، واپرائيندڙ جي حيثيت ۾ 35
1. هر هڪ واپرائيندڙ کي مال جي چونڊ جي آزادي 35
2. حڪومت جي ذريعي اجتماعي ڪاپو 39
3. باهمي امدادي ادارن ذريعي اجتماعي عمل 40

بچت ڪندڙ ۽ جائداد جا مالڪ 42
پورهيتن جي حيثيت ۾ 45
1. پورهيت لاءِ روزگار جا موقعا 46
2. آمريڪا ۾ پورهئي ڪرڻ وارن جون دنياوي حالتون 47
3. آمريڪا ۾ مزور جماعتون 49
4. مزدور - انتظاميا تعلقات 52
ڪاروبار جي مالڪن جي حيثيت ۾
1. ننڍا ڪاروبار 54
2. زمين جا مالڪ آبادگار 57
3. اُپائيندڙن جا سهڪاري ادارا 57
وڏا ڪاروبار 58
1. وڏو ڪاروبار ۽ ڪثرتي پيداوار 60
2.وڏي ڪاروبار جي ترقيءَ جا ٻيا اسباب 62
3. اقتصادي طاقت جو مسئلو 63
4. حڪومت ۽ وڏو ڪاروبار 64
5. وڏو ڪاروبار ۽ تبديل ٿيندڙ اقتصاد 66
6. خود وڏي ڪاروبار ۾ آيل تبديليون 67

## آمريڪي اقتصاد ۾ حڪومت جو ڪردار

حڪومت جي جوڙجڪ ۽ ان جو فلسفو 73
آمريڪا ۾ حڪومت ڇا ٿي ڪري؟ 75
1. حڪومت ڪاروبار ڪي وڌڻ ويجهڻ ۽ قابل ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿي 75
(الف) زراعت 75
(ب) نقل و حمل 78
(ث) تعليم 79
2. حڪومت عوامي مفاد جي حفاظت ڪري ٿي 81
3. حڪومت عام شهرين جي بهبوديءَ ۽ حفاظت جو انتظام ڪري ٿي 85
4. حڪومت اقتصاد جي استحڪام ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري ٿي 86

| | |
|---|---|
| 5. حڪومت مال ۽ پيون سهولتون مهيا ڪري ٿي | 88 |
| 6. پرڏيهي تعلقات ۾ حڪومت جو ڪردار | 89 |
| حڪومت جي اقتصادي ڪردار ۾ ڇو واڌارو آيو آهي؟ | 90 |
| حڪومت پنهنجين سرگرمين لاءِ پئسو ڪٿان آڻي ٿي؟ | 91 |
| ٻين ملڪن ۾ حڪومت جو اقتصادي ڪردار | 95 |
| **اقتصادي ۽ سماجي مقصدن جو حصول** | |
| آمريڪا جا اقتصادي ۽ سماجي مقصد | 97 |
| اقتصادي ترقي | 98 |
| 1. اقتصادي ترقيءَ جو رڪارڊ | 98 |
| 2. تاريخ جا سبق | 101 |
| 3. مستقبل طرف نگاهه | 103 |
| اقتصادي استحڪام | 104 |
| 1. استحڪام حاصل ڪرڻ جون پاليسيون | 105 |
| 2. استحڪام جو رڪارڊ | 107 |
| 3. مڪمل روزگار ۽ قومي بچاءُ | 108 |
| 4. مستقبل ڏانهن نگاهه | 110 |
| اقتصادي قابليت | 110 |
| 1. اقتصاديات ۾ مال واپرائيندڙن جي حيثيت | 110 |
| 2. اقتصاد ۾ مزدور جو درجو | 113 |
| 3. ڇتا پيٽي ۽ هڪ هٽي | 114 |
| 4. نتيجا | 115 |
| اقتصادي تحفظ | 115 |
| 1. پنهنجو پاڻ تحفظ حاصل ڪرڻ | 116 |
| 2. خانگي اجتماعي وسيلن سان تحفظ حاصل ڪرڻ | 116 |
| 3. وڌيڪ تحفظ لاءِ سرڪاري عمل | 119 |
| 4. آئيندي تي نگاهه | 120 |
| اقتصادي انصاف | 122 |
| اقتصادي ۽ سياسي آزادي | 124 |
| **نتيجا** | 126 |

# اقتصادي ترقيءَ جا رستا

۽

# آمريڪي تجربو

سڄيءَ دنيا ۾ لکين ڪروڙين ماڻهو پنهنجي، ۽ پنهنجي ڪٽنبن لاءِ بهتر زندگيءَ جي خواهش رکن ٿا - هڪ آزاد ملڪ ۾، آزاد ماڻهن وانگر. "گهرج" ۽ "محتاجيءَ" کان آزاد رهڻ چاهين ٿا. ڪي گهڻا سال نه ٿيا، جو آمريڪا، بينڪي راڄ جي شڪنجي مان آزادي حاصل ڪئي. دنيا جي انهيءَ پهرئين عظيم عوامي انقلاب کان پوءِ، هن ملڪ ترقيءَ جي انهيءَ شاهراه تي قدم کڻڻ شروع ڪيو، جنهن تي اڄ ڪيئي ترقي پذير ملڪ گامزن آهن. اهو آهي آمريڪي تجربي جو قصو - اقتصادي ترقيءَ جو هڪ رستو - جو ڪتاب جي مصنفن سادن ۽ سليس لفظن ۾ سچائيءَ سان ٻڌايو آهي.

(1)

# تاريخ جا سبق

## سيني ماڻهن جون ساڳيون اميدون

جڏهن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪئي ويندي آهي، تڏهن اڪثر ائين ڀانيندو آهي ته انهن ماڻهن کي هڪ ٻئي کان جدا رکندڙ ۽ مختلف طبقن ۾ تقسيم ڪندڙ ڳالهين کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي.اها حقيقت آهي ته ماڻهو هڪ ٻئي کان رنگ، مذهبي عقيدن ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان مختلف آهن. اهو به سچ آهي ته ڪي ماڻهو انتهائي خوشحالي ۽ آسودگيءَ ۾ رهن ٿا ته ڪي بيحد کان وڌيڪ مفلسيءَ ۾ وقت گذارين ٿا. هن حقيقت کان به ڪو انڪار نٿو ڪري سگهي ته دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ بيشمار قومن جا هنر، رسمون ۽ روايتون هڪ ٻئي کان گهڻي قدر مختلف آهن.

پر قومن ۾ جيڪي به فرق ۽ اختلاف نظر اچن ٿا، سي سيئي ان وقت گم ٿي وڃن ٿا، جڏهن اختلافن کان وڌيڪ اهميت رکندڙ انهن ڳالهين تي نظر وجهجي ٿي، جي سيني ۾ ساڳيون ۽ هڪ جهڙيون آهن: ساڳيون ئي انساني اميدون، ساڳيائي خواب ۽ تمنائون، اهي قومون خواهه اتر آمريڪا جون هجن، خواهه لاطيني آمريڪا جون، ايشيا ۽ آفريڪا جون هجن يا يورپ جون، سيني جون عورتون ۽ مرد انهن ساڳين ۽ هڪ جهڙن مقصدن ۾ پائيوار آهن. اهي سڀ پاڻ کي پنهنجن گهرن ۾ خوش ۽ محفوظ ڏسڻ چاهين ٿا، ۽ بک، بيماريءَ ۽ مفلسيءَ جي فڪرن کان آزاد رهڻ جي آرزو رکن ٿا.

ماڻهو هر هنڌ پنهنجي حالت کي سڌارڻ ۽ پنهنجي اولاد لاءِ بهتر زندگي تعمير ڪرڻ جي موقعي ملڻ جي انتظار ۾ رهن ٿا. پنهنجي ٻنيءَ جو پاڻ مالڪ بنجڻ، پنهنجو دڪان پاڻ هلائڻ، ڪارخاني ۾ ترقي ڪري بهتر جاءِ تي پهچڻ - اهي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جي هر هڪ ماڻهوءَ کي گهرج آهي ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ڪو ماڻهو هر هنڌ محنت ڪندو نظر اچي ٿو. هر انسان هڪ اهڙي معاشري ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو، جنهن ۾ هو، پنهنجين ڪوشش جي نتيجي طور، پاڻ ۽ سندس خاندان عزت آبرو، وقار، سلامتيءَ ۽ آزاديءَ سان زندگي گذاري سگهي.

پر، دنيا جي عورتن ۽ مردن کي زندگيءَ جون رڳو مادي شيون - گهر، پوشاڪ، خوراڪ، سائيڪل يا موٽر گاڏي - نہ تيون گهرجن. کين آزادي پڻ گهرجي. هو چاهين ٿا تہ هو اهڙا فيصلا پاڻ ڪري سگهن تہ هو ڪٿي ڪم ڪن ۽ پنهنجو ڪمايل پئسو ڪيئن خرچ ڪن. سڀ ڪان وڌيڪ، کين ڌارين جي مڙهيل بينڪي راڄ کان نجات گهرجي. هوچاهين ٿا تہ سندن حڪومتون انهن جون حڪمران نہ، پر خدمتگار ٿي رهن. هو آزاد تقرير ۽ آزاد تحرير وسيلي پنهنجن خيالن جي آزاداڻي اظهار ڪرڻ جو حق گهرن ٿا ۽ آزاد اسڪولن ۽ يونيورسٽين جي ذريعي علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. هو آزاد چونڊن ذريعي اهو فيصلو ڪرڻ چاهين ٿا تہ سندن ملڪ لاءِ ڪهڙي طريقي جي حڪومت موزون ٿيندي ۽ جيڪڏهن اها حڪومت اڳتي هلي، کين مطمئن نہ ڪري سگهي، تہ ان کي بدلائي سگهڻ سندن ئي وس ۾ هجي.

عالمي تاريخ جي لاڳيتن دورن ۾ عورتون ۽ مرد انهيءَ قسم جي آزاديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهيا آهن، ۽ هنن ان لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪيون آهن. آمريڪا جي ماڻهن سن 1776ع ۽ 1783ع جي درميان، بينڪي راڄ جي خلاف جنگ جوٽي ۽ ان کان نجات حاصل ڪئي. آمريڪي انقلاب، سڄي انساني تاريخ ۾، پهرين ڪامياب عوامي بغاوت هئي. سن 1800ع کان پوءِ ايندڙ اوائلي سالن ۾ لاطيني آمريڪا جي ماڻهن اسپين کان آزادي حاصل ڪئي. هندستان، پاڪستان، برما، سلون ۽ انڊونيشيا، سڀئي 1940ع کان پوءِ آزاد ٿيا، اڄ، آفريڪا جي ڪروڙن ماڻهن آزاديءَ جي جنگ جيتي آهي. هاڻي، دنيا جون ڪي ٿوريون ايراضيون يورپي طاقتن جي حڪومت هيٺ بينڪن جي حيثيت ۾ وڃي بچيون آهن. بينڪيت اڄ بنهہ موت جي ويجهو آهي. آمريڪي انقلابين 1776ع ۾ آزاديءَ جي جيڪا جوت جلائي هئي، تنهن پنهنجي تجلي سڄيءَ دنيا ۾ پکيڙي ڇڏي آهي.

هن ڪتاب لکڻ جو مقصد هيءُ آهي تہ دنيا جي هر حصي ۾ رهندڙ ماڻهن کي هن حقيقت معلوم ڪرڻ ۾ مدد ڏجي تہ اهي،ڏاڍين مشڪلاتن سان حاصل ڪيل پنهنجي خودمختاريءَ ۽ انتهائي قيمتي شخصي آزاديءَ کي قربان ڪرڻ کان سواءِ، پنهنجا گڏيل ۽ هڪجهڙا انساني مقصد ڪيئن حاصل ڪري سگهن ٿا.

# سيني ماڻهن جا ساڳيا اقتصادي مسئلا

## 1- اقتصادي ترقيءَ جو مسئلو

هيءَ هڪ دل کي ڏکوئيندڙ حقيقت آهي تہ دنيا جا اڪثر ماڻهو اڃا تائين غريب آهن. گهڻن کي کائڻ لاءِ پورو ڪونهي. گهڻا اهڙين جهوپڙين يا ڪچين جاين ۾ رهن ٿا، جيڪي سندن اهل عيال جي ضرورتن لاءِ ڪافي ناهن. ڪروڙن ماڻهن کي ٻنين يا ڪارخانن ۾ گهڻيءَ دير تائين ڳهٽو پوي ٿو، ڇاڪاڻ تہ سندن ڪم کي آسان ۽ وڌيڪ ڦلدائڪ بنائڻ لاءِ وٽن ڪي موزون اوزار ۽ مشينون ڪونهن. دنيا ۾ اسڪولن خواهہ اسپتالن جو تعداد انساني ضرورتن لاءِ پورو ڪونهي. پڪا رستا ٿورا آهن. ايترا ڪارخانا ڪونهن، جي سيني انسانن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جيترو مال ناهي سگهن.

جيڪڏهن دنيا جي ماڻهن کي بهتر زندگي گذارڻي آهي، تہ پوءِ ڪين پنهنجي پيداوار کي وڌائڻو پوندو. ڪين پنهنجين ٻنين ٻارن مان وڌيڪ اُپائڻو پوندو.هنن کي وڌيڪ ڪارخانا ۽ پڪا رستا تعمير ڪرڻا پوندا . ڪين نيون صنعتون قائم ڪرڻيون پونديون. هر هڪ شيءِ جي اڳي کان وڌيڪ پيداوار ڪهڙيءَ طرح ڪئي وڃي، تنهن کي ئي "اقتصادي ترقيءَ جو مسئلو" چيو وڃي ٿو. دنيا جي اڪثر ملڪن کي، ڪنهن نہ ڪنهن طرح، تيزيءَ سان اقتصادي ترقي ڪرڻي پوندي. جيسين اُهي ائين نہ ڪري سگهندا، تيسين سندن ماڻهن جي زندگيءَ جا معيار بلند نہ ٿي سگهندا .

جيڪڏهن اقتصادي ترقي ڪرڻي آهي، تہ پوءِ ان لاءِ گهڻيون ڳالهيون گهرجن. سڀ کان پهريائين، ماڻهن کي نئين "ڄاڻ" ۽ نوان "فن" حاصل ڪرڻا پوندا . ڪين اهو سکڻو پوندو تہ زمين کي ڪهڙيءَ طرح پوکجي، جو ان مان اڳي کان وڌو فصل ملي. چوپائي مال کي پالڻ جو ڪين اهڙو ڍنگ سکڻو پوندو، جنهن سان انهن مان ڪين وڌيڪ کير ۽ گوشت ملي سگهي. ڪين اهڙن اوزارن استعمال ڪرڻ ۽ مشينن هلائڻ جو هنر سکڻو پوندو، جن جي وسيلي هو هٿ سان ڪم ڪرڻ جي مقابلي ۾ وڌيڪ شيون ناهي سگهن. ڪين اهو بہ سکڻو پوندو تہ ڪارخانن ۾ فورمين (وڏو مستري) ڪيئن ٿجي ۽ پنهنجا ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪيئن هلائجن. ڪين اهو سِکڻو پوندو تہ ڊاڪٽر، نرس، استاد، انجنيئر، اڪائونٽنٽ ۽ انتظامي آفيسر ڪيئن ٿجي.

پيو تہ ماڻهو وڏيڪ شيون تيسين پيدا نہ ڪري سگهندو، جيسين وٽس وڏيڪ "سرمايو" موجود نہ هوندو. انهيءَ مفهوم ۾، سرمايي جي معنيٰ آهي، "اُهي مشينون، اوزار ۽ ڪارخانا، پڪا رستا، ريلوائي رستا، بحري جهازن جي لنگر انداز ٿيڻ جا پڪا گهاٽ، پاڻيءَ کي وڏي مقدار ۾ گڏ ڪرڻ جا بند، آبپاشيءَ جا ذريعا ۽ پمپ - مطلب تہ اُهي سڀ شيون، جيڪي ڪارخانن ۾ ٺهيل نڪيل شين جو اڳي کان وڏيڪ مقدار ۾ تيار ٿيڻ ممڪن بڻائين ٿيون، جن جي ماڻهن کي ضرورت آهي."

ٽيون، اقتصادي ترقي ڪرڻ لاءِ "قدرتي وسيلن" - انهن شين جي جيڪي قدرت طرفان مهيا ڪيون ويون آهن، ضرورت ٿئي ٿي. ٻارڻ لاءِ ڪوئلو ۽ تيل گهرجي. اسرندڙ فصلن لاءِ زرخيز مٽيءَ، پاڻيءَ ۽ صحيح قسم جي آب و هوا جي ضرورت آهي. لوهہ ۽ رڪ ناهڻ لاءِ خام لوهہ جهڙن ڌاتن جي موجودگي ضروري آهي. بجليءَ کي هڪ کان ٻئي هنڌ تائين پهچائڻ لاءِ تار گهرجي، ۽ ان جي ناهڻ لاءِ ڪاٺين مان ٽامو ڪوٺي ڪڍڻو پوي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن اهي قدرتي دولت واريون شيون ملڪ اندر ئي موجود ملن ٿيون، پر اڪثر حالتن ۾، سڀ شيون هڪ هنڌ گڏ نہ ملي سگهنديون آهن. جيڪڏهن اهي سڀ شيون هڪ ئي مهل ملڪ اندر موجود ناهن، تہ پوءِ اهي اهڙن ملڪن کان خريد ڪرڻيون پون ٿيون، جن وٽ اهي موجود آهن. پر قدرتي وسيلا خواهہ ڪهڙي بہ طريقي سان حاصل ڪيا وڃن، انهن لاءِ بهر صورت انساني ڪوشش ۽ سرمايو درڪار آهي.

آخر ۾، جيڪڏهن اقتصادي ترقي ڪرڻي آهي، تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ ملڪ اندر صحيح قسم جا "سياسي"، "اقتصادي" ۽ "سماجي" ادارا موجود هجن. مثلاً، ملڪ اندر مستحڪم حڪومت هجي، جيڪا اقتصادي ترقيءَ جون رٿائون ناهي ۽ انهن کي عملي جامو پهرائي سگهي. حڪومت اهڙن ماڻهن تي مشتمل هئڻ گهرجي، جن کي ملڪ جي عوام جي عام بهبودي ۽ سندن مفاد پيارو هجي. ان کان سواءِ، ناڻي ۽ بئنڪاريءَ جو نئون نظام موجود هئڻ گهرجي. ماڻهن کي صحيح تربيت ڏيڻ لاءِ اسڪول ۽ يونيورسٽيون هجن ۽ ڪين بيمارين کان بچائڻ ۽ مرضن کان شفا ڏيارڻ لاءِ اسپتالون هئڻ گهرجن.

آخر اهي سڀ شيون ڪيئن حاصل ٿي سگهنديون، جو اقتصادي ترقي ٿئي ۽ زندگيءَ جا معيار بُلند ٿين. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪروڙها

باشندن لاءِ سيني کان وڏي اهميت رکندڙ اقتصادي مسئلو اهو ئي آهي. ساڳيو ئي مسئلو، ڪنهن ٿوريءَ حد تائين، دنيا جي صنعتي ترقي يافته ملڪن، جهڙوڪ: آمريڪا، جپان ۽ اُلهندي يورپ جي قومن کي پڻ درپيش آهي، صنعتي ترقي يافته ملڪ، هن وقت، ترقيءَ جي شاهراهه جون ڪي منزلون اڳيئي پار ڪري چڪا آهن، جو انهن شروعات اڳ پرو ڪئي هئي. پر اهي پڻ، ترقيءَ ۽ واڌاري جي انهيءَ سلسلي کي جاري رکڻ جا خواهشمند آهن. انهن جا شهري به اڳي کان بهتر زندگيءَ جا طلبگار آهن. چاڪاڻ ته انهن ماڻهن کي به هيءُ مسئلو درپيش آهي ته هنرن کي ڪيئن وڌائجي ۽ سڌارجي، ۽ وڌيڪ سرمايو ڪيئن حاصل ڪجي. ٻين لفظن ۾، مرڪزي اقتصادي مسئلو هر هنڌ ساڳيو آهي. فرق فقط هي آهي ته صنعتي لحاظ کان وڌيڪ ترقي يافته ملڪن جي مقابلي ۾، اقتصادي طور گهٽ ترقي يافته ملڪن لاءِ انهيءَ مسئلي کي وڌيڪ جلد حل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## 2- اقتصادي تنظيم جو مسئلو

اسان جو مول مقصد آهي اقتصادي ترقي. هاڻي، اسان کي انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان اول سڀ کان وڌيڪ اهميت واري سوال کي مُنهن ڏيڻ گهرجي: يعني اسان کي ڏسڻ گهرجي ته ملڪ جي ماڻهن کي انهيءَ مقصد حاصل ڪري سگهڻ لاءِ، پنهنجي اقتصادي زندگيءَ جي تنظيم ڪهڙيءَ طرح ڪرڻ گهرجي؟ هر ملڪ کي سندس اقتصادي سرگرميءَ کي هلائڻ جو ڪو نه ڪو طريقو اختيار ڪرڻو آهي. مختصر طور، هيئن ڪٿي چئجي ته هر ملڪ کي پنهنجي لاءِ هڪ "اقتصادي نظام" قائم ڪرڻو آهي.

اهو اقتصادي نظام اهڙو هئڻ گهرجي، جو اهو ماڻهن کي هيءُ رستو ڏيکاري ته ڪين ڪهڙو ڪهڙو مال تيارڪرڻ گهرجي. هر هڪ شيءِ ڪيتريقدر تيار ڪئي وڃي ۽ اها ڪهن کي ڏجي. انهيءَ اقتصادي نظام کي اهڙيءَ طرح ڪم ڪرڻ کپي، جو سالن گذرندي، ملڪي ماڻهو، جيئن پوءِ تيئن، زندگيءَ جا درجي بدرجي بُلند ٿيندڙ معيار ماڻيندا رهن: اهڙي اقتصادي نظام مان ئي مقامي ماڻهن کي بهتر کان بهتر قسم جي خوراڪ، رهائشي جايون، پوشاڪ ۽ اڳي کان اڳريون ۽ مٿيريون حقيقي اُجرتون حاصل ٿينديون رهن. انهن سيني ڳالهين کان علاوه، اقتصادي نظام اهڙو هئڻ گهرجي، جو ملڪي ماڻهن کي

گهٽي ڪان گهٽي آزادي - سياسي خواهہ اقتصادي آزادي ميسر هجي.

تاريخ جي گذريل دؤرن ۾، مختلف نمونن جا اقتصادي نظام ٿي گذريا آهن، ۽ اڄ بہ دنيا ۾ ڪيترن قسم جا جدا جدا نظام قائم آهن. قديم مصر ۾، هڪ اهڙو نظام قائم هو، جنهن ٻانهن جي محنت ۽ مشقت ذريعي عظيم اهرامن جي تعمير ڪي ممڪن بنايو. وچين صدين دوران، يورپ ۾ هڪ اهڙو جاگيرداراڻو نظام قائم هو، جنهن هيٺ اڪثر ملڪي ماڻهن کي هر هفتي، خاص طور مقرر ڪيل وقتن تائين، جاگيردار جي ٻنين ۾ ٻانهن جي حيثيت ۾ بيگار وهٽي پوندي هئي. انهيءَ کان وڏيڪ قريب زماني ۾ مختلف نمونن جا بينڪي نظام ٿي گذريا آهن، جن ۾ وري وڏن وڏن زميندارن جي ٻنين ۽ جاگيرن تي بيشمار ماڻهن کي ڳهٽو پوندو هو. انهن سڀني اقتصادي نظامن - ٻانهپ، جاگيرداري يا بينڪيت منجهان ڪو هڪ بہ گهٽي انداز ۽ گهٽي مقدار ۾ پيداوار نہ ڪري سگهيو، ۽ يقيناً، انهن سڀني نظامن مان، ڪنهن بہ هڪ طريقي سان عام شهريءَ کي اُهي بہ شيون نہ مليون، جن جي اڄ بہ ڪيس سڀ کان وڏيڪ ضرورت آهي - يعني زندگيءَ جو بلند ٿيندڙ معيار ۽ آزادي.

اڄوڪيءَ دنيا ۾ جيڪي اقتصادي نظام رائج آهن، سي هنن نالن سان سڏجي رهيا آهن - "سرمائيدارانہ نظام، اشتمالي يا ڪميونسٽ نظام ۽ اشتراڪي يا سوشلسٽ نظام" پر انهن سڀني نالن منجهان ڪو هڪ بہ پنهنجي ليکي حقيقي معنيٰ ۾ اها نشاندهي نٿو ڪري سگهي تہ آمريڪا، سوويت روس، برطانيا، هندستان ۽ سئيدن جهڙن ملڪن جا اقتصادي نظام سچ پچ ڪهڙيءَ نوعيت جا آهن. "سرمائيداري"، "اشتماليت" ۽ "اشتراڪيت" اهڙا لفظ آهن، جيڪي سڀ کان اول اوڻيهين صديءَ ۾ اهڙن اقتصادي نظامن جي تشريح ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا، جن ۾خود انهيءَ زماني کان وٺي هن وقت تائين، تمام گهٽي تبديلي اچي چڪي آهي. دراصل، اهميت لفظن کي نہ، پر هن ڳالهہ کي آهي تہ ڪنهن ملڪ جي اقتصادي زندگيءَ جي تنظيم عملي طور ڪهڙيءَ طرح ڪئي ويئي آهي ۽ اتان جا ماڻهو زندگي سچ پچ ڪيئن گذاري رهيا آهن.

جيڪي ملڪ اهڙن اقتصادي نظامن کي، جي سندن شهرين کي زندگيءَ جا اعليٰ معيار ۽ آزادي مهيا ڪن ٿا، ترقي وٺائڻ ۾ سڀني کان وڏيڪ ڪامياب ٿيا آهن، سي آهن: آمريڪا ۽ ڪئنادا، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ، ۽

الهندي يورپ جي ڪن ملڪن جو هڪ گروهہ. جن ۾ ناروي، سئيڊن، ڊينمارڪ، سئٽزرلينڊ ۽ برطانيا شامل آهن.

پر ان مان هي مطلب هرگز ناهي تہ انهن ملڪن کي، جن پنهنجن ماڻهن کي آزادي ۽ زندگيءَ جو اعليٰ معيار عطا ڪيو آهي، ڪي بہ مشڪل ۽ اڻ سلجهيل مسئلا ڪونهن. خود آمريڪا ۾ ڪيئي مسئلا اڙا آهن، جيڪي حل طلب آهن. ان جو اقتصادي نظام ڪامل ڪونهي. پر سن 1789ع ۾ ابتدا ڪرڻ کان وٺي، هن وقت تائين، آمريڪا پنهنجن شهرين جي زندگيءَ جا معيار تمام اوچيءَ سطح تي پچايا آهن. اڪثر شهرين کي ترقيءَ جا وجهہ ۽ اقتصادي تحفظ ڏنو ويو آهي ۽ انهن اهي سڀ ڳالهيون هڪ آزاد معاشري جي حيثيت ۾ ئي حاصل ڪيون آهن. انهيءَ لحاظ سان، آمريڪا ۾ اقتصادي زندگيءَ جي تنظيم جنهن طريقي سان ڪئي وڃي ٿي، سو ترقي پذير اقتصادي نظام وارن ملڪن جي ماڻهن لاءِ، مطالع ڪرڻ جي لائق آهي. ظاهر آهي تہ ترقي پذير ملڪ آمريڪي اقتصادي نظام جو هر هڪ تفصيل ۾ نقل ڪرڻ نہ چاهيندا، ڇاڪاڻ تہ سندن پنهنجا ملڪ آمريڪا کان مختلف آهن. پر ان جي باوجود، آمريڪي تجربي ۾ گهڻيون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جي ڪين مدد ڪري سگهنديون.

سوويت يونين پنهنجي صنعتي پيداوار کي، سن 1917ع کان وٺي، جڏهن ڪميونسٽ راڄ قائم ٿيو، وڌائڻ ۾ گهڻي قدر ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. پر اها پنهنجي غذائي پيداوار وڌائڻ ۾ گهڻي قدر گهٽ ڪامياب ٿي آهي. اڄ بہ سوويت يونين ۾ زندگيءَ جا معيار اولهہ يورپ جي ملڪن کان گهڻو هيٺ آهن، ۽ آمريڪا سان تہ انهن جو ڪو مقابلو ئي ڪونهي. تنهن کان سواءِ، سوويت يونين ۾ اقتصادي اوسر جي شرح وڌيءَ هئڻ جي باوجود، جپان، اٽليءَ ۽ اولهہ جرمنيءَ جهڙن غير ڪميونسٽ ملڪن جي اُنهيءَ شرح کان مٿي ناهي، جيڪا اهي ملڪ گذريل چند سالن ۾، حاصل ڪري ۽ ماٿي سگهيا آهن.

ڪميونسٽ ملڪن جي وڏي کان وڏي ناڪامي اها رهي آهي تہ هو پنهنجن شهرين کي سياسي يا اقتصادي آزادي ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن. برطانيا، فرانس ۽ آسٽريليا جهڙن ملڪن جي عوام، آزادانہ چونڊن وسيلي، سوشلسٽ حڪومتن کي اقتدار ۾ آندو آهي ۽ وري بين آزادانہ چونڊن ۾ انهن ئي حڪومتن کي اقتدار کان محروم ڪري، ٻاهر ڪڍيو آهي. ان جي مقابلي

۾ هڪ دفعو جڏهن ڪنهن ڪميونسٽ حڪومت اقتدار تي قبضو ڄمايو آهي تہ پوءِ ڪنهن کي بہ اها طاقت ناهي. جو ان کي اقتدار تان هٽائي سگهي. نہ وري ڪميونسٽ معاشرن ۾، خرچ ڪندڙن کي، خريداريءَ ڪرڻ مهل، پنهنجي مرضيءَ مطابق مال جي چونڊ ڪرڻ جي ڪا آزادي حاصل آهي. ڪميونسٽ ملڪن ۾، هيءُ فيصلو، خرچ ڪندڙن جي وس ۾ ناهي تہ ملڪ جي ڪارخانن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ناهيون وڃن، پر اهو فيصلو اُتان جي حڪومتن جي هٿ ۾ رهي ٿو. روسي هارين کي اجتماعي فارمن ۾، ۽ چيني آبادگارن کي گڏيل راڄن (Communes) ۾ شريڪ ٿيڻو ٿي آهي. بنهي ملڪن جا آبادگار، ڪا بہ زمين پنهنجي ذاتي ملڪيت طور نٿا رکي سگهن. جيئن دنيا جي ٻين حصن ۾ رهندڙ ماڻهو ڪري سگهن ٿا. نتيجي طور، گهڻا ڪميونسٽ ملڪ ايترو اناج نٿا اُپائي سگهن، جنهن سان هو پنهنجن ماڻهن جو پيٽ ڀري سگهن. ان ڪري، اهڙن ملڪن کي، مغربي ملڪن طرفان غذا جون شيون، يا تہ وڪرو ڪري ڏيڻيون پون ٿيون يا ڪين ائين ٿي مفت ڏنيون وڃن ٿيون، جيئن آمريڪا هيلتائين وقت بوقت کين ڏنيون آهن.

ظاهر آهي تہ اقتصادي ۽ سياسي آزاديءَ کي برقرار رکي ڪري، جيڪڏهن تيز رفتار اقتصادي ترقي ۽ زندگيءَ جا اعليٰ معيار حاصل ڪرڻا آهن، تہ پوءِ انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي طريقن سکڻ لاءِ، آمريڪا ۽ ٻين مغربي يورپي ملڪن جو ئي مطالعو ڪرڻ گهرجي. اڄ جي نوَن آزاد ملڪن کي مغرب جي بهترين تجربي کي، پنهنجين مخصوص حالتن جي تقاضائن سان نهڪائي، اقتصادي ترقيءَ جو هڪ خاص گڏيل ۽ مجرب نمونو تجويز ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ٿي، اهي ملڪ پنهنجن اهڙن انفرادي ۽ خصوصي معاشرن کي ترقي ڏيندا، جي هڪ ئي وقت اُپائيندڙ بہ هوندا ۽ آزاد بہ هوندا.

# اسين تاريخ مان ڇا ٿا سکي سگهون؟

## 1-تجربي جو گڏيل مختارنامو

اڄ جي گهڻ ترقي يافتہ ملڪن جي ماڻهن جي دلين ۾، پنهنجي پنهنجي ملڪي اقتصاديات کي ترقي وٺائڻ جي خواهش، ڪا نئين ناهي. خوش قسمتيءَ سان، جديد ڪاريگريون ۽ نئين زماني جون مشينون، هڪ يا ٻہ

صديون اڳي واري زماني جي مقابلي ۾. هن وقت گهٽي قدر وڏيڪ تيزيءَ سان اقتصادي ترقيءَ کي ممڪن بڻائين ٿيون. ان جي باوجود، هيءَ حقيقت آهي تہ اڄ هر ملڪ ترقيءَ جي الڳ الڳ ڏاڪي تي بيٺل آهي.


ڪي ملڪ، جهڙوڪ: آمريڪا، ترقيءَ جي شاهراهہ تي گهڻو اڳتي نڪري ويا آهن. ڪي ٻيا ملڪ، جهڙوڪ آفريڪا جا نوَ آزاد ملڪ، اڃا هاڻي الله توهار ڪري رهيا آهن. اُنهن ملڪن کي جيڪي بہ اقتصادي مسئلا درپيش آهن، تن مان گهڻا ڪنهن زماني ۾ آمريڪا کي پڻ درپيش هئا. اهِا حقيقت، گويا انسانذات لاءِ تجربي ۽ ڄاڻ جو هڪ گڏيل مختارنامو آهي.

هن باري ۾ هيءَ ڳالهہ عام مجيل آهي تہ جديد صنعت جي شروعات سڀ کان اول ارڙهين صديءَ ۾، برطانيا ۾ ٿي. اها شروعات، اُنهيءَ صنعتي انقلاب جي ابتدا هئي، جو برطانيا کان پوءِ سڄيءَ دنيا ۾ چوڌاري پکڙجي ويو ۽ اُهو اڄ بہ دنيا ۾ جهڙوڪ: هندستان، ميڪسيڪو، برازيل، گهانا، مصر ۽ ٻين گهڻن ملڪن ۾ روڏندو رهي ٿو.

صنعتي انقلاب، اُڻويهين صديءَ جي اوائلي حصي ۾، برطانيا کان پوءِ فرانس ۽ آمريڪا ۾ عمل ۾ آيو. آمريڪا، سن 1776ع کان اڳي، جڏهن برطانيا جو هڪ نوَ آبادياتي ملڪ هو، تڏهن اهو هڪ اهڙو ملڪ هو، جو برطانيا ڏانهن ڪپهہ ۽ تماڪ موڪليندو هو ۽ انهن جي بدلي ۾ ڪيس برطانوي ساخت جو، ڪارخانن ۾ ٺهيل، مال ملندو هو. پر، آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، آمريڪا پنهنجي زراعت سان گڏوگڏ، خود پنهنجين صنعتن کي ترقي ڏيڻ شروع ڪئي ۽ اها آهستي آهستي پاڻ دنيا جي هڪ مکيہ صنعتي طاقت بڻجي پيئي.


اوڻهين صديءَ جي آخرين چوٿائيءَ ۾، صنعتي انقلاب جرمني، جاپان ۽ روس ڏانهن وِک وڌائي. روس، سن 1917ع واري ڪميونسٽ انقلاب کان اڳي بہ، ڪيترين اهم صنعتن ۾ ترقي ڪئي هئي، حالانڪہ انقلاب کان پوءِ اُتي ڪيئي ٻيون صنعتون ترقي وٺي چڪيون آهن. ويهين صديءَ جي اوائلي حصي ۾ خاص طرح پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ (1914ع - 1918ع) واري دور ۾ ڪئناڊا، آسٽريليا، ۽ هندستان پنهنجي صنعتي ترقيءَ جي دور جو آغاز ڪيو. ميڪسيڪو ۽ برازيل وري سن 1940ع ۽ 1950ع جي وچئين ڏهاڪي ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي، جنهن جو سلسلو اڄ بہ جاري آهي.

African Nations Independent Since World War II




**(ٻي مهاياري جنگ کان پوءِ آزاد ٿيل آفريڪي قومون)**

ٻي مهاياري جنگ (1939ع - 1945ع) کان پوءِ، وڏي تعداد ۾ نون ملڪن آزادي حاصل ڪئي، جن ۾ پاڪستان، هندستان، انڊونيشيا، برما، سلون، لبنان ۽ شام شامل هئا. سن 1950ع کان پوءِ وارن ڏهن سالن اندر اجا ٻـ ڪي وڌيڪ ملڪ، جهڙوڪ: لبيا، گهانا، ڪئمبوڊيا، ويٽنام، ملايا، مراقش ۽ تيونس آزاد ٿيا. سن 1960ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾، آفريڪا ۾ گهٽين نين قومن جنم ورتو، جن ۾ نائجيريا، ٽئنگنيڪا، جمهوريہ ڪانگو، مالي، جمهوريہ اُتر وولٽا، سيراليئون، سوماليہ، آئوري ڪوسٽ ۽ ٻيا ٻـ اهڙا ڪيئي ملڪ اچي وجن ٿا.




(ڪار اٽڪرا:وچ اوير ۽ ايشيا جون قومون، جي ٻي مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ آزاد ٿيون)

اهي نوان ملڪ قومن جي عالمي برادريءَ ۾ شامل ٿي چڪا آهن. انهن نون ملڪن کي هينئر، اقتصادي ترقيءَ جي منزل مقصود ڏانهن ويندڙ انهيءَ پيچري تي هلڻو پوندو، جيڪو ڪائنس اڳي وڏيڪ ترقي يافته ملڪ لتاڙي چڪا آهن. هن ڪتاب لکڻ جي مول مقصدن مان هڪ اهو به آهي ته ڏسجي ته وڏيڪ اڳاٽن ملڪن جا حاصل ڪيل اقتصادي تجربا اڄ جي نسبتاً نين قومن کي ڪهڙيءَ ريت مدد ڪري سگهن ٿا.

## 2- قومن جو هڪٻئي تي آڌار

تاريخ جي مختلف سبقن مان هڪ هيءُ آهي ته ڪو به ملڪ جيڪڏهن چاهي ته ٻاهرينءَ امداد وٺڻ کان سواءِ ان ۾ واڌارو ۽ سڌارو اچي، ته اهو ڏاڍو مشڪل آهي. اقتصادي واڌاري جي سلسلي ۾، ٻين شين کان علاوه، سرمايي (مشينن ۽ اوزارن) ۽ ڪاريگريءَ ۽ ڄاڻ جي تمام سخت ضرورت ٿئي ٿي. اڪثر موقعن تي، اهي ٻيئي شيون اهڙن ملڪن کان قرض طور وٺيون پونديون آهن، جن وٽ اهي اڳيئي هونديون آهن.

اٺويهين صديءَ جي اوائلي سالن ۾، آمريڪا هڪ اهڙو ملڪ هو، جو قدرتي وسيلن ۾ تمام شاهوڪار هو، بهرحال، ان وقت ان ۾ تمام ٿورا ماڻهو آباد هئا ۽ وٽس سرمايي جي به کوٽ هئي. ماڻهن جي ٿوريءَ آباديءَ جو مسئلو، يورپ ۽ ٻين ملڪن کان ڪروڙن جي تعداد ۾ ماڻهن جي اچڻ سان حل ٿي ويو، جيڪي نئين ملڪ ۾ آباد ٿيڻ لاءِ ايندا رهيا. سرمايي جو مسئلو يورپ، پر خاص طور برطانيا کان قرض وٺڻ جي صورت ۾ حل ٿيو. ان وقت برطانيا، صنعتي لحاظ کان آمريڪا کان تمام گهڻو وڌيل ۽ سڌريل ملڪ هو. هو آمريڪا کي سندس ضرورتن لاءِ ايترو پئسو اڌارو ڏيئي ٿي سگهيو، جنهن جي ان کي گهربل مشينن ۽ اوزارن جي خريداريءَ لاءِ ضرورت هئي. چاڪاڻ، برطانوي سرمايي آمريڪا ۾ ريلوي رستن، ڪارخانن ۽ ڪاٽين جي تعمير ۾ مدد ڏني. جيئن جيئن آمريڪي پيداوار وڌندي ويئي، تيئن تيئن آمريڪي ماڻهو وڌيڪ بچت ڪري ٿي سگهيا. هاڻي حالت اها آهي، جو آمريڪا پاڻ انهن ملڪن کي سرمايو اڌارو يا امداد طور ڏيئي سگهي ٿو، جيڪي پنهنجي اقتصاديات کي ترقيءَ ڏيڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن.

هيءَ ڳالهه قابل غور آهي تہ اڻويهين صديءَ ۾ جيڪو غير ملڪي سرمايو آمريڪا ۾ آيو هو، سو سڀ خانگي هو. ان جي باوجود متيئن حقيقت جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ آمريڪا کي پنهنجي ڪا بہ آزادي هٿان وڃائڻي پيئي يا متس برطانيا جو ڪو ضابطو قائم ٿيو. بلڪل اهڙيءَ طرح، اڄ بہ هن ڳالهہ لاءِ ڪو بہ اهڙو سبب ڪونهي، جو قرض وٺندڙ ملڪن ۾ غير ملڪي ڪاروبار قائم ٿيڻ سان اُتي جي ملڪي آزاديءَ لاءِ ڪو خطرو پيدا ٿئي. موجوده دور جا آمريڪي واپاري اڻويهين صديءَ جي گهڻن سرمائيدارن کان، نہ فقط وڌيڪ ذميوار آهن، پر موجوده دور ۾ قرض وٺندڙ ملڪن جي حڪومت کي بلڪل بجا طور هن معاملي ۾ اڳي کان وڌيڪ ڳالهائڻ ۽ پنهنجن شرطن ٻڌائڻ ۽ مڃائڻ جو حق حاصل آهي تہ غير ملڪي تجارتي حلقا سندن ملڪ ۾ ڇا ڪري سگهندا ۽ ڇا نہ ڪري سگهندا.

آمريڪا جي اوائلي تاريخ ۾، اقتصادي ترقيءَ جي راهہ ۾ هن ڳالهہ بہ تمام وڏي هٿي ڏني تہ آمريڪي باشندن کي جمهوري حڪومت ۽ ماڻهن جي خانگي ملڪيت لاءِ احترام جون روايتون برطانيا کان ورثي ۾ مليون هيون. آمريڪي باشندن کي شروع کان ئي، پنهنجيءَ زمين جو پاڻ مالڪ ٿي رهڻ، تجارت ۾ ڀهري وٺڻ ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڪاروبار ڪرڻ جو حق حاصل رهيو آهي. هميشہ کان وٺي آمريڪا ۾ آزاد چونڊون ٿينديون رهيون آهن، اخبارون بلڪل آزاد رهيون آهن ۽ ماڻهن کي تقرير ۽ خيال جي اظهار جي آزادي رهي آهي. قانون، وڏي ماڻهوءَ سان گڏ هميشہ ننڍي ماڻهوءَ جو پڻ تحفظ ڪيو آهي. ڪن ٿورين حالتن ۾، خاص طرح آمريڪا جي حبشي باشندن کي گورن جي مساوي حقن ڏيڻ جي معاملي ۾، قانون جو انحراف پڻ ڪيو ويو آهي، پر گذريل چند سالن اندر انهيءَ غير رواجي حالت ۾ اصلاح آڻڻ لاءِ بہ گهڻو ڪجهہ ڪيو ويو آهي.

آمريڪي ماڻهن کي انهن قاعدن، حقن ۽ آزادين وڌيڪ پورهئي ۽ سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي،جن مان اُهي پاڻ ۽ سندن ملڪ، فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ڳالهہ، پنهنجي مُنهن، وري سڄي ملڪ جي زياده واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ مدد ڏني آهي.

اڄ جا نوان ترقي ڪندڙ ملڪ پڻ، اهڙن سڌريل ملڪن جي تجربن مان فائدو پرائي سگهن ٿا، جن صنعتي شعبي ۾ بين ملڪن کان زياده واڌارو ڪيو آهي. مثال طور، اڄڪلهه فني معلومات يا ڪاريگري هڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن منتقل ٿي سگهي ٿي. دراصل، اڄ جا گهٽ ترقي يافته ملڪ هڪ طرح سان، ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ جي دوران ۾ سڌريل ملڪن واريءَ حالت کان بهتر حالت ۾ آهن. انهيءَ زماني ۾، ملڪن کي آزمائشون ۽ غلطيون ڪري ڪري، سڀ ڪجهه پنهنجي سر ايجاد ڪرڻو ۽ سکڻو پوندو هو. اڄ، ترقي ڪندڙ ملڪ، معلومات جو اهو سڄو پندار نهيو جڙيو استعمال ڪري سگهن ٿا، جيڪو اڳيئي موجود آهي. فني معلومات جي اهڙيءَ اوذر پاذر جو هڪ مثال، سن 1920ع ۽ 1930ع جي درمياني ڏهن سالن جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن سوويت يونين نيون مشينون ۽ انجنيئر مغربي ملڪن مان پاڻ وٽ گهرايا هئا. ترقي ڪندڙ ملڪن لاءِ اڄ دوا درمل، زراعت، انجنيئري، صنعت، تعليم ۽ حڪومت جي انتظام وغيره جا نوان نوان طريقا اهڙيءَ ئي طرح هڪيا حاضر آهن، جهڙيءَ طرح اهي هن کان اڳ سوويت يونين کي موجود ڪري ڏنا ويا هئا.

اهڙيءَ ڄاڻ کي ڦهلائڻ ئي، صدر ٽرومئن جي 1949ع واري "چوٿين نڪتي" واري پروگرام جو اصل مقصد هو. جديد دور جي سيني فني امداد جي پروگرامن جو بنياد، جن تي اڄ اقوام متحده، آمريڪا ۽ ٻيا صنعتي ترقي يافته ملڪ عمل ڪري رهيا آهن، صدر ٽرومئن واري انهيءَ خيال تي رکيل آهن. سڌريل ملڪن جا فني ماهر گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جي ماڻهن کي نوان هنر سيکارڻ لاءِ انهن ملڪن ڏانهن وڃن ٿا. اڪثر حالتن ۾، گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جا ماڻهو پاڻ وڌيڪ ترقي ڪيل ملڪن ۾ پڙهڻ لاءِ وڃن ٿا، ۽ پوءِ پنهنجي ملڪ موٽي ٻين جا استاد بڻجن ٿا.

قومن جو هڪ ٻئي تي اهو آڌار، گذريل چند سالن اندر، ڪيترن ئي بين الاقوامي ادارن جي قيام جو باعث بڻيو آهي. اهڙن ادارن جا چند مثال، خوراڪ ۽ زراعت جو ادارو، عالمي بئنڪ ۽ بين الاقوامي محنت جو ادارو ۽ اقوام متحده جو ٻارن وارو فنڊ، آهن. انهن ادارن ۾، دنيا جون قومون، ننڍيون خواهه وڏيون، غريب توڙي امير، سڀ پاڻ ۾ گڏجي انسانذات جي گڏيل مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪن ٿيون.

## 3- نتيجا: تاريخ جا سبق

سڄيءَ دنيا ۾، چوڌاري، عورتون خواهه مرد، بهتر زندگيءَ ۽ آزادي ماڻڻ جون اميدون مشترڪ طور پنهنجين دلين ۾ رکن ٿا. سندن سامهون ساڳيو ئي اقتصادي مسئلو آهي - اقتصادي نظام جي تنظيم ڪيئن ڪجي ۽ ان ڪي کهڙي نموني سان هلائجي، جو آزاديءَ جي ماحول اندر اقتصادي واڌارو ۽ ترقي ممڪن ٿي سگهي. ڪن صنعتي ملڪن جي گذريل تاريخ ثابت ڪري رهي آهي تہ انهن - اڄ کان اڳي ڪنهن زماني ۾، بلڪل ساڳيءَ نوعيت جا اقتصادي مسئلا حل ڪيا هئا. جن سان اڄ ترقي ڪندڙ ملڪ دوچار آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن اڳ ترقي ڪيل ملڪن پنهنجي آزاديءَ کي قائم رکندي، ايڏي اقتصادي ترقي حاصل ڪئي آهي، ان ڪري نوان ترقي ڪندڙ ملڪ سندن تجربن جو مطالعو ڪري، انهن مان وڏو فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

اڄ جا ترقي ڪندڙ ملڪ، پنهنجي سِر، تنهائيءَ ۾، پنهنجون اقتصادي حالتون تيزيءَ سان بهتر نٿا بنائي سگهن. اڄ، دنيا جون قومون هڪ ٻئي تي اهڙيءَ طرح آڌار رکڻ لڳيون آهن، جو ترقي ڪندڙ ملڪ، اهڙين قومن جي هڪ وڏي گڏيل ڪٽنب جي هڪ حصي جي حيثيت ۾ ئي، جي هڪ ٻئي جي امداد ڪن ٿيون ۽ هڪ ٻئي کان سکن ٿيون، زندگيءَ جي مختلف راهن ۾ واڌارو ۽ ترقي ڪري سگهن ٿا.

آمريڪا، آزاديءَ سان گڏ، اقتصادي واڌاري ڪرڻ ۾ ٻين سينئي ملڪن کان وڌيڪ ڪامياب ٿي آهي. هن ڪان پوءِ ايندڙ بابن ۾ آمريڪا جي اقتصادي نظام جي ڇڪاس جو مطالعو ڪيو ويندو، تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ آمريڪا جي اقتصاديات ڪهڙي نموني ۾ ڪم ڪري رهي آهي؟ آمريڪا جا اقتصادي ادارا ڪهڙي نموني جا آهن؟ آمريڪي اقتصاديات ۾ گذريل سالن اندر ڪيئن ڦيرو آيو آهي؟ ڪهڙا ڪهڙا مسئلا اڃا تائين حل طلب آهن؟ آمريڪي شهري انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڇاڇا ڪري رهيا آهن؟

ٻيا بہ ڪيئي ملڪ، جهڙوڪ: ڪئناڊا، آسٽريليا ۽ اولهہ يورپ جا گهڻا ملڪ، آزاديءَ کي قائم رکندي، ترقي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. انهن ۽ ٻين نون ملڪن جي حاصل ڪيل ڪن اقتصادي ڪاميابين تي بحث جو پڻ اڳتي هلي موقعو ايندو. پراڻا ملڪ - آمريڪا سميت - پڻ، هڪ ڳالهئين، اهڙن ملڪن جي انهن اقتصادي واڌارن مان گهڻو ڪجهہ پرائي سگهن ٿا.

هن ڪتاب ۾خاص طرح آمريڪي اقتصاديات کي پيش ڪيو ويو آهي. پر ان مان هي مطلب هرگز نہ ڪڍڻ گهرجي تہ دنيا جا سڀ ملڪ، خواهہ سندن اقتصادي ترقيءَ جي منزل ڪهڙي بہ هجي، آمريڪي اقتصادي نظام کي هڪ ڪامل نمونو سمجهي، ان جو نقل ڪن. آزاد قومون، هر هنڌ، هڪ اهڙيءَ دنيا جي تمنا ڪري رهيون آهن، جنهن ۾ هر قوم کي اهڙي نموني ۾ ترقيءَ ڪرڻ جي مڪمل آزادي حاصل هجي، جيڪو سندن روايتن، سندن ثقافت ۽ سندن ماڻهن جي آرزوئن جي روشنيءَ ۾، بهترين نظر اچي. دنيا ۾ ڪو بہ اهڙو اڪيلو اقتصادي نظام موجود ڪونهي، جو اسان جي سڀني مسئلن جو آخرين جواب هجي. هڪ ٻئي کان مختلف هجڻ ۽ ضرورت مهل قبوليل طريقي ۾ ڦير گهير ڪري سگهڻ جو حق رکڻ، اهائي آزاديءَ جي معنيٰ آهي. پر آزاديءَ سان گڏ، ٻين جي حقن ۽ خواهشن جي احترام ڪرڻ جي ذميواري پڻ ضروري آهي. هيءَ ڪتاب انهيءَ ئي قسم جي ذميداريءَ ۽ احترام جي پوري پوري احساس سان لکيو ويو آهي.

---

(2)

# آمريڪي اقتصاد تي هڪ نظر

تاريخ جي مقرر ڪيل معيارن موجب، آمريڪي اقتصادي نظام انتهائي ڪامياب آهي. اتان جي ماڻهن جي خوراڪ ڀرپور ۽ سٺي آهي. سندن لباس سٺو آهي، ڪين رهائش جون اعليٰ سهولتون حاصل آهن ۽ اڪثر ماڻهن وٽ زندگيءَ جي سٺين شين جو سُڪار آهي. آمريڪا جي سڄي تاريخ (وقتي رڪاوٽن ڪي ڇڏي ڪري) لاڳيتي ترقيءَ ۽ وآداري جي تاريخ آهي، تان جو اڄ هن قوم جي زندگيءَ جو معيار سڄيءَ دنيا ۾ بلند ترين آهي.

پر، آمريڪي اقتصادي نظام ڪنهن به صورت ۾ ڪو مڪمل نظام نه آهي. ڪيئي پراڻا مسئلا حل ڪيا ويا آهن، پر انهن جي بجاءِ وري ڪيئي نوان مسئلا ڪڙا ٿيا آهن. مثلاً، اُتان جي غربت جو مسئلو اڄ اهو ناهي، جهڙو اڻويهين صديءَ ۾ هو. نه وري هن ڳالهه جو ڪو امڪان آهي ته هن کان پوءِ اُتي ڪڏهن به انهيءَ قسم جي همه گير بيروزگاري پيدا ٿيندي، جنهن جو آمريڪي قوم کي سال 1930ع کان پوءِ ايندڙ ڏهاڪو سالن جي دوران ۾ ذائقو چکڻو پيو هو. پر مزور - مالڪ تعلقات، زندگيءَ جو جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ خرچ، ۽ تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ لاءِ ڪافي تعداد ۾ اسڪول ۽ اسپتالون مهيا ڪرڻ، آمريڪا جي ڪنهن قدر اڻ سلجهيل مسئلن جا ڪي چند مثال آهن.

## اقتصاد ۾ لاڳيتي ڦير گهير

آمريڪي اقتصاديات جي سڀ کان وڏي اهم خصوصيت شايد اهائي آهي ته ان ۾ هميشه ڦير ڦار ٿيندي رهي ٿي. اڄ جي آمريڪي اقتصاديات کي سن 1865ع، يا 1900ع يا 1930ع واريءَ اقتصاديات سان ڪا به مشابهت ڪانهي. انهيءَ عرصي اندر جيڪي تبديليون آيون آهن، تن مان گهٽين جي چڪاس هن کان پوءِ ايندڙ بابن ۾ ڪئي ويندي.

### 1- وڏو ڪاروبار ۽ ننڍو ڪاروبار

سن 1865ع ۾ آمريڪا ۾ اڪثر ڪاروبار ننڍي پيماني تي هئا. وڏي ڪاروبار کي جنهن صورت ۾ اسين اڄ ڄاڻون سڃاڻون ٿا، سو مشڪل ئي ڪٿي

نظر ايندو هو. انهيءَ وقت کان وٺي، وڏي ڪاروبار ۾ واڌ ايندي رهي آهي، تان جو اڄ اڪثر موٽر - گاڏيون، فولاد، ڪيميائي سامان، ائليومينم، ربڙ ۽ ٻيو اهم سامان تمام وڏيون ڪاروباري جماعتون تيار ڪن ٿيون. اهي وڏا ڪاروبار، خاص طور هن ڪري وڌي ويا آهن، جو گھٽيون شيون وڏي تعداد ۾ ناهڻ وڌيڪ آسان ۽ زياده سستيون ٿيون ٿيون. مثال طور: موٽر - گاڏين جو ايتري گھٽي تعداد ۾، ۽ ايتريقدر گهٽ قيمتن ۾ ننڍي ڪاروبار جي حدن اندر نهڻ ممڪن نہ ٿئي ها.ان هوندي بہ، وڏن ڪاروبارن جي پيدا ٿيڻ ۽ ترقيءَ ڪرڻ جي معنيٰ، ننڍن ڪاروبارن جو خاتمو ناهي. ان جي ابتڙ، ننڍن ڪاروبارن جو تعداد پاڻ گذريل ڪيترن سالن جي دوران ۾ وڌندو رهيو آهي، ۽ اڄ، اهي ننڍا ڪاروبار ايڏي گھٽي تعداد ۾ موجود آهن، جيترا هن کان اڳ ڪڏهن بہ ڪين هئا.

## 2- مزور جماعتن جو اُڀرڻ

سن 1900ع ۾، آمريڪا ۾ مزور جماعتون هيون ضرور، پر مزورن جو اڪثر تعداد انهن ۾ شامل ڪو نہ هوندو هو. اهي جماعتون اقتصادي زندگيءَ ۾ ڪو گھڻو اهم ڪردار ادا ڪو نہ ڪنديون هيون. اڄ، اٽڪل هڪ ڪروڙ سٺ لک مزور، جن ۾ ڪوئلي، فولاد، موٽر - گاڏين، ريلرايـن ۽ جهاز سازيءَ جهڙين وڏين صنعتن جا ذري گهٽ سڀ ڪارڪن شامل آهن، مزور جماعتن سان لاڳاپيل آهن. اڄ، انهن مزور جماعتن ڪي وڏي اقتصادي قوت ۽ ڪافي حد تائين سياسي اثر رسوخ حاصل آهي. انهن جماعتن، مزورن لاءِ طبي سهولتون، ڪم جون بهتر حالتون، اڳي کان وڌيڪ اوچيون اجرتون ۽ ٻيون گھٽيئي فائديمند سهولتون حاصل ڪيون آهن. اهي مزور جماعتون ملڪ جي چونڊن ۾ پڻ بهرو وٺن ٿيون ۽ اهڙن سياسي اميدوارن جي حق ۾ ڪم ڪن ٿيون، جي سندن فائدي ۾ هوندا آهن، ۽ جيڪي اميدوار سندن حق ۾ نہ هوندا آهن، تن جي خلاف ڪم ڪنديون آهن.

## 3- قومي اقتصاد ۾ حڪومت جي زياده مکيہ جڳھ:

آمريڪي اقتصاديات ۾، ٽئين وڏي تبديلي، قومي اقتصادي زندگيءَ ۾ حڪومت جي وڌندڙ اهميت جي صورت ۾ آئي آهي. سن 1930ع تائين بہ، آمريڪا جي قومي اقتصادي زندگيءَ ۾ مرڪزي (وفاقي) حڪومت جو حصو بلڪل ٿوروءِ غير اهم هو، جيتوڻيڪ رياستي ۽ مڪاني حڪومتون، البت

تعليم، رستن، لئبررين، پوليس ۽ باهہ وسائڻ جهڙن ڪمن ۽ اهڙين ٻين رٿائن تي پئسو خرچ ڪنديون رهنديون هيون. پر اڄ وفاقي حڪومت ملڪ جي اقتصادي زندگيءَ ۾ اڳي کان گهڻو وڏو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. مثال طور، اڄ آمريڪا جي خود قانون جي تقاضا هيءَ آهي تہ اهڙيون اقتصادي پاليسيون اختيار ڪيون وڃن، جن جي نتيجي ۾ ملڪ جا سڀ ماڻهو روزگار سان لڳا رهن. اڄ ملڪ جي وفاقي حڪومت پيرسنيءَ ۾ ماڻهن کي پينشن ڏيڻ جي رٿا تي عمل ڪري ٿي، غلط اشتهار بازيءَ کي روڪڻ لاءِ اُپاءَ اختيار ڪري ٿي، پراڻين رهائشي جاين کي ڊاهي، سندن بدران نين جاين ٺاهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ واسطيدار ماڻهن کي پئسا ڏئي ٿي، ڪاليجن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، طالبعلمن کي مدد طور اسڪالر شپون ڏئي ٿي، "ٽينيسي پاور اٿارٽي" (Tennessee Power Authority) جهڙين بجلي طاقت پيدا ڪندڙ ۽ اهڙين ٻين عظيم ۽ همہ گير رٿائن جو انتظام هلائي ٿي، آمريڪي شهرين جي بئنڪن ۾ امانت رکيل باچتو رقمن جي بئنڪن جي ناڪامياب ٿيڻ جي حالت ۾ حفاظت ڪري ٿي، جيتوڻيڪ هن زماني ۾ مشڪل سان ڪا بئنڪ ڪُٽي ٿي. (بئنڪن جي ايتري سلامتي هن ڪري آهي، جو بئنڪاريءَ جي ڪاروبار کي حڪومت بہ احتياط سان هلائي ٿي؛ ۽ خود بئنڪون بہ هاڻي اڳي کان وڌيڪ نوس نموني ۾ پنهنجا ڪاروبار هلائين ٿيون) . هي انهن گهڻين ڳالهين مان ڪي ٿوريون آهن، جيڪي آمريڪا ۾ حڪومت کي ماڻهن جي بهبوديءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ سرانجام ڪرڻيون پون ٿيون. آمريڪي اقتصاديات اڻويهين صديءَ واري سرمائيداريءَ کان هن وقت گهڻي قدر بدلجي چڪي آهي.


## 4- آمدنيءَ جي ورهاست ۾ ڦيرو

آمريڪي اقتصاديات ۾ جيڪي وڏي ۾ وڏيون تبديليون اچي چڪيون آهن، تن مان هڪ اُنهيءَ طريقي ۾ آئي آهي، جنهن سان ملڪي آمدنيءَ جي ملڪ جي رهواسين ۾ ورهاست ٿئي ٿي. ڪارل مارڪس جڏهن سن 1848ع ۾ "ڪميونسٽ پڌرنامو" لکيو ۽ جڏهن سن 1867ع ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب "ڪئپيٽل" شايع ڪيو، تڏهن هن سرمائيداري نظام وارن ملڪن کي سخت ننديون، ڇاڪاڻ تہ هن چيو تہ انهن ملڪن ۾ ڪن تمام ٿورن دولتمند ماڻهن وٽ تمام گهڻي دولت آهي ۽ اتان جي پورهيتن جي وڏي اڪثريت تمام غريب

آهي. هن هيءَ پيشنگوئي ڪئي تہ اهڙي نظام ۾ شاهوڪار اجا بہ وڌيڪ شاهوڪار، ۽ غريب اجا بہ وڌيڪ غريب ٿي ويندا. هن چيو تہ اهڙين حالتن ۾پورهيتن کي آخرڪار بغاوت ڪرڻي ئي پوندي.

پر مارڪس اڄ کان ڪيئي سال اڳي فوت ٿي ويو ۽ ڪانئس پوءِ ڪيئي ڳالهيون تبديل ٿي ويون آهن. مارڪس جيڪي ڪجهہ چيو هو، آمريڪا ۾ ان جي بلڪل ابتڙ نيجو نڪتو آهي. اڄ، اڳي کان تمام ٿوريون وڏيون وڏيون سرمائيدار آساميون آهن. هن دور ۾، ڳرين ٽئڪسن سبب، سرمايي جا ايڏا وڏا ذخيرا جمع ڪرڻ ذري گهٽ ناممڪن آهن، جهڙا اڻويهين صديءَ ۾ جان ڊي. راڪفيلر ۽ جان جيڪب ائسٽر جهڙا وڏا سرمائيدار گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا. ٻئي طرف، پورهيت اڳي کان وڌيڪ شاهوڪار ٿيا آهن. سندن ڪمايون ۽ زندگيءَ جا معيار بلند ٿيا آهن. شاهوڪاريءَ ۽ غريبيءَ جي وچ ۾ جيڪي

Changes in Family Income




(خانداني آمدنيءَ ۾ ڦيرو)

بنهه وڏا ويچا اٺويهين صديءَ ۾ موجود هئا. (۽ جي بدقسمتيءَ سان اڄا بہ ڪن صنعتي لحاظ کان گهٽ ترقي ڪيل ملڪن ۾ نظر اچن ٿا). آمريڪا ۾ بلڪل ميٽجي چڪا آهن. اها حقيقت آهي تہ اتي اڃا بہ ڪي غريب موجود آهن ۽ ڪي تمام شاهوڪار بہ آهن پر عام ماڻهن جي وڏي اڪثريت وچولي درجي ۾ آهي، ۽ اهي تمام چڱي ڪمائي ڪري رهيا آهن، جيڪا پڻ جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي ٿي.

## 5- جائداد تي مالڪاڻو حق

سرمائيدارملڪن جي جيڪا تصوير اڄ ڪان گهڻو اڳي ڪارل مارڪس چٽي هئي، سا هڪ اهڙي ملڪ جي هئي، جنهن ۾ ملڪ جي اڪثر دولت ۽ جائداد تي چند وڏن دولتمندن جو قبضو هو ۽ عام ماڻهن کي وڏي تعداد ۾ انهن شاهوڪارن لاءِ پورهيو ڪرڻو پوندو هو. آمريڪا سان اها ڳالهہ نہ ڪڏهن اڳي لاڳو هئي ۽ نہ هينئر اتان جي حالتن سان لاڳو آهي. اُتي، هميشہ کان وٺي، هر فرد لاءِ اهو عين ممڪن رهيو آهي تہ هو هر قسم جي جائداد جو مالڪ ٿي سگهي. ان کان سواءِ، سالن جي گذرڻ سان عام ماڻهن ملڪ جي مجموعي دولت ۾ اڳي کان گهڻو وڌيڪ حصو حاصل ڪيو آهي. ڪروڙن آمريڪين کي پنهنجا ذاتي گهر آهن. انهن مان گهڻن گهرن ۾ بجلي، نلن جو پاڻي، غسلخانا خواهہ ٻيو جديد سازو سامان موجود آهي.

انهيءَ جهڙي ئي اهميت رکندڙ جيڪا ٻي ڳالهہ آهي، سا هيءَ تہ لکين ڪروڙين آمريڪي ننڍن ننڍن ڪاروبارن جا پاڻ مالڪ آهن. اُهي ماڻهو پنهنجون موٽر گراجون، پنهنجا ڇاپخانا، پنهنجا ڌوٻيخانا، پنهنجا حجام خانا، گلن جا دڪان، ٽئڪسي سروسون ۽ ننڍا ڪارخانا پاڻ ئي هلائين ٿا. ڪيترن ئي لکن ماڻهن کي پنهنجا زرعي فارم آهن.

يلا، وڏن ڪاروبارن جو ڪهڙو حال آهي؟ ڇا،اهي وڏا وڏا ڪاروبار سڀ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن دولتمندن جي ملڪيت آهن، جيئن مارڪس چيو هو؟ آمريڪا جو وڏي ۾ وڏو ڪاروبار آمريڪي ٽيليفون ۽ ٽيليگراف ڪمپني آهي، جيڪا سڄي ملڪ ۾ وچايل ٽيليفونن جي پيچيده ڄار جو انتظام هلائي ٿي. انهيءَ ڪاروبار جا مالڪ ويهن لکن کان زياده آمريڪي باشندا آهن - جن مان وڏي اڪثريت عام رواجي شهرين جي آهي. انهيءَ سڄي ڪاروبار ۾ ڪنهن بہ

هڪ مالڪ جو هڪ سيڪڙي جيترو بہ حصو ڪونهي. "جنرل موٽرس"، "ڊيوپانٽ" ۽ "يونائيٽيڊ اسٽيٽس اسٽيل" جهڙن عظيم ڪاروبارن مان سيئي، "ڪيترن ئي سوَن هزارن" آمريڪي شهرين جي ملڪيت آهن.

"سيئرس رؤبڪ" نالي هڪ بي وڏي ڪمپنيءَ ۾، جنهن جا اسٽور يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ هر هنڌ موجود آهن، تجارت جو 26 سيڪڙوسيڄ پيچ انهن پورهيتن جي ملڪيت آهي، جيڪي أن ڪمپنيءَ جا ملازم آهن. اهڙيءَ طرح، انهن وڏين ڪمپنين جا فائدا چند شاهوڪارن جي کيسي ۾ نتا وڃن، پر اهي اڪثر رواجي شهرين ڏي وڃن ٿا.

انهن سيني ڳالهين کان علاوه، لکين ڪروڙين آمريڪي باشندن جو بئنڪن ۾ حساب رکيل آهي، ۽ اهي ويمي جي پاليسين، سرڪاري بانڊن ۽ ٻين قسمن جي جائداد جا مالڪ آهن. آمريڪي باشندا خانگي جائداد ۾، جو ايڏو سارو اعتماد رکن ٿا، تنهن لاءِ وٽن تمام سنو سبب موجود آهي - ۽ اهو هيءُ آهي تہ ذري گهٽ سيني کي پنهنجي ڪا نہ ڪا جائداد آهي ئي آهي.

## 6- روزگار جا بدلجندڙ موقعا

اقتصادي تبديليءَ جي هڪ آخري مثال طور، اچو تہ انهن نمونن يا طريقن کي جاچي ڏسون، جن سان آمريڪي ماڻهو روزگار ڪمائين ٿا. اوائلي دؤر وارن سالن ۾، اڪثر آمريڪي ماڻهو زرعي فارمن تي رهندا هئا. اڄ، انهن مان اڪثر ماڻهو ننڍن توڙي وڏن شهرن ۾ رهن ٿا. اڄ، ڏهہ سيڪڙو کان بہ گهٽ آمريڪي ماڻهو ٻنين تي ڪم ڪن ٿا. ان جي باوجود، جديد مشينري ۽ ڪيميائي ڀاڻن جي مدد سان اهي ئي ڏهہ سيڪڙو ماڻهو نہ فقط ملڪ جي سڄي آباديءَ لاءِ ڪافي کان وڌيڪ اناج اپائين ٿا، پر ان جو ڪجهہ حصو ٻين ملڪن ڏانهن روانگيءَ لاءِ پڻ بچي ٿو.

اهڙن ماڻهن مان، جيڪي آمريڪا جي ننڍن خواه وڏن شهرن ۾ رهن ٿا، ڪي تمام ٿورا اهڙا آهن، جيڪي ڪا نہ ڪا ڪاريگري يا فني مهارت نٿا رکن، ۽ خالي هٿ - پورهيوڪري، گذر ڪندا هجن. منجهن اڪثريت انهن جي ئي آهي، جيڪي فني ماهر آهن، جيئن تہ اڄ، اهڙا سڀ ڪم مشينون ڪرڻ لڳيون آهن، جيڪي اڳي هٿ سان ڪيا ويندا هئا، ان ڪري اڳي کان وڌيڪ تعداد ۾ هٿ - پورهيت ڦري، ڪاريگر ۽ ڪلن جا ماهر، ڪلارڪ، مئنيجر ۽

نيم - فني پورهيت بنجي پيا آهن. اڄ، جيڪي ماڻهو ڪارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا، تن کان وڌيڪ تعداد ۾ ماڻهو بئنڪاري، انشورنس، سامان جي آڻ نئڻ، تفريحات، ۽ هوٽل ڪاريءَ جهڙين مختلف قسمن جي سروسن مهيا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. دراصل اهو ئي هڪ وڏو سبب آهي، جنهن جي نتيجي طور آمريڪا ۾ جيئن پوءِ تيئن ننڍن ڪاروبارن جي تعداد ۾ واڌارو ٿيندو وڃي ٿو.

## 7 - نتيجا

آمريڪي ماڻهن کي اهڙيون ڳالهيون ڏاڍي حيرت ڏينديون آهي، جي ٻيا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن سندن ملڪ بابت ڪندا آهن - تہ اهو ملڪ دولتمندن لاءِ آهي ۽ ان کي اهو ئي طبقو هلائي ٿو، تہ عام ماڻهن جي وڏي اڪثريت غريب آهي، تہ سڀ فيصلا وڏن ڪاروبارن جا مالڪ ئي ڪن ٿا ۽ هو پورهيتن کي ڏاڍو ڦرين ۽ لٽين ٿا، تہ پورهيتن کي ڪي بہ حق ڪو نہ آهن، وغيره وغيره.

آمريڪي باشندا، جڏهن انهن ڳالهين کي پنهنجي ملڪ ۾ پاڻ ڏسڻ لاءِ پنهنجي چوڌاري نهارين ٿا، تہ اهي ڪين اُتي ٻنهي ڪو نہ ڏيون ڏسڻ ۾ اچن ۽ هو محسوس ڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ اهي ڳالهيون سچيون ناهن. انهن کي تہ پنهنجي ملڪ ۾ هڪ اهڙو اقتصادي نظام نظر اچي ٿو، جو عام ماڻهن کي زندگيءَ جو هڪ اعليٰ معيار آڇي رهيو آهي. هڪ اهڙو اقتصادي نظام جنهن ۾ ڪي مسئلا حل طلب ضرور آهن. آخر ڪهڙي اقتصادي نظام کي ڪي نہ ڪي مسئلا درپيش ڪينهن؟ - پر اهو هڪ اهڙو اقتصادي نظام آهي جو، جيئن جيئن ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي، ان کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا، تيئن تيئن اهو وڌيڪ بهتريءَ طرف پيشقدمي ڪندو رهي ٿو.

# اقتصادي تبديلي ڪيئن آئي آهي؟

آمريڪا جي تصوير اسان هڪ اهڙي ڪامياب اقتصادي نظام جي صورت ۾ چِٽي آهي، جنهن ۾ اڃا گهڻو نامڪمل ڪم رهيل آهي. اسان ڏسي آيا آهيون تہ آمريڪي اقتصادي نظام سالن گذرندي، تبديل ٿيندو رهيو آهي ۽ اڄ، ان جي هڪ سؤ سال، يا 50 سال، توڙي 30 سال اڳ واري نظام سان ڪا بہ مشابهت ڪا نہ رهي آهي. اهي تبديليون آيون ڪيئن؟ آمريڪي باشندن کي، جيئن جيئن اقتصادي مسئلا پيش ايندا رهيا آهن، تيئن انهن کي هنن

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪيئن پيئي منهن ڏنو آهي؟ هنن انهن مسئلن کي نبائڻ لاءِ ڪهڙيءَ طرح ڪوشش ڪئي آهي؟

سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪا به اقتصادي تبديلي ٿي چڪي آهي، تنهن جو وڏو حصو ڪنهن به اڳواٽ سوچيل سمجهيل رٿا موجب ڪو نه هو. اها تبديلي وڌندڙ آباديءَ، نين ايجادن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين جي نتيجي طور خودبخود ايندي رهي. مثال طور: زراعت پيشه ماڻهن جي تعداد ۾ ڪمي ۽ شهري آباديءَ ۾ اضافو هن طرح آيو.جو نئين قسم جي مشينن، هترادو ياڻ ۽ زمين کي آباد ڪرڻ جي نون طريقن سبب ساڳيون ئي ٻنيون اڳي کان گهٽ ماڻهن جي محنت سان وڌيڪ فصل ڏيڻ لڳيون. پوءِ، ماڻهو ڳوٺن مان لڏي، شهرن ڏانهن نڪري، اتي جي وڌندڙ صنعتن ۾ اچي ڪم تي چڙهڻ لڳا.

ساڳيءَ طرح، وڏن ڪاروبارن جي عروج جو وڏو سبب، نيون مشينون ۽ پيداوار جا نوان طريقا هئا، جن جي ڪري، مثلاً موٽر سازيءَ جي صنعت ۾، ننڍين ننڍين گهٽن ڪارخانن ۾ هٿ جي پورهئي سان موٽر - گاڏين ٺهڻ جي مقابلي ۾، ڪي ٿورن وڏن ڪارخانن ۾ گهٽي تعداد ۾ موٽر گاڏيون ٺهيون، ۽ ان سبب اُهي وڌيڪ سستيون ٺهي سگهيون. اڄ، نئين قسم جي خودڪار مشينن جي ايجاد ٿيڻ سبب، روزگار جي معاملي ۾، فني مهارت رکندڙ پورهيت کي غير فني مزور جي مقابلي ۾ جا ترجيح ملي ٿي، تنهن ملازمت حاصل ڪرڻ جي طريقي ۾ تبديلي آندي آهي. انهيءَ صورتحال، پنهنجي ليکي، بيروزگار ٿيل ماڻهن لاءِ نون روزگارن تلاش ڪرڻ جو هڪ نئون مسئلو کڙو ڪيو آهي.

پر هيتري ساري عرصي ۾ آمريڪي اقتصاديات جي سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ڳالهه هيءَ رهي آهي ته آخر آمريڪي ماڻهن پنهنجا وقت بوقت پيدا ٿيندڙ نوان اقتصادي مسئلا ڪيئن نبيريا آهن ۽ هر پيري پنهنجي بدلجندڙ اقتصادي زندگيءَ متعلق ضروري ۽ اهم فيصلا ڪيئن ڪيا آهن.

ان جو جواب سڀ کان اول ته هيءُ آهي، ته اهڙيون اڪثر تبديليون جمهوري طريقن سان عمل ۾ آنديون ويون آهن ۽ انهن متعلق اڪثر فيصلا پڻ جمهوري طريقن سان ڪيا ويا آهن. آمريڪين کي جمهوري طريقن سان گهري محبت آهي. هي سندن پختو ايمان آهي ته سڀني اهم مسئلن تي، نه فقط

(وفاقي) ڪانگريس، رياستي اسيمبلين ۽ شهري ڪائونسلن ۾، پر اخبارن، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ٻين عام غير سرڪاري ادارن ۾ پڻ آزادانه طور بحث مباحثو ڪرڻ گهرجي. اهڙن ادارن منجهان هڪڙو "والدين ۽ استادن جي گڏيل جماعت" جو ادارو آهي، ٻيو اهڙو ادارو "خواتين ووٽرن جي جماعت" جو ادارو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح مختلف تجارتي، مزور ۽ آبادگار جماعتون آهن، ۽ انهن کان سواءِ ان آزاد خيالن جي ڏي وٺ لاءِ ملڪ جون مشهور سياسي پارٽيون پڻ موجود آهن.

اڪثر موقعن تي، خاص طرح چونڊن کان اڳيرو، ماڻهن جا جذبات ڀڙڪو کائيندا آهن، سخت بيان جاري ڪيا ويندا آهن ۽ آمريڪي ماڻهن ۾ گهرا اختلاف نظر ايندا آهن، پر جيڪي ماڻهو چونڊن ۾ شڪست کائيندا آهن، سي عوام جي مرضيءَ آڏو سر جهڪائيندا آهن. جن ماڻهن جي نهرائن ڪي ڪانگريس ۾ شڪست ايندي آهي، سي وري انهن کي ويچار لاءِ پيش ڪرڻ واسطي ڪنهن ٻئي موقعي جو انتظار ڪندا آهن. آمريڪي ماڻهن کي جن مسئلن تي پاڻ ۾ اختلاف هوندو آهي، تن کي اوتري اهميت ڪا نه هوندي آهي، جيڏي انهن مسئلن کي هوندي آهي، جن تي سڀ آمريڪي باشندا متفق ۽ متحد هوندا آهن. هر تبديليءَ ۾ عوام جي اڪثريت جي خواهش جي عڪاسي هئڻ گهرجي. باقي اقليت جي حقن جو هميشه احترام ۽ لحاظ ڪرڻو آهي. ڪن وقتن تي عام ماڻهو بي صبريءَ جو مظاهرو به ڪرڻ لڳندا آهن، ڇاڪاڻ ته جمهوري نظام ۾ ڪنهن به مسئلي جي فيصلي ڪرڻ ۾ دير لڳي ٿي. پر جڏهن به اهو ڪم پورو ٿي ويندو آهي، تڏهن ان جي باري ۾ ڪيل فيصلي کي ماڻهو چڱيءَ طرح سمجهندا آهن ۽ ماڻهن جي اڪثريت ان فيصلي کي تسليم ڪندي آهي.

آمريڪي عوام، ضروري اقتصادي تبديلين ڏانهن جيڪو رويو اختيار ڪندو آهي، تنهن جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه هيءَ معلوم هئڻ گهرجي ته اهو رويو عملي نوعيت جو هوندو آهي. جڏهن ڪو اقتصادي مسئلو پيدا ٿيندو آهي، تڏهن آمريڪا جا ماڻهو اهو ڪو نه پڇندا آهن ته ڪارل مارڪس يا آدم سمٿ اڄ کان هڪ سؤ سال اڳي اهڙيءَ صورت ۾ ڇا ڪرڻ لاءِ چيو هو. ان جي بدران، هو اهو پڇندا آهن ته ان معاملي جو هن دور ۾ انتهائي معقول حل ڪهڙو آهي. اهي پراڻي زماني جي ڪنهن اقتصادي نظريي جو حوالو

وني، ائين ڪو نہ سوچڻ لڳندا آهن تہ ڪين ڪهڙيءَ طرح انهيءَ تي لفظ بلفظ عمل ڪرڻ گهرجي.

مثال طور: آمريڪي عوام ڪي خانگي ڪاروبار ۾ پختو اعتقاد آهي. هو ائين سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن عام شهري يا سندن ڪي جماعتون ڪو ڪم چڱيءَ طرح سرانجام ڪري سگهن ٿيون، تہ پوءِ ان معاملي ۾ هرويرو حڪومت ڪي وچ ۾ آڻڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. نجي ڪاروبار ۾ انهيءَ اعتقاد ۽ حڪومت لاءِ اهڙيءَ سردمهريءَ جون پاڙون آمريڪي تاريخ جي تمام ڏورانهين دور ۾ کُتل آهن. انهن جي شروعات آمريڪي انقلاب واري زماني ۾ ٿي، جڏهن آمريڪي نوآباد ڪارن برطانوي حڪومت جي غلط ڪارين خلاف بغاوت شروع ڪئي. نجي ڪاروبار ۾ سندن اعتقاد، اڻويهين صديءَ جي دوران ۾ پختو ٿي ويو، جڏهن آمريڪا جي اُلهندي حصي جي ڪليل ۽ وسيع ميدانن ۾ مفت زمين ۽ ڪاروبار جا موقعا عام طور موجود هئا ۽ جڏهن ماڻهن کي اڄ جي معاشرتي پيچيدگين بدران تڏهوڪي سنوَن سڌن معاملن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ، انهيءَ وقت حڪومت جي وجود جي ضرورت گهٽ هئي.

خانگي ڪاروبار جي خوبين ۾ اهو ويساهہ اڄ بہ بلڪل ائين ئي موجود آهي، پر ان جي باوجود، آمريڪي ماڻهن ضرورت موجب، حڪومت کي بہ انهيءَ تصوير جي وچ ۾ آڻڻ کان ڪڏهن ڪيٻايو ڪو نہ آهي. آمريڪا جي عظيم صدر، ابرهام لنڪن هڪ دفعي چيو تہ ” حڪومت جو اهو فرض آهي تہ اها عوام لاءِ اهو ڪم ڪري، جيڪو عوام پاڻ ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو، پر پنهنجي انفرادي ۽ جداگانہ حيثيت ۾ انهيءَ ڪم کي اهڙيءَ خوبيءَ سان سرانجام نٿو ڪري سگهي (جهڙي خوبيءَ سان حڪومت) يا بلڪل ئي نٿو ڪري سگهي.“

آمريڪي تاريخ جي وڏن سُڌارڪن، جن پنهنجي دور ۾ حالات کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي، سي اهڙا ماڻهو نہ هئا، جن پنهنجي لاءِ ڪن نظرين ۽ خيالن اختيار ڪرڻ واسطي يورپ ڏانهن يا ٻين غيرملڪن ڏانهن ٻيهي ڏٺو هجي. انهن جا نظريا ۽ خيال آمريڪا جي سرزمين ۾ ئي پيدا ٿيا، جن کي آمريڪي عوام ”گاهہ جون پاڙون“ سڏين ٿا - يعني اُهي جيڪي انهيءَ زمين مان پيدا ٿيا هجن، جتي انهن ماڻهن جو گذر بسر هو. اهي سڌارڪ اهڙا ماڻهو هئا، جن جي سامهون جڏهن بہ ڪو مسئلو پيش ٿيو، تہ ائين ئي سوچياڻون تہ ان کي نپائڻ ۽ سلجهائڻ لاءِ وٽن ڪهڙو معقول طريقو موجود هو يا موجود ٿي سگهيو ٿي.

هر اهڙيءَ حالت ۾ نتيجو، گهڻو ڪري، ڪنهن نئين قانون جي صورت ۾ نڪتو ٿي، جنهن حڪومت کي ڪنهن خاص غلط ڪاريءَ کي منهن ڏيڻ يا درست ڪرڻ لاءِ اڳي کان وڏيڪ اختيار ٿي ڏنو. اهو ٿي حال سن 1906ع واري "پيوئر فوڊ ائنڊ ڊرگ ائڪٽ" جو هو، جنهن جو مقصد، کاڌي پيتي جي شين ۽ دوائن جي صفائيءَ ۽ خالص هجڻ جا معيار مقرر ڪري، انهن شين کي استعمال ڪندڙن جو تحفظ ڪرڻ هو. ساڳيءَ طرح، سن 1913ع واري "فيڊرل ٽريڊ ڪميشن ائڪٽ" جو مقصد، تجارت ۽ ڪاروبار ۾ بي ايمانيءَ کي روڪڻ هو، 1933ع واري "سڪيورٽيز ايڪسچينج ائڪٽ" جو مقصد اهڙن ماڻهن جو تحفظ ڪرڻ هو، جي پنهنجون بچتون تجارت ۾ سيڙائيندا ٿي رهيا. 1959ع واري "لئنڊرم - گرفن ائڪٽ" جو مقصد، مزور جماعتن ۾ غلط ڪارين کي روڪڻ هو. ۽ اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن قانونن جا مثال موجود آهن. سن 1887ع ۾ "انٽر اسٽيٽ ڪامرس ائڪٽ" ذريعي ريلوائي رستن مٿان، سن 1890ع جي "شرمن ائنٽي ٽرسٽ ائڪٽ" ذريعي تجارتي اجاره داريءَ تي، وفاقي حڪومت جي ضابطن جو قائم ٿيڻ، بيروزگاريءَ جي معاوضي، ٻڍاپي جي پينشن، بئنڪن ۾ امانت رکيل پئسن جي ضمانت، وڏن شهرن مان جهوپڙين ۽ پراڻين جاين کي هٽائڻ جي سلسلي ۾ حڪومت جا پروگرام ۽ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون آمريڪي عوام جي انهيءَ رضامنديءَ جا ڪي وڏيڪ مثال آهن، جنهن سان هو جڏهن به ضرورت محسوس ڪن ٿا، حڪومت کي اڳي کان وڏي ڪردار ادا ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا.

آمريڪا وارن کي اهو احساس آهي ته ملڪ جي سچي اقتصادي نظام کي اهڙن نظرين مطابق هلائڻ بدران، جيڪي پراڻا ۽ فرسوده هجن ۽ اڄ جي حالتن سان نهڪي نه سگهن، هيءُ سنئون سڌو عملي طريقو بهتر آهي، جيڪو جمهوري دستور پٽاندر آسانيءَ سان استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو ۽ استعمال ۾ آڻڻ گهرجي.


## آمريڪا جي اقتصاد ڪهڙي قسم جي آهي؟

جيڪڏهن ڪنهن کان هيءُ سوال پڇيو وڃي ته آمريڪا جو اقتصادي نظام ڪهڙي قسم جو آهي، ته اڪثر ماڻهو، جن ۾ گهڻا آمريڪي به شامل هوندا، شايد اهو جواب ڏين ته اهو "سرمائيدارانه" آهي! پر اهو لفظ، بهرحال، اسان کي آمريڪا جي اقتصادي نظام بابت ڪا گهڻي معلومات نٿو ڏيئي سگهي، جيئن

اڳتي هلي، ڏسنداسين. اڄو تہ آمريڪي اقتصاديات تي هڪ نظر ڊوڙائي ڏسون تہ اهو سچ پچ ڪيئن ٿو ڪم ڪري. اچو تہ معلوم ڪريون تہ هن نظام ۾ اقتصادي نوعيت جا فيصلا ڪيئن ٿا ڪيا وڃن.

سڀ کان پهريائين اسان کي پاڻ کان هي پڇڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ ملڪ ۾ آخر ڪهڙي قسم جا اقتصادي فيصلا ٿيڻ گهرجن. هڪ فيصلو تہ هي آهي تہ، قوم جي پيداواري ذريعن کي ڪهڙيءَ طرح استعمال ڪيو وڃي يعني "ڇا ڇا ناهيو وڃي." جيئن تہ دنيا جي انتهائي دولتمند ملڪن وٽ بہ اهي سڀ ذريعا ڪافي مقدار ۾ موجود ڪينهن، جو اهي پنهنجن ماڻهن جون سڀ ضرورتون پوريون ڪري سگهن، ان ڪري اهڙين شين جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي، جن جي ٻين شين کان وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. مثال طور، فلاڻي بنيءَ ۾ ڪڻڪ پوکجي يامڪائي؟ فولاد کي زياده تعداد ۾ ٽرئڪٽرن ناهڻ ۾ ڪتب آڻجي يا ان مان وڌيڪ پليون تعمير ڪجن؟ گهٽ ترقي ڪيل ملڪ پيداواري ذريعن جي انهيءَ نسبتي اڻاٺ، ۽ اُنهن کي استعمال ڪرڻ جي طريقن متعلق اهڙن فيصلن ڪرڻ جي ضرورت کان چڱيءَ طرح باخبر آهن، پر حقيقت هيءَ آهي تہ انهن کان وڌيڪ شاهوڪار ملڪن کي بہ ساڳيءَ ئي نوعيت جا فيصلا ڪرڻا پون ٿا.

Decisions Made by Central Planning





Consumers can buy only what government decides will be produced. Under Communist central planning, far more goods have been produced to increase the power of the state than to satisfy the wants and needs of consumers.

(مرڪزي رٿا موجب ڪيل فيصلا)

بيو وڏو اقتصادي فيصلو، جو هر هڪ ملڪ کي ضرور ڪرڻو آهي، سوهيءُ تہ، "جيڪي ڪجهہ ناهيو ويو آهي، تنهن جي حصي رسي" ملڪي ماڻهن ۾ ڪهڙي نموني سان ڪئي وڃي. يعني هيءُ فيصلو تہ ڪيئن هڪڙن کي بين کان وڌيڪ ٿو ملي ۽ هڪڙن جون آمدنيون وڏيون، تہ بين جون انهن کان گهٽ آهن.

انهن فيصلن ڪرڻ جا بہ طريقا آهن: هڪ اهو تہ حڪومت هڪ "مرڪزي رٿا" جي هڪ ڳالهہ طور اهو فيصلو ڪري تہ ڪهڙو مال ٺهڻ گهرجي ۽ اهو ڪنهن کي ملڻ گهرجي. ڪميونسٽ ملڪن ۾ تلهي ليکي ائين ئي ڪيو وڃي ٿو. پر اُتي، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي، انفرادي حيثيت ۾، سندس راءِ جي اظهارجو موقعو ميسر ڪونهي. ڪيس هر صورت ۾ حڪومت جي رٿا کي تسليم ڪرڻو آهي. اهڙن فيصلن ڪرڻ جو بيو طريقو اهو آهي تہ اهي سيني ماڻهن، يعني مال خريد ڪندڙن ۽ وڪڻندڙن، مالڪن ۽ پورهيتن، يا، بين لفظن ۾، منديءَ جي آزادانہ پسند يا حال مطابق ڪيا وڃن. انهيءَ طريقي کي عام طور "سرمائيداري" سڏيو وڃي ٿو.

Desisions Made by a Market System




(منديءَ واري نظام تحت ڪيل فيصلا)

پر، آمريڪي اقتصادي نظام انهن ٻنهي بيانن مان هڪ سان بہ نٿو نهڪي. اهو سچ آهي تہ آمريڪا ۾ هنن ڳالهين جا فيصلا تہ آخر ڪهڙو ڪهڙو مال ناهيو ويندو ۽ اهو ڪنهن ڪنهن کي ڏنو ويندو، اڪثر "افرادن" ۽ "خانگي ڪاروبارن" طرفان ڪيا وڃن ٿا. جيڪي مال ۽ محنت اهڙن اگهن تي خريد ۽ فروخت ڪن ٿا، جن جو تعين آوت ۽ کپت جي اصولن تحت ڪيو وڃي ٿو. پر عام ماڻهو، "حڪومت" ۾ پنهنجن نمائندن ذريعي بہ ڪيئي انهيءَ سلسلي جا اهم فيصلا پاڻ ڪن ٿا. آمريڪا جو اقتصادي نظام "گڏ وچڙ" آهي. آمريڪي ماڻهو پنهنجن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ، حڪومت توڙي نجي ڪاروبار، ٻنهي کي استعمال ڪن ٿا. اڄو تہ انهيءَ مسئلي کي وڏيڪ تفصيل ۾ جاچي ڏسون.

آمريڪي ماڻهو، واپرائيندڙن جي حيثيت ۾، پنهنجي رقم کي خرچڻ يا بچائڻ ۾ بلڪل آزاد آهن. جيڪڏهن اهي پنهنجو پئسو خرچين ٿا، تہ پوءِ اهي هن فيصلي ڪرڻ ۾بلڪل آزاد آهن تہ هو ان کي ڪهڙي نموني ۾ خرچ ڪندا. مال جي پيداوار ڪندڙن جي حيثيت ۾ آمريڪين کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڌنڌي اختيار ڪرڻ - مثلاً: زرعي فارم هلائين يا دڪان جي مڪمل آزادي آهي، ۽ هو ڪنهن بہ مال ناهڻ جي ارادي سان پنهنجون بچتون گڏ ڪري، هڪ جماعت بہ ناهي سگهن ٿا. ٻنهي صورتن ۾، ڪين ڪنهن بہ اهڙي مال تيار ڪرڻ جي آزادي آهي، جو سندن خيال ۾ واپرائيندڙ خريد ڪندا.

البت اهو آهي تہ ماڻهن جي آزاديءَ تي، انفرادي حيثيت ۾، واپرائيندڙن خواهہ ڪارخانيدارن طور، ڪي پابنديون ضرور عائد ڪيل آهن. ڪنهن کي بہ اهڙين شين جي خريد يا فروخت ڪرڻ جي اجازت نہ آهي، جيڪي بين ماڻهن جي صحت لاءِ نقصانڪار هجن، جهڙوڪ: ڪن خاص قسمن جون نشيدار شيون، وغيره. ڪاروبار جا ڪي قسم، جهڙوڪ: بجليءَ جي قوت ۽ تيل، هڪ ئي ڪاروباري نظام لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن، ڇاڪاڻ تہ هڪ ئي ملڪ ۾ اهڙن هڪ کان وڏيڪ ڪاروباري نظامن جو هئڻ، زيانڪار ٿيندو. ڪن صنعتن، جيئن تہ فولاد جي ڪارخانن ۾، ايتريقدر گهڻو پئسو درڪار ٿئي ٿو، جو نين ڪمپنين لاءِ انهن ۾ داخل ٿيڻ مشڪل ثابت ٿئي. پر تنهن هوندي بہ، عام طور آمريڪي باشندن کي پنهنجي لاءِ ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ جي وڏي پيماني تي آزادي حاصل آهي ۽ ان جا سندن سامهون موقعا پڻ موجود آهن.

پورهيتن جي حيثيت ۾، آمريڪي باشندن کي جماعتن ۾ شريڪ ٿيڻ، ۽ پنهنجن مالڪن سان انفرادي طور معاملي بازي ڪرڻ بدران، جماعت جي صورت ۾ منهن ڏيڻ جي پڻ آزادي حاصل آهي. انهيءَ طرح کين اڪثر حالتن ۾ وڌا پگهار ۽ ڪم ڪرڻ جون بهتر حالتون ميسر ٿين ٿيون. ڪن وقتن تي اهي پنهنجن مطالبن کي تسليم ڪرائڻ لاءِ "ڪم بند ڪرڻ" يعني "هڙتال" جو ذريعو به استعمال ڪندا آهن. جيتوڻيڪ مالڪ خواهه مزورن مان ڪنهن کي به هڙتال پسند ناهي، ان جي باوجود، هڪ آزادملڪ ۾ هڙتال ڪرڻ جو حق بنيادي حيثيت رکي ٿو. اهو ئي حق آهي، جيڪو هڪ آزاد پورهيت ۽ بانهي درميان فرق ظاهر ڪري ٿو.

هيلتائين اسان اهو ڏٺو آهي ته آمريڪي ماڻهو هنن معاملن ۾ آزاديءَ سان فيصلو ڪري سگهن ٿا ته اهي ڇا خريد ڪرڻ چاهين ٿا، ڪارخانن ۾ ڪهڙو مال ناهڻ گهرن ٿا، ۽ انفرادي طور يا مزور - اتحادن ۽ جماعتن جي صورت ۾ مجموعي طور ڪٿي ڪم ڪرڻ چاهين ٿا. هينئر، اسان کي اهو ڏسڻ گهرجي ته آمريڪي باشندا اجتماعي طور، هڪ حڪومت جي حيثيت ۾، انهن معاملن جي سلسلي ۾، ڇا ٿا ڪن.

هڪ سچي جمهوري ملڪ ۾، حڪومت عوام جي خادم هوندي آهي، ۽ نه سندن حڪمران، حڪومت، ملڪي ماڻهن جي محض اجتماعي رضا جو ٻيو نالو آهي ۽ ان کي فقط اهي ئي ڪم ڪرڻا آهن، جن جي متعلق ملڪ جا ماڻهو ئي اهو فيصلو ڪن ته سندن حڪومت انهن جي پاران اهي ڪم ڪري. گهڻا ملڪ جمهوريت هئڻ جو ڍونگ ڪن ٿا، ۽ "جمهوريت" ۽ "عوام جي رضا"، جهڙا الفاظ استعمال ڪن ٿا، پر جمهوريت جي سڃاڻپ جي صحيح آزمائش هيءَ آهي ته ملڪي ماڻهو، جيڪڏهن چاهين، ته حڪومت کي ڦيرائي سگهن ٿا يا نه. مثال طور، برطانيا هڪ جمهوري ملڪ آهي. سن 1945ع ۾، اتان جي ماڻهن هڪ سوشلسٽ حڪومت کي چونڊيو، جنهن ملڪ جي اقتصادي زندگيءَ ۾ حڪومت کي اڳي کان زياده وڏي ڪردار ادا ڪرڻ جو اختيار ڏنو. ساڳين ماڻهن، سن 1951ع ۾ سوشلسٽ حڪومت کي هٽائي ڇڏيو ۽ قدامت پسند حڪومت کي چونڊي، ملڪ جو ڪاروبار ان جي سپرد ڪيو. ممڪن آهي ته مستقبل ۾، ڪنهن به وقت وري سوشلسٽ حڪومت کي چونڊيو وڃي.

آمريڪا ۾، حڪومت ڪيئي اهم فيصلا ڪري ٿي.
**مڪاني حڪومتون** اسڪولن، پوليس، باهه وسائڻ جي سروسن، سرڪاري لئبررين ۽ شهري باغيچن جا ڪم سنڀالين ٿيون. اڪثر حالتن ۾، جيڪڏهن مقامي ماڻهو چاهيندا آهن، ته پوءِ مڪاني حڪومت بس ڪمپني، پيئڻ جي پاڻيءَ پهچائڻ ۽ بجليءَ جي روشنائيءَ مهيا ڪرڻ جا ڪارخانا ۽ پلانٽ به خريد ڪري، پاڻ هلائيندي آهي. **رياستن جون حڪومتون** يونيورسٽيون هلائين ٿيون، شاهراهون تعمير ڪن ٿيون، سول حڪام لاءِ پينشن جون رٿائون هلائين ٿيون، سرڪاري خرچ سان رهائشي جاين ناهڻ جي رٿائن کي ترقي وٺائين ٿيون ۽ سندن حدن اندر ملندڙ قدرتي وسيلن جي حفاظت ڪن ٿيون.

**وفاقي حڪومت** پئسي جي ڏيتي - ليتيءَ تي ضابطو رکي ٿي، زراعت پيشه ماڻهن کي سندن فصلن جي پيداوار لاءِ سٺي قيمت وٺي ڏيڻ لاءِ ضمانت ڏئي ٿي، غلط اشتهار بازيءَ کي روڪي ٿي، ڪمپنين جي حصن جي خريد و فروخت کي قاعدن جي مقرر ڪيل حدن اندر هلائي ٿي ۽ بين گهٽ نمونن سان آمريڪي باشندن جي بهبوديءَ ۽ سلامتيءَ خاطر هر وقت ڪوشان رهي ٿي. وفاقي حڪومت "ٽيننسي وئلي اٿارٽي (Tennessee Valley Authority)" جهڙيون بجلي طاقت پيدا ڪندڙ عظيم رٿائون هلائي ٿي. آمريڪا ۾ جيڪو به مال تيار ٿئي ٿو، تنهن جي چوٿين حصي کان به وڌيڪ، حڪومت طرفان عام ماڻهن جي مجموعي استعمال لاءِ خريد ڪيو وڃي ٿو.

انهيءَ نموني سان آمريڪي اقتصادي نظام، جنهن کي واقعي ڪم چئجي، سو ڪم ڪري ٿو. هيءُ اهو اقتصادي نظام آهي، جنهن ۾ هڪ طرف اڪثر اقتصادي فيصلا ملڪي ماڻهو، واپرائيندڙن، ڪارخانيدارن، ۽ پورهيتن جي انفرادي حيثيت ۾، يا يونين ۽ ڪارپوريشنن جهڙين بين جماعتن جي ميمبرن هئڻ جي اجتماعي حيثيت ۾ پنهنجو پاڻ، آزادانه طور، ڪن ٿا. پر ٻئي طرف هي نظام اهڙو به آهي، جنهن ۾ ماڻهن طرفان، اجتماعي طور، حڪومت جي ذريعي پڻ، ڪيئي اهم فيصلا ڪيا وڃن ٿا.

## ٻين جمهوري ملڪن جا اقتصادي نظام

آزاد دنيا تي چوڌاري نظر ڦيرائڻ سان، مختلف قسمن جا اقتصادي نظام نظر اچن ٿا. انهن مان اڪثر گڏ وچڙ اقتصادي نظام آهن، جن ۾ حڪومت

ڪڏهن وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي، تہ ڪڏهن ننڍو. هر ملڪ کي آزادي هئڻ گهرجي تہ هو پنهنجي انهيءَ " گڏ وچڙ" جي نوع جو انتخاب پاڻ ڪري، ڇاڪاڻ تہ ملڪ ملڪ ۾ حالتون مختلف صورت جون ٿين ٿيون.

آمريڪي اقتصادي نظام ۾ گهٽو ڪجهہ آهي، جنهن جي مطالعي مان گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جا ماڻهو پرائي سگهن ٿا. پر ممڪن آهي تہ اهي جيڪي ڪجهہ ڏسن، سو سڀ شايد نقل ڪرڻ نہ چاهين. ڪيترن ڪمن ڪرڻ جا طريقا اهڙا آهن، جيڪي آمريڪا ۾ ڪارگر آهن، پر اهي ساڳيا طريقا شايد ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ ڪارائتا ثابت نہ ٿين. ساڳيءَ طرح، ڪن ڪمن کي سرانجام ڪرڻ جا طريقا اهڙا بہ آهن، جي ترقي ڪندڙ ملڪن لاءِ سنا آهن، پر اهي آمريڪا لاءِ شايد نيڪ نہ ٿين. ۽، آخر ۾، ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪن ڪمن ڪرڻ جا طريقا، جيڪي برطانيا، فرانس، سئيڊن ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ اختيار ڪيا ويا ٿا، سي ترقي ڪندڙ ملڪن لاءِ آمريڪا وارن جي طريقن کان بهتر ثابت ٿي سگهن. آمريڪي ماڻهو خود ٻين ملڪن کان هميشہ نيون نيون ڳالهيون سکندا رهن ٿا.

انهيءَ ڳالهہ جي هڪ مثال ڏسڻ لاءِ، اچو تہ حڪومت جي اقتصادي ڪردار تي وڌيڪ ويچاريون. هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ گهٽن ترقي ڪندڙ ملڪن جون حڪومتون پنهنجي ملڪ جي اقتصاد ۾ پاڻ وڏو ڪردار ادا ڪرڻ چاهين ۽ نجي ڪاروبار کي ايترو وڏو ڪردار ادا ڪرڻ نہ ڏين، جيترو رواجي طور آمريڪي باشندا پنهنجي ملڪ ۾ پسند ڪن ٿا. مثال طور، جيڪڏهن هندستان کي پنهنجو اقتصادي نظام سڌارڻو آهي تہ ڪين قدرتي وسيلن کي بهترين نموني ۾ استعمال ڪرڻو پوندو. هندستان جهڙن گهٽن ترقي ڪندڙ ملڪن ۾، جتي سرمايي ۽ ماهر منتظمين جي کوٽ آهي، اتي ڪن بنيادي صنعتن جو انتظام نجي ڪاروبار کان حڪومت جي هٿ هيٺ هلائڻ بهتر ثابت ٿيو آهي، پر آمريڪا ۾ بہ ائين ٿئي، اهو ضروري ناهي، ڇاڪاڻ تہ اُتي، خانگي ڪاروبار هلائيندڙن ۾ عام طور اعليٰ ڄاڻ ۽ بهترين انتظامي صلاحيت ۽ ڪارڪردگيءَ جي کوٽ ڪانهي.

اڄ جا ترقي ڪندڙ ملڪ، واپرائيندڙن ۽ ڪارخانيدارن جي باهمي امدادي ادارن جي اهميت معلوم ڪرڻ لاءِ سئيڊن ۾ انهن جا مثال ڏسن، تہ شايد انهيءَ

ڏس ۾ هو گهڻو ڪجهه پرائي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح ممڪن آهي ته صحت عامه جي قومي سطح تي هلائڻ جي ڍنگ سکڻ لاءِ ڪين برطانيا ڏانهن ڏسڻو پوي. اقتصادي رٿابنديءَ جي طريقي سکڻ لاءِ شايد هو هندستان يا فرانس ڏانهن نهارڻ چاهين، ۽ پيرسن ماڻهن جي سنڀال لهڻ جي طريقي سکڻ لاءِ شايد ڊينمارڪ کان ڪجهه عملي رستو معلوم ڪري سگهن، ۽ هن حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ته حڪومت کي ريلوائي رستن جو انتظام ڪهڙي مهارت سان هلائڻ گهرجي، شايد ڪين سئٽزرلينڊ جو مثال وٺڻو پوي.

پر ترقي ڪندڙ ملڪن کي، هنن ڳالهين ڄاڻڻ لاءِ ته ملڪ جي اقتصادي ترقيءَ ۾ نجو ڪاروبار ڪيڏو نه اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، ۽ هڪ آزاد قوم جون قوتون ڪيئن نه هڪ ڪامياب اقتصاد تعمير ڪري سگهن ٿيون، جنهن ۾ زندگيءَ جا معيار بلند هجن ۽ جنهن ۾ سياسي آزادي هڪ حقيقت طور موجود هجي - يقيني طور آمريڪا ڏانهن ئي ڏسڻو پوندو.

هاڻي، جڏهن ته اسان آمريڪا جي اقتصادي نظام تي هڪ سرسري نگاهه وجهي چڪا آهيون، تڏهن اچو ته ان جي مختلف حصن جي تفصيلي جاچ پڙتال پڻ ڪريون.

(3)

# خانگي ڪاروبار جو ڪردار ۽ ان ۾ شخص جي اهميت

آمريڪا ۾ هڪ شخص، واپرائيندڙ ۽ پڻ پورهيت جي صورت ۾، ڪهڙيءَ حيثيت جو مالڪ آهي، ان جو بيان هن باب جي پهرئين حصي ۾ ڪيو ويندو. ٻئي حصي ۾، خانگي تجارت جي اُنهيءَ ڪردار جو مطالعو ڪيو ويندو، جيڪو اها ملڪي اقتصاد ۾ ادا ڪري ٿي. انهن ڳالهين جي سلسلي ۾، دنيا جي مختلف جمهوري ۽ صنعتي لحاظ کان ترقي ڪيل ملڪن جي وچ ۾ جيڪي فرق آهن، تن تي پڻ خيال آرائي ڪيل آهي.

## شخص، واپرائيندڙ جي حيثيت ۾

سڀ ماڻهو واپرائيندڙ آهن. اقتصاديات جا نصابي ڪتاب اسان کي اهو ٻڌائين ٿا تہ اقتصادي سرگرميءَ جو مول مقصد، واپرائيندڙن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي. جمهوري ملڪن ۾، يقيناً، واپرائيندڙ ماڻهن جي خواهشن ۽ ضرورتن کي پورو ڪرڻ ٿي، ڪارخانن ۾ مال ناهڻ جو مکيہ سبب هوندو آهي. گهٽ ترقي ڪيل ملڪن ۾ پڻ، اُتان جي عام ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار کي بلند ڪرڻ، سندن اقتصادي پاليسيءَ جو خاص مقصد هوندو آهي. فقط جنگ جي زماني ۾ ئي عام واپرائڻ واري کان علاوه ڪنهن ٻئي مال -جنگي سامان جي پيداوار - جي تياريءَ کي وڏيڪ اهميت ملندي آهي.

### 1- هر هڪ واپرائيندڙ کي مال جي چونڊ جي آزادي

اڄ جي جمهوري صنعتڪار ملڪن ۾ واپرائيندڙ ماڻهو، ملڪ جي اقتصاد ۾ وڏ ڪردار ادا ڪري ٿو. آخر ۾ اچي، هو ئي اهو فيصلو ڪري ٿو تہ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ناهيون وڃن، ۽ ڪيتري مقدار ۾. هڪ جمهوري ملڪ ۾، ٻين انيڪ بنيادي اقتصادي آزادين مان هڪ اها آهي تہ اوهان کي هن فيصلي ڪرڻ جو پورو حق آهي تہ اوهان پنهنجو پئسو خرچ ڪريو يا بچايو، ۽ جيڪڏهن خرچ ڪرڻ پسند ڪريو ٿا تہ ان صورت ۾ اوهان کي هن فيصلي ڪرڻ جي پڻ پوري

آزادي حاصل آهي ته اوهان ڪهڙيون شيون خريد ڪريو ۽ ڪهڙيون نه ڪريو. جڏهن هر واپرائيندڙ کي اها آزادي حاصل آهي، جيئن آمريڪا ۽ ٻين آزاد ملڪن ۾ آهي، ته پوءِ اُهي ئي آخرڪار، هيءُ فيصلو ڪن ٿا ته قوم جا پيداواري ذريعا ڪهڙيءَ طرح استعمال ٿيڻ گهرجن.


هڪ فرد لاءِ، اڪيلي سر پنهنجي اها اهميت محسوس ڪرڻ ڪجهه ڏکي آهي. جيڪڏهن هڪ گهر ڌياڻي ڪنهن سيڏي جي دڪان تي وڃي، هڪ خاص قسم جو صابڻ خريد ڪري ٿي، ته ممڪن آهي ته ڪيس اهو معلوم نه ٿئي ته ائين ڪرڻ سان هوءَ هن فيصلي ڪرڻ ۾ مدد ڏئي رهي آهي ته ملڪ ۾ صابڻ جو ڪهڙو قسم ٺاهڻ گهرجي. نه وري ٻئي اهڙي هڪڙي واپرائيندڙ کي ئي پنهنجي ان اهميت جو پتو پوي ٿو، جيڪو پنهنجي پُٽ لاءِ ڳولي ڳولي هڪ خاص قسم جي سائيڪل خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو. هن ڳالهه جو احساس اهڙي ڪنهن به ڪٽنب کي ڪو نه ٿو ٿئي، جيڪو هڪ ٽيليويزن سيٽ خريد ڪري ٿو ۽ ان ڪان پوءِ سئنيما تي وڃڻ بدران، گهر ۾ ترسڻ پسند ڪري ٿو.

پر سڄي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، لکين ڪروڙين ماڻهو هر روز اهڙا فيصلا پيا ڪن. هو، هڪ طرح سان، هڪ جي مقابلي ۾، ٻيءَ شيءِ جي حق ۾ ووٽ ڏين ٿا. هو ڪارخانيدارن کي ٻڌائين ٿا ته ڪين ڪهڙي شيءِ پسند آهي ۽ ڪهڙي ناپسند. ۽ ڪارخانيدارن کي سندن راءِ تي ڪن ڏيڻو آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هو اهڙو مال ٺاهيندا، جيڪو واپرائيندڙن کي نه گهرجي، ته اهي پنهنجو مال وڪڻي نه سگهندا ۽ انهن جا ڪاروبار ٻيهي ويندا. ٻئي طرف، جيڪڏهن اهي واپرائيندڙن کي اهڙيون شيون ئي پيش ڪندا، جي هو طلب ڪن ٿا يا پسند ڪن ٿا، ته پوءِ سندن ڪاروبار وڌندا، ۽ انهن مان هو نفعو ڪمائيندا.


اهڙي صورتحال، جنهن ۾ واپرائيندڙ آزاديءَ سان هي فيصلو ڪن ٿا ته ڪين ڪهڙي شيءِ گهرجي، ۽ پوءِ هو اها شيءِ خريد ڪرڻ ذريعي ان جي حق ۾ "ووٽ" ڏين ٿا، هڪ طرح سان ائين آهي جڇڻ سياست ۾ آزاد چونڊ. سياسي چونڊ ۾ هڪ شهري پنهنجي اميدوار جي حق ۾ ووٽ ڏئي ٿو. توهان شايد ائين سمجهو ته اوهان جو ووٽ، هزارن ۾ هڪ آهي ۽ ان ڪري ان کي ڪا اهميت آهي ئي ڪا نه. پر جڏهن سيني ووٽن جو گڏي شمار ڪيو وڃي ٿو، تڏهن ان جو نتيجو هي نڪري ٿو ته هڪ اميدوار ملڪ جو صدر بڻجي ٿو يا پارليامينٽ جو

ميمبر ٿئي ٿو، ۽ بيو شڪست کائي وڃي ٿو. جهڙيءَ طرح هڪ آزاد جمهوري ملڪ ۾ آزادانہ انتخاب ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو شهرين کي هن فيصلي ڪرڻ جي آزادي ڏئي ٿو تہ سندن حڪومت ڪير هلائي، بلڪل ساڳيءَ طرح واپرائيندڙن يا پئسو خرچ ڪندڙن کي مختلف مال مان چوند ڪرڻ جي آزادي ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ اها شهرين کي هن فيصلي ڪرڻ جي آزادي ڏئي ٿي تہ اهي پنهنجو پئسو ڪهڙين شين تي خرچ ڪن. ڪنهن کي بہ اهڙي حڪومت پسند ناهي، جنهن ۾ هڪ ڊڪٽيٽر ماڻهن کي چوي تہ ڪين ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح،

How Consumers' Choices Affect Production




People have the freedom to decide how they will spend their money.




When people decide to buy more of one product—such as bicycles—they are telling producers what they want. Factories will produce more bicycles and will need more workers. Factories that make goods that people do not buy will produce less and less, and will need fewer workers.

(واپرائيندڙن جي چوند پيداوار تي ڪيئن اثر وجهي ٿي)

جنگ يا ٻيءَ ڪنهن سخت هنگامي حالت کان علاوه، ڪڏهن بہ ڪو اهڙو ڪو اقتصادي نظام ڪو نہ چاهيندو، جنهن ۾ حڪومت ڪيس ائين چوي تہ هيءَ شيءِ خريد ڪر ۽ هوءَ شيءِ خريد نہ ڪر.

مال واپرائيندڙ، مال جي چونڊ ڪرڻ جي آزاديءَ جو حق ڪيئن استعمال ڪن ٿا، تنهن جو هڪ تازو مثال ٻڌو: ڪي ٿورا سال اڳ، آمريڪي موٽر ساز ڪارخانن جا وڏا وڏا مالڪ، فقط وڏيون موٽر ڪارون ٺاهيندا هئا، پر يورپي ڪارخانيدار "ووڪس وئگن" ۽ "رينالٽ" جهڙيون ننڍيون موٽر گاڏيون ٺاهيندا رهيا. آمريڪي پئسو خرچ ڪندڙ وڏين گاڏين کان بيزار ٿي رهيا هئا، ڇاڪاڻ تہ اهي هڪ طرف مهانگيون هيون، تہ ٻئي طرف انهن کي بيهارڻ لاءِ جاءِ جي تنگي هئي، ڇاڪاڻ تہ انهن وڏي تعداد ۾ ننڍيون يورپي موٽر گاڏيون خريد ڪرڻ شروع ڪيون. جلدئي، آمريڪا ۾ هر سال پنج لک يورپي ساخت جون ننڍيون موٽر ڪارون درآمد ٿيڻ لڳيون، ۽ آمريڪي ڪارخانيدارن کي انهيءَ ڇتا پيٽيءَ مان وڏو نقصان ٿيڻ لڳو. ان جو نتيجو هي نڪتو تہ آمريڪي موٽر ساز ڪارخانن جي مالڪن پڻ، وڏين سان گڏ ننڍيون موٽر ڪارون ٺاهڻ شروع ڪيون، ۽ ائين ڪرڻ لاءِ ڪين موٽر ڪارن خريد ڪندڙن ئي مجبور ڪيو.

هڪ ٻيو مثال ٻڌو: آمريڪي ماڻهن لاءِ سڀ کان وڏو تفريح جو ذريعو هوندو هو سئنيما تي وڃڻ. سن 1940ع کان پوءِ، ٽيليويزن سيٽ معقول قيمتن تي دستياب ٿيڻ لڳا. جلدئي، ماڻهن سئنيمائن تي وڃڻ بدران، ٽيليويزن سيٽ خريد ڪرڻ، ۽ شام جو گهر ۾ ويهي، ٽيليويزن سيٽن تي تماشو ڏسڻ شروع ڪيو. ڪيترائي سئنيما گهر بند ٿي ويا. جيڪي ماڻهو انهن ۾ ڪم ڪندا هئا، تن کي ٻين هنڌن نوڪريون تلاش ڪرڻيون پيون. پر، ساڳئي وقت، گهڻن ماڻهن کي ٿوري وقت گذرڻ بعد، ٽيليويزن سيٽن جي وڪري ۽ مرمت جا ڪم ملڻ لڳا. ائين، هڪ دفعو وري بہ گويا پئسو خرچ ڪندڙن يعني عام واپرائيندڙن پنهنجو فيصلو صادر ڪيو هو.

آزاد جمهوري ملڪن ۾ مال واپرائيندڙ ماڻهو هر وقت اهو فيصلو ڪندا رهن ٿا تہ اهي پنهنجو پئسو ڪيئن خرچ ڪندا. خانگي - ڪاروباري اقتصادي نظام جي سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها ئي آهي تہ اهو واپرائيندڙ کي انهيءَ شيءِ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، جيڪا کيس گهرجي. واپرائيندڙن يا

گراهڪن کي هٿ ڪرڻ لاءِ، ڪارخانيدارن ۾ جيڪا چٽا ڀيٽي لڳي رهي ٿي، ۽ ان تي جيڪو بي انداز پئسو خرچ ٿيندو رهي ٿو، تنهن تي ڪڏهن ڪڏهن اها نڪتہ چيني ڪئي ويئي آهي تہ اهو هڪ اجايو زيان ٿئي ٿو. پر چٽا ڀيٽيءَ جي هڪ چڱي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اها مال واپرائيندڙن کي مختلف قسمن جي شين مان سندن مرضيءَ ۽ پسند مطابق چونڊ ڪري بهترين شيءِ ڳولي ڪڍڻ ۾ مدد ملي ٿي. واپرائيندڙن لاءِ مال جي چونڊ ڪرڻ جي سچي پچي آزادي ائين ميسر نہ ٿيندي، جيڪڏهن فقط هڪ ئي مال ناهيندڙ ميدان ۾ هوندو، خواهہ اها هڪ هٽي ڪنهن خانگي ماڻهوءَ کي مليل هجي، خواهہ حڪومت کي.

ڪي حالتون واقعي اهڙيون بہ آهن، جن ۾ واپرائيندڙن کي مال جي چونڊ ڪرڻ جي آزاديءَ جي اميد رکڻ مناسب ناهي. مثال طور، واپرائيندڙن کي محض چونڊ ڪرڻ جي آزادي ڏيڻ لاءِ، ساڳيءَ گهٽيءَ ۾ ٻن علحده انتظامن هيٺ ٽرامون هلائڻ، يا ساڳئي شهر ۾ ٻن مختلف ٽيليفون ڪمپنين جو هئڻ، يقيناً زيانڪاري ٿيندي.

هن ڪان پوءِ اسين هن سلسلي ۾غور ڪنداسون تہ جيڪڏهن ڪو ڪارخانيدار هڪ هٽي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تہ ان صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. ۽ ائين بہ آهي تہ ڪي اهڙيون حالتون پڻ سماج ۾ موجود ٿين ٿيون، جن ۾ ماڻهو پنهنجين ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ حڪومت کي بحيثيت هڪ اجتماعي ذريعي جي استعمال ڪرڻ وڌيڪ فائديمند سمجهن ٿا. جهڙوڪ: پوليس، تعليم، باهہ کان بچاءَ، وغيره وغيره.

انهن ٻن صورتن کان علاوه، اسين هيءُ فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ مال واپرائيندڙن لاءِ مال جي چونڊ ڪرڻ جي آزادي، نجي ڪاروبار جي اقتصادي نظام جو هڪ وڏي ۾ وڏو فائدو آهي. معاشري جي هڪ فرد لاءِ اها اقتصادي آزادي، آزاد معاشري جي وسيع تر تصوير جو هڪ اهم حصو آهي.

## 2- حڪومت جي ذريعي اجتماعي ڪاپو

ڪي حالتون اهڙيون بہ آهن، جن ۾ مال واپرائيندڙ هڪ ماڻهو لاءِ، سڌيءَ طرح کليل بازار مان گهربل مال خريد ڪرڻ ذريعي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ آسان نہ هوندو آهي. مثال طور، شهري ماڻهو، انفرادي حيثيت ۾، پوليس، باهہ کان بچاءَ، شاهراهن ۽ قومي دفاع جي پنهنجي ضرورت کي انفرادي عمل

ذريعي پورو نٿا ڪري سگهن. انهن خدمتن يا سهوليتن جي استعمال جو انتظام، اجتماعي طور حڪومت جي وسيلي سان ئي ڪرڻو پوي ٿو. ۽ انهن جي قيمت يا سڌيءَ طرح ادائگيءَ وسيلي يا ٽئڪسن ذريعي، ڏيڻي پوي ٿي.

آمريڪا ۾ چڱي خاصي تعداد ۾ ڪي خاص قسم جا سامان ۽ سهولتون مجموعي طور حڪومت طرفان مهيا ڪيون وڃن ٿيون. جيتوڻيڪ انهن سرڪار طرفان مهيا ٿيندڙ شين ۽ سهولتن جو تعداد يا مقدار ايترو ناهي، جيترو برطانيا يا سئيڊن جهڙن ڪن ٻين مغربي ملڪن جي حڪومتن طرفان مهيا ڪيو وڃي ٿو. جن ڪمن متعلق شهرين گڏجي اهو فيصلو ڪيو آهي ته انهن جو نجي ڪاروباري بنيادن ڪان، سرڪاري ذريعي سان اجتماعي نموني ۾ هلڻ بهتر آهي، تن ۾ شهري ڪاميٽين طرفان خريد ڪيل بس سروسون، بجلي، گئس ۽ پاڻيءَ جون سهوليتون، پوليس جو انتظام ۽ باهه ڪان بچاءَ، تعليم، رستا، ٽپال گهر، ٻڍاپي جي زماني ۾ هلندڙ پينشنون، بيروزگاريءَجي عرصي دوران ملندڙ رعايتون ۽ قومي دفاع جون سهوليتون شامل آهن.

آمريڪا وارن ڪان جڏهن ڪنهن اهڙي فيصلي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويندو آهي ته ڪنهن شيءِ يا ڪنهن خدمت يا سهوليت ڪي، جا اڳي اقتصادي نظام جي نجي شعبي ۾ شامل هئي، ڦيرائي سرڪاري هٿن ۾ ڏنو وڃي يا ڪيئن. تڏهن اهڙو فيصلوڪرڻ، هنن لاءِ هڪ بيحد اهم ۽ ڏکئي فيصلي جي حيثيت رکندو آهي. آمريڪا ۾ هن وقت هڪ اهڙي ئي اهم مسئلي تي فيصلي ڪرڻ لاءِ قومي سطح تي بحث مباحثو هلي رهيو آهي. اهو زير بحث مسئلو هي آهي ته ڇا، حڪومت کي طبي ۽ صحتي شعبن ۾ داخل ٿي، آمريڪي شهرين جي صحت جي تحفظ لاءِ ڪنهن قومي رٿا جو انتظام ڪرڻ گهرجي،جيئن برطانيا ۽ نيوزيليند ۾ ڪيو ويو آهي، يا اهو ڪم ائين ئي هلڻ ڏنو وڃي، جيئن هن وقت هلي رهيو آهي.

## 3- باهمي امدادي ادارن ذريعي اجتماعي عمل

هڪ اهڙي امڪاني صورتحال موجود آهي، جنهن ۾ نه ته مڪمل طور انفرادي عمل جي ضرورت آهي، ۽ نه سرڪاري سطح تي سرگرمي. اهو امڪان، "مال واپرائيندڙن جي باهمي امدادي اداري" جي صورت ۾ موجود آهي. ان ۾ ڪيئي مال واپرائيندڙ ماڻهو هڪ جماعت جي حيثيت ۾ گڏ ٿين ٿا، ۽ امداد

باهميءَ جي ناتي هڪ ادارو قائم ڪن ٿا، جنهن جو مقصد انهن شين ۽ سهوليتن کي حاصل ڪرڻ آهي، جن جي سڀني ميمبرن کي لوڙ هجي. انهيءَ باهمي امدادي اداري کي هلائڻ لاءِ هڪ مئنيجر مقرر ڪيووڃي ٿو، پر سڀني اهم فيصلن ۾، انهن سڀني واپرائيندڙن کي ووٽ ڏيڻ جو حق هوندو آهي، جيڪي انهيءَ اداري جا ميمبر هوندا آهن. انهيءَ اداري جي ڪاروبار ۾، خانگي ڪاروبار جي برعڪس، ڪنهن لاءِ بہ نفعو ڪو نہ هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪاروبار هلائڻ جي خرچ ڪڍڻ کان پوءِ، جيڪو بہ پئسو بچي ٿو، سو اداري جي ميمبرن کي واپس ڪيو وڃي ٿو.

آمريڪا ۾ باهمي امدادي اداري جو هن مقصد لاءِ قيام، عام طور مقبول آهي، تہ ان جي ميمبرن کي بجلي مهيا ڪئي وڃي، جڏهن اهي ميمبر اهڙن دور دراز علائقن ۾ رهندڙ هوندا آهن، جتي نجي سرمايي تي هلندڙ بجلي ڪمپنين کي پنهنجو سرمايو سيڙائڻ سودمند نظر نہ ايندو آهي. بجلي پهچائڻ جي مقصد سان قائم ڪيل باهمي امدادي ادارا، اڪثر حالتن ۾ آبادگارن پنهنجي پيداوار وڌائڻ لاءِ قائم ڪيا آهن. البت، ڪي اهڙا ادارا عام رواجي واپرائيندڙن طرفان پڻ قائم ڪيا ويا آهن. پوئين ذڪر ڪيل طريقي جو هڪ نمونو، ڏکڻ ڪئليفورنيا جي ريگستاني ايراضين ۾ قائم ڪيل ادارو آهي، جتي گهڻا ماڻهو هفتي جي پوئين ڏينهن تي آرام ڪرڻ يا موڪلن ملهائڻ لاءِ ننڍيون ننڍيون جهوپڙيون وٺڻ چاهيندا آهن. اهي ماڻهو پنهنجي سهولت لاءِ بجلي حاصل ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ ۾ گڏجي امدادباهمي جي بنياد تي هڪ جماعت ناهيندا آهن. ڪئليفورنيا رياست جي سئن برنارڊينو ضلعي ۾ قائم ڪيل "ڊيزرٽ اليڪٽرڪ ڪوآپريٽو"، انهيءَ قسم جو باهمي تعاون جو هڪ ادارو آهي.

آمريڪي ڪانگريس، سن 1930ع کان پوءِ، امداد باهمي جي بنيادن تي بجلي مهيا ڪندڙ ادارن کي نهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ، هڪ "ديهاتي علائقن ۾ بجلي پهچائيندڙ انتظام" (Rural Electrification Administration) جو ادارو قائم ڪيو، جيڪو مذڪوره ننڍن ادارن کي، سندن ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ گهربل سرمايو مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ، وياج جي بلڪل هيناهين نرخن تي رقم اُڌاري ڏيندو آهي. اهو ڪم زراعت پيشہ ماڻهن کي مدد ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو هو، جن مان گهڻن وٽ انهيءَ زماني ۾ بجلي ڪا نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ اهي وڏن شهرن

ڪان گهٽو دور رهندا هئا. ۽ خانگي سرمايي سان هلندڙ بجلي ڪمپنيون، بجلي پهچائڻ جو ڪم فقط شهرن ۾ ڪنديون هيون.

آبادگار، گهڻو ڪري امداد باهمي جي بنيادن تي ادارا ناهيندا آهن، تہ جيئن اهي، انفرادي حيثيت بدران، هڪ جماعت جي حيثيت ۾ ڪيميائي پاڻ ۽ ٻيو گهربل سامان حاصل ڪري سگهن. سيڏي جا ڪي وڏا وڏا دڪان پڻ، امداد باهميءَ جي بنياد تي قائم ڪيل آهن. ڪيئي انشورنس ڪمپنيون ۽ سيونگس بئنڪون، نجي طور سرمايي سيڙائيندڙن جي بجاءِ، خود پنهنجن ئي ڪن ميمبرن ۽ گراهڪن جون ملڪيت هونديون آهن. آخر ۾، گهڻيون وڏيون تجارتي ڪمپنين جا ملازم پاڻ ۾ گڏجي، "قرض ڏيندڙ يونين" قائم ڪندا آهن، جنهن مان مختلف ميمبر ضرورت وقت اوڌر وٺي سگهندا آهن. اهڙي قرض ڏيندڙ يونين بہ هڪ قسم جو باهمي امدادي ادارو ٿئي ٿو.

اهڙيءَ طرح، باهمي امدادي ادارا، حڪومت ڪي وچ ۾ آڻڻ ڪان سواءِ، مال واپرائيندڙ ماڻهن جي ڪن مقصدن - خاص طرح، وڌيڪ ڪفايتي خريداري ڪرڻ، وغيره - حاصل ڪرڻ جا ذريعا آهن. اهي ادارا عام شهرين ڪي پنهنجي ئي همت ڪان ڪم وٺڻ، ۽ پاڙيسرين سان گڏجي، سيني جي ڀلي خاطر ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏين ٿا.

دراصل واپرائيندڙن جي باهمي امدادي ادارن جي تحريڪ آمريڪا ۾ ايتري وڏي پيماني تي پکڙيل ناهي، جيتريقدر اها يورپ ۾ پکڙيل آهي. يورپ (جتي انهيءَ تحريڪ جو آغاز سن 1846ع ۾ ڪيو ويو) ۽ اسڪئنڊينيويا وارن ملڪن ۾، سڄي ملڪي ڪاروبار جو هڪ وڏو حصو، باهمي امدادي ادارن جي وسيلي هلي ٿو. عام طور، هيءَ بہ هڪ اهڙي قسم جي تنظيم آهي، جا اهڙن نون ملڪن لاءِ قابل غور آهي، جيڪي مختلف نمونن جي اقتصادي نظامن سان تجربا ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح مال ناهيندڙن جا باهمي امدادي ادارا بہ قائم ڪرڻ ممڪن آهي. انهن تي اسين اڳتي هلي بحث ڪنداسين.

## بچت ڪندڙ ۽ جائداد جا مالڪ

اڳئين باب ۾ چيو ويو آهي تہ اڪثر آمريڪي ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي جائداد جا مالڪ آهن. انهيءَ مان گهڻي جائداد شخصي نوعيت جي آهي، جهڙوڪ: موٽر، گهر، يا ٻيو اهڙو سامان. پر آمريڪي ماڻهن جي گهڻي

ملڪيت اهڙي آهي، جنهن ۾ انهن، لاڳيتي آمدني حاصل ڪرڻ جي ارادي سان، پنهنجو بچتو پئسو سيڙايو آهي.

آمريڪي باشندا جيڪو پئسو بچائين ٿا، اُهو ملڪ جي وڌندڙ پيداوار جي صنعت ۾ سيڙائڻ لاءِ گهربل سرمايي جو هڪ اهم حصو آهي. هن حقيقت جي ثابتيءَ ۾ ڪنهن خاص دليل جي ضرورت نہ آهي تہ آمريڪا ۾ پئسي جون بچتون، سرمايي جي سيڙپ ۽ جائداد جي مالڪي، فقط چند دولتمندن تائين محدود نہ آهن. اهي سڀ نعمتون اتان جي عام ماڻهن جي وڏي حصي ڪي وڏي پيماني تي نصيب ٿيل آهن.

اچو تہ هاڻي اهو ڏسون تہ آمريڪا جا ماڻهو پنهنجن بچتن مان ڪهڙو ڪم وٺن ٿا. پهريائين تہ هو پنهنجون بچتون بئنڪن، ۽ بين اهڙن ادارن ۾ رکن ٿا، جن کي بچتون رکندڙ ۽ قرض ڏيندڙ (يا، برطانيا ۾، تعميراتي) سوسائٽيون سڏين ٿا. اهي ادارا، بچتن واري اها رقم، اهڙن گهرجائو ماڻهن کي قرض طور ڏئي، ڪين ڪم ۾ لڳائين ٿا، جهڙوڪ: اهڙا ڪاروباري ماڻهو، جي پنهنجي پيداوار وڌائڻ جا خواهان هجن، يا ڪي بيا اهڙا مال واپرائيندڙ، جن کي گهر جي جاءِ اَڏائڻي يا خريد ڪرڻي هجي يا وري اهڙا آبادگار، جي پنهنجن ٻنين کي ناهڻ ۽ سڌارڻ لاءِ زرعي مشينون خريد ڪرڻ چاهين. بچايل رقمن جي انهن مالڪن کي، البت، وياج ڏنو وڃي ٿو. ماڻهن جون بچتون، اهڙين بچتن رکندڙ بئنڪن، ۽ بچتن رکندڙ ۽ قرض ڏيندڙ سوسائٽين وٽ بلڪل محفوظ رهن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ وفاقي حڪومت جي ايجنسين طرفان اهڙن ادارن کي نقصان کان بچائڻ لاءِ ويمو ڪرايل هوندو آهي.

ماڻهن جي بچتن کي ڪم ۾ لڳائڻ جو هڪ ٻيو طريقو، ويمي ڪمپنين جي صورت ۾ موجود آهي. هر سال، آمريڪي ماڻهو، پنهنجن گهرن کي باهہ کان، موٽر گاڏين کي حادثن کان، ۽ سڀ کان وڌيڪ پاڻ بيمارين ۽ اوچتي موت جهڙن حادثن کان محفوظ ڪرڻ لاءِ، ڪروڙن ڊالرن جا ويما ڪرائيندا رهن ٿا. پنهنجي حياتيءَ جو ويمو ڪرائڻ (لائيف انشورنس پاليسي خريد ڪرڻ) هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن جي وسيلي ماڻهو، پنهنجي اوچتي موت جي حالت ۾، پنهنجي ڪٽنب جو بعد جي تڪليفن کان تحفظ ڪري ڇڏي ٿو. ٻڍاپي لاءِ ڪجهہ بچت ڪري رکڻ جو بہ اهو هڪ طريقو آهي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو

پنهنجي زندگيءَ جي انهيءَ دور ۾، جڏهن هو محنت ڪري سگهي ٿو. ويمي ڪمپنيءَ کي باقاعدي پئسو ڏئي سگهي ٿو، ۽ پوءِ جڏهن هو پيرسن ٿئي ٿو ۽ ڪم ڪرڻ جهڙو نٿو رهي. تڏهن انشورنس ڪمپنيءَ ڪان باقاعدگيءَ سان پئسا وصول ڪندو رهي ٿو.

پر، ويمي ڪمپنيون، جيڪي بچت ڪندڙ ماڻهن ڪان ايترو سارو پئسو باقاعدگيءَ سان وصول ڪنديون رهن ٿيون، سي انهيءَ پئسي کي بيڪار ڪاروبارن ۾ سيڙپ وسيلي استعمال ڪن ٿيون. اهي ئي ڪمپنيون، حڪومت کي ضرورت پوڻ تي، وڏيون وڏيون رقمون قرض طور به ڏين ٿيون.

هڪ ٻيو نمونو. جنهن ۾ آمريڪي ماڻهو منافعي ڪمائڻ لاءِ پنهنجون بچايل رقمون ڪم ۾ لائي سگهن ٿا، سو آهي سرڪاري سيونگس بانڊن (بچت جي دستاويزن) ۾ يا غير سرڪاري تجارتي ڪمپنين جي حصن ۾ سيڙپ ڪرڻ. سرڪاري سيونگس بانڊن تي وياج جو مقرر ٿيل حصو ملندو رهي ٿو، ۽ سيڙپ جو اهو طريقو پوريءَ طرح محفوظ ۽ سلامتيءَ وارو آهي. خانگي ڪاروباري ڪمپنين جي حصن ۾ سيڙپ ڪرڻ واري طريقي ۾ البت وڏيڪ انديشو رهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ممڪن آهي ته انهيءَ ڪاروبار جا نتيجا سٺا نه نڪرن. پر جيڪڏهن تجارت فائدي ڏيندڙ ثابت ٿئي ٿي، ته ان صورت ۾ سيڙپ ڪندڙن کي، حصي سارو، ساليانو نفعو ملندو رهي ٿو

جيتوڻيڪ انگن اکرن جي صورت ۾ ڪنهن کي به صحيح معلومات ڪانهي ته آمريڪي تجارت ۾ ڪيترن آمريڪي ماڻهن جا ۽ ڪيترا حصا خريدڪيل آهن. پر اندازو آهي ته رڳو اهڙن ماڻهن جو تعداد هڪ ڪروڙ ستر لک آهي. انهن ڪان سواءِ تجارتي ڪمپنين جا گهڻا حصا، ويمي ڪمپنين، پينشن فندن ۽ اهڙن ٻين مالي ادارن جي ملڪيت آهن. جيڪي پنهنجي ليکي ٻين ڪروڙين شهرين جي نمائندگي ڪندڙ آهن. ڇاڪاڻ ته هيءَ حقيقت اسان کي يقيني طور معلوم آهي ته آمريڪا جي عام رواجي شهرين وڏي تعداد ۾ پنهنجون بچايل رقمون آمريڪي ڪاروبار ۾ سيڙائي رکيون آهن، اهو به ڄاڻون ٿا ته ائين ڪري سگهڻ لاءِ، انهن مان ڪنهن جو هرويرو شاهوڪار هئڻ ضروري ناهي. هي به معلوم آهي ته ڪاروباري ڪمپنين جا ڪيئي حصيدار، ماستر، ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ، آبادگار ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو آهن. جن پنهنجي بچت جو

ڪجهہ مقدار سيڙايو آهي، ۽ نتيجي طور، ڪاروباري منافعي ۾ حصيدار بڻجي پيا آهن.

آخر ۾، اسان ڪي هن ڳالهہ تي خاص توجهہ ڏيڻ گهرجي تہ آمريڪا ۾، پنهنجي گهر جي جاءِ جو پاڻ مالڪ هئڻ، هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. آمريڪا جا اڪثر ڪٽنب، پنهنجين رهائشي جاين جا پاڻ مالڪ هئڻ پسند ڪن ٿا، ۽ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي مستقل روزگار آهي، تہ پوءِ جاءِ جي قيمت پرڻ لاءِ ڪنهن بئنڪ، ۽ بچتن رکندڙ ۽ قرض ڏيندڙ سوسائٽيءَ کان گهربل رقم قرض طور حاصل ڪرڻ، ڏکيو ڪم ناهي. قرض کڻڻ کان پوءِ، اُڌاري ورتل رقم واپس ڪرڻ لاءِ (جا 15 کان 30 سالن تائين ڏئي سگهجي ٿي) ماهيانہ قسطون ڏجن ٿيون. قسطن ڏيڻ واري سڄي عرصي ۾، اهو ڪٽنب جاءِ ۾ گذر ڪندو، ۽ ان ۾ رهائش جون سهوليتون ماڻيندو رهي ٿو. اڪثر حالتن ۾، ماهيانہ قسط جي رقم، جاءِ جي ماهيانہ مسواڙ جي رقم کان گهٽ ٿئي ٿي، جا ٻيءَ صورت ۾ مسواڙي جاءِ ۾ رهڻ ڪري، هوند پرڻي پوي.

مختصر طور، هڪ آمريڪي شهريءَ کي انفرادي حيثيت ۾ سال جي جدا جدا نمونن مان چونڊ ڪرڻ جو جيڪو موقعو ۽ جيڪا آزادي حاصل آهي، ۽ ان سبب يا جن ٻين اهڙن مختلف طريقن سان هو پنهنجي ملڪ جي اقتصادي نظام جي هلائڻ ۾ حصيدار بڻجي سگهي ٿو، سي ٻئي ڳالهيون گڏجي، آمريڪي اقتصاد جو هڪ بيحد اهم ۽ ڪامياب رخ پيش ڪن ٿيون.

ملڪ جي اقتصادي نظام جو پاڻ هڪ جزو هئڻ، ان ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ منجهانئس شخصي طور فائدي حاصل ڪرڻ جو اهو ئي احساس آهي، جنهن سراسري طور هر هڪ آمريڪي باشندي کي انهيءَ اقتصادي نظام جو زبردست حامي بڻايو آهي، جنهن جو هو ايتريقدر پاڻ هڪ اهم حصو آهي.

## پورهيتن جي حيثيت ۾

اچو تہ هاڻي آمريڪي ماڻهن کي پورهيتن جي صورت ۾ ڏسون. ذري گهٽ هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي گذر اوقات لاءِ ڪو نہ ڪو پورهيو ڪرڻو ئي پوي ٿو. هڪ ماڻهوءَ جي اهائي خواهش هوندي آهي تہ کيس اهڙو ڪم ملي، جيڪو هو مزي سان ڪري، جيڪو کيس پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ جو موقعو ڏئي ۽ جنهن جي وسيلي هو پنهنجن ٻارن ٻچن جي گذر اوقات لاءِ عزت ڀري آمدني حاصل ڪري سگهي.

## 1- پورهيت لاءِ روزگار جا موقعا

آمريڪا ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي پسند جي روزگار جي تلاش ڪرڻ جي پوري آزادي حاصل آهي، هو جتي به چاهي، اتي نوڪري ڪري سگهي ٿو، يا هو پنهنجي سر ڪنهن واپار شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري سگهي ٿو.البت، نوڪري ڳولڻ ۾ جيڪي مشڪلاتون ڪيس پيش اينديون، تن مان هڪ هيءَ آهي تہ اڄ، آمريڪا ۾ جيڪي ڪم ٿي رهيا آهن، تن لاءِ پورهيت جو ڪنهن نہ ڪنهن فن ۾ ماهر هجڻ ضروري آهي. ڪو بہ ماڻهو، سواءِ ڪنهن ڏکي ۽ مهانگي تربيت جي وڪيل، ڊاڪٽر يا انجنيئر يا استاد ٿي نٿو سگهي. بجليءَ جو مستري، واڍو يا مڪئنڪ (ڪلن جو مستري) ٿيڻ لاءِ پڻ تربيت گهرجي، جيتوڻيڪ اها تربيت ايڏي ڏکي عرصي لاءِ نٿي ٿئي، جيتري مٿي ذڪر ڪيل بين ڪمن لاءِ. تجارت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، ماڻهوءَ جي راهہ ۾ فقط هڪ هيءَ رڪاوٽ آڏو آهي تہ ان لاءِ گهربل رقم ايڏي گهٽي هوندي آهي، جيڏي اڪثر ماڻهن وٽ، انفرادي طور، موجود ڪا نہ هوندي آهي.

بهرحال، ڪاريگريءَ جي ڪنهن فن يا تجارت سکڻ لاءِ، تربيت حاصل ڪرڻ جا تمام گهڻا موقعا موجود آهن. آمريڪا ۾، تعليم جو سرڪاري نظام، نهايت اعليٰ معيار جو آهي. اُتان جا اڪثر ماڻهو هاءِ اسڪول تائين تعليم حاصل ڪن ٿا. انهن کان سواءِ، ڪيئي تجارتي اسڪول آهن ۽ اهڙا بہ گهڻا اسڪول آهن، جن ۾ ماڻهو ڏينهن جو ڪم پوري ڪرڻ کان پوءِ، شام جو پڙهي سگهن ٿا. رياستي ۽ شهري ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ بہ رات جي ڪلاسن جو انتظام ٿيل آهي.

آمريڪي ماڻهن کي اڄ، جيڪي مختلف مسئلا درپيش آهن، تن مان هڪ، انهن نوجوانن جو آهي، جيڪي پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ کان اڳ ۾ئي اسڪول ڇڏي وڃن ٿا. اهڙن ماڻهن کي، پوءِ نوڪري هٿ ڪرڻ ۾ دشواري ٿئي ٿي. هڪ ٻيو مسئلو اهڙين عورتن ۽ مردن جو آهي، جن کي نين مشينن جي ايجاد ٿيڻ تي، ڪم کان خارج ڪيو وڃي ٿو. اڪثر حالتن ۾، اهڙا ماڻهو فقط هڪ خاص فن جا ماهر ٿين ٿا. ڪن حالتن ۾ اهي عمر رسيده بہ هوندا آهن. پوءِ اهڙن ماڻهن لاءِ نيون نوڪريون ڳولڻ مشڪل ڪم ٿيو پوي. حڪومت اهڙن ماڻهن کي وري ڪن نوَن هنرن جي سکيا ڏيڻ لاءِ تازو هڪ خاص رٿا تيار ڪرڻ ۾ مصروف هئي.

جيتوڻيڪ مٿي بيان ڪيل مسئلا پنهنجيءَ جاءِ تي موجود ضرور آهن، ان هوندي بہ پورهيتن جي نقطہ نگاهہ کان، آمريڪي اقتصاد جي خوبين مان هڪ بهترين خوبي هيءَ آهي تہ زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ، سندن راهہ ۾ تقريباً ڪا بہ سماجي رڪاوٽ آڏو بيٺل ڪانهي. آمريڪي سماج، دنيا جي انتهائي عدم - طبقاتي سماجن مان هڪ آهي. دراصل، آمريڪا ۾ "مزور طبقو" ۽ "اوچو طبقو" جهڙا لفظ، تمام گهٽ استعمال ٿين ٿا. ڇاڪاڻ تہ اتي ذري گهٽ هر هڪ ماڻهو ڪو نہ ڪو ڪم ڪري ٿو، ۽ اتان جي ماڻهن ۾ ڪو بہ اهڙو طبقو ڪونهي، جنهن کي اوچي گهراڻي ۾ جنم وٺڻ جي لحاظ کان ڪي خصوصي رعايتون مليل هجن. جيڪي بہ غير ملڪي آمريڪا ڏسڻ ايندا آهن، سي اتان جي انهيءَ نسبتي سماجي هڪجهڙائيءَ ۽ طبقاتي امتياز جي نہ هئڻ تي ضرور ويچاريندا ۽ خيال آرائي ڪندا آهن.

آمريڪي باشندا، ماڻهوءَ جو اندازو سندس خاندان يا نالي مان نہ، پر هن مان ڪندا آهن تہ هو پاڻ ڇا آهي ۽ ڇا ڪري سگهي ٿو. ڪو بہ اهڙو ماڻهو، جنهن ۾ لياقت آهي، جيڪو ڀرپور محنت ڪري سگهي ٿو ۽ اهو ثابت ٿو ڪري تہ هو ڪم کي سرانجام ڪري سگهي ٿو، سو زندگيءَ ۾ چڙهي چڙهي، چوٽيءَ تي پهچي سگهي ٿو. آمريڪي ڪاروبار، حڪومت ۽ ڏنڌا اهڙن ماڻهن سان ڀريا پيا آهن، جيڪي اصل غريب گهرن ۾ پيدا ٿيا آهن. انهن ماڻهن مان گهڻن، هوٽلن جي نوڪرن ۽ پيٽرول پمپن تي ڪم ڪندڙ ملازمن جي حيثيت ۾ پورهيو ڪري، رات جو پڙهي، ڪاليج جو مدو پورو ڪيو، ۽ پوءِ اهي سخت محنت ۽ ارادي جي مضبوطيءَ سان مٿي چڙهي ويا. اهڙا ماڻهو عزت ۽ قدر جي نگاهن سان ڏٺا وڃن ٿا، ۽ ڪين ننڍيءَ ٿهيءَ وارن اڳيان سڻن ۽ ڪامياب شهرين جي مثال طور پيش ڪيو وڃي ٿو.

## 2- آمريڪا ۾ پورهئي ڪرڻ وارن جون دنيوي حالتون

اڻويهين صديءَ ۾، ڪارل مارڪس انهن وحشتناڪ حالتن جو بيان ڪيو هو، جن جي تحت ڪيئي پورهيت ان وقت جي انگريزي ڪارخانن ۾ پورهيو ڪندا هئا. ذري گهٽ ساڳئي دور ۾، مشهور انگريز مصنف، چارلس ڊڪنس، ساڳئي مسئلي تي لکيو ( ۽ گهڻي قدر بهتر انداز ۽ طرز ۾ لکائين)، جنهن ۾ عورتن ۽ ٻارن سان بدسلوڪيءَ، گندگيءَ جي حالتن ۽ گهڻي وقت تائين

پورهئي وغيره جو ذڪر ڪيل هو. اوڻيهين صديءَ ۾ هنري انقلاب وارا اوائلي سال، انهيءَ سلسلي ۾ يقيناً، ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن لاءِ فخر ڪرڻ جهڙا ڪين هئا. آمريڪا ۾ پڻ، پورهيتن کي اڪثر اوقات، غير صحتمند حالتن ۾، تمام گهٽ اجرتن تي، گهڻي وقت تائين پورهيو ڪرڻو پوندو هو.

نوان آزاد ٿيل ملڪ، اڄ جيڪي اهم ترين ڳالهيون محسوس ڪري رهيا آهن، تن مان هڪ، بهرحال هيءَ آهي تہ ڪين پهنجين صنعتن کي ترقي ڏيڻ جي دوران ۾، ساڳئي قسم جي تجربن مان هرو ڀرو لنگهڻ جي ضرورت ڪانهي. اهي ملڪ، آمريڪا، برطانيا، ۽ ٻين صنعتي لحاظ کان ترقي ڪيل ملڪن جي تجربن مان فائدو پرائي سگهن ٿا. نوان ملڪ انهن ملڪن جي ڪيل غلطين کان بچي سگهن ٿا. ان لاءِ ڪو بہ سبب ڪونهي تہ اڄ جا گهٽ ترقي ڪيل ملڪ ڇو نہ هڪدم اڳتي وڌي، پيداواري سهولتن جي خيال کان، ويهين صديءَ جي عين وچ ۾ اچي بيهن ۽ پنهنجي لاءِ اهي جديد طريقا اختيار ڪن، جي اڄ ترقي ڪيل ملڪن ۾ ڪافي مدت جي تجربن کان پوءِ استعمال ٿي رهيا آهن.

آمريڪا ۽ مغرب جي ٻين صنعتي طور سڌريل ملڪن ۾، ويهين صديءَ جي دوران ۾ جيڪي وڏيون تبديليون آيون آهن، تن مان هڪ پورهئي جي حالتن ۽ پگهارن ۾ آيل تبديلي آهي. انهيءَ ڏس ۾ تمام وڏو سڌارو اچي ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ هڪ عام رواجي پورهيت کي بہ سراسري طور سنو پگهار ملي ٿو. مثال طور، اُڻويهين صديءَ جي آخر ڌاري، آمريڪا جي هڪ رواجي پورهيت کي هڪ هفتي ۾ سٺ ڪلاڪ پورهيو ڪرڻو پوندو هو. هينئر، هن کي هفتي ۾ چاليهہ ڪلاڪ پورهيو ڪرڻو پوي ٿو. وفاقي حڪومت جو هڪ قانون آهي، جنهن موجب اڪثر صنعتن جا مالڪ، پنهنجن پورهيتن کي، في ڪلاڪ جي حساب سان انهيءَ اجرت کان گهٽ نٿا ڏئي سگهن، جنهن لاءِ حڪومت فيصلو ڪري ٿي تہ هيءَ اجرت ئي واجبي ۽ مناسب آهي. آمريڪي پورهيتن کي وڏين اجرتن جو ملڻ، سڄي ملڪ خواهہ هر فرد لاءِ چڱي ڳالهہ آهي. اهي اجرتون مختلف شين جي خريد ڪرڻ ۾ خرچ ڪيون وڃن ٿيون، جنهن ڪري وڌيڪ ماڻهن لاءِ ڪم ڪرڻ جا موقعا پيدا ٿين ٿا ۽ سندن آمدني بہ وڌي ٿي. مثال طور، جيڪڏهن پورهيت وڌيڪ روٽي خريد ڪن ٿا، تہ ان جي معنيٰ ٿيندي ماني پچائڻ وارن ڪورن، اٽي پيهڻ جي ڪارخانن ۽ ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ وڌيڪ نوڪريون ۽ وڌي آمدني.

پورهئي جي حالتن تي ضابطي رکڻ، ۽ پورهيت جي مفادن جي تحفظ ڪرڻ لاءِ ڪيئي رياستي قانون موجود آهن. ذري گهٽ هر هڪ پورهيت کي سال ۾ ٻه يا ٽي هفتا پگهار سان موڪل ملي ٿي. ٻارن جي پورهئي تي قانوني طور بندش پيل آهي. ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ڪروڙن پورهيتن جي مفاد جو، ٻڍاپي جي وقت ۾ پينشن ملڻ جي رٿا، بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ جماعتي صحت ويمي جي پروگرام، نوڪري وڃائڻ جي حالت ۾، بيروزگاريءَ جي معاوضي وارن قاعدن، ۽ ڪم ڪندي ڪنهن حادثي جي شڪار ٿيڻ جي حالت ۾ پورهيتن جي معاوضي وارن قاعدن ذريعي تحفظ ٿيل آهي.

پورهيت جي حيثيت ۾ اهي سڌارا ٽن ڳالهين سبب آيا آهن. انهن مان هڪ سبب اهو آهي تہ اهڙن سڌارن آڻڻ لاءِ قانون پاس ڪيا ويا آهن. ٻيو سبب اهو آهي تہ پورهيتن پنهنجون جماعتون ناهيون آهن ۽ انهن جي وسيلي اهڙن سڌارن جي تقاضا ڪن ٿا. ٽيون سبب اهو آهي تہ مالڪ هيءَ ڳالهہ محسوس ڪن ٿا تہ پورهيتن جو مطمئن هئڻ، نہ فقط اخلاقي لحاظ کان صحيح آهي، پر سندن پيداوار کي وڌائڻ لاءِ پڻ چڱو آهي. انهن سيني سڌارن جي پٺيان، بهرحال، آمريڪي ماڻهن جو سماجي شعورڪم ڪري رهيو آهي. اڄ، ماڻهو اوڻيهين صديءَ کان ٻئي نموني ۾ سوچڻ لڳا آهن. اڄ، هيءَ احساس وڌيڪ آهي تہ صنعتي تعلقات ۾ ڇا درست آهي ۽ ڇا غلط. اها ڳالهہ، مغربي دنيا جي ٻين صنعتي ترقي يافتہ ملڪن سان پڻ ايترو ئي لاڳو آهي.

## 3- آمريڪا ۾ مزدور جماعتون

آمريڪي پورهيتن منجهان اٽڪل هڪ ڪروڙ سٺ لک پورهيت، مزور جماعتن سان وابستہ آهن. بنيادي صنعتن، جهڙوڪ: فولاد جي ڪارخانن، موٽر سازيءَ، ڪٽڻ، نيئڻ، بجليءَ جي سازو سامان ۽ ڪاٺين ۾ ڪم ڪندڙ ذري گهٽ سڀ ئي پورهيت مزور جماعتن جا ميمبر آهن. زراعت، تعليم ۽ سرڪاري ملازمت ۽ اهڙن ٻين ڪن ڌنڌن ۾ ڪم ڪندڙ اڪثر پورهيت، سواءِ ڪن ٿورن اهڙن پورهيتن جي، اجا مزور جماعتن ۾ شامل نہ ٿيا آهن.

آمريڪي پورهيت ٻن قسمن جي جماعتن مان، جن منجهان هڪ کي "هنري جماعت" ۽ ٻيءَ کي "صنعتي جماعت" سڏيو وڃي ٿو، شريڪ ٿين ٿا. "هنري جماعت" اها جماعت آهي، جنهن ۾ سڀ ميمبر ساڳيو ئي ڪم ڪندڙ

اچي ڳڏ ٿين ٿا، جهڙوڪ: شهر جا سڀ واڍا، رازا يا موسيقار. هنري ڪاريگرن جي انهن انفرادي جماعتن پاڻ ۾ گڏجي، هڪ وڏي قومي مزور تنظيم جي صورت اختيار ڪئي، جنهن کي "آمريڪي فيڊريشن آف ليبر" (A.F of L) (آمريڪي مزورن جو وفاق) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ٻئي طرف، صنعتي جماعت، اهڙن سڀني پورهيتن کي هڪ هنڌ آڻي جمع ڪري ٿي، جيڪي هڪ ئي صنعت، جهڙوڪ: موٽر سازي يا فولاد جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا، خواهه اهي پنهنجي ڪم جا ماهر ڪاريگر آهن يا نيم ڪاريگر يا ٻيا. مثال طور، "يونائيٽيڊ آٽو موبائيل ورڪرس آف آمريڪا" (U.A.W) موٽر ساز ڪمپنين جي سڀني پورهيتن کي هڪ هنڌ جمع ڪري ٿي، خواهه اهي پنهنجن ڪارخانن ۾ فورمين آهن، يا مڪئنڪ، سيڪريٽري آهن يا ڪارخانن جا چوڪيدار. انهن سڀني صنعتي جماعتن گڏجي، هڪ ٻي وڏي مزور تنظيم قائم ڪئي، جنهن کي "صنعتي تنظيمن جي ڪانگريس (ڪانگريس آف دي مڪئنڪ انڊسٽريل آرگنائيزيشن (C.I.O)چيو وڃي ٿو. ڪيئي سال ٿيا جو "آمريڪي فيڊريشن آف ليبر" (A.F of L) ۽ "ڪانگريس آف انڊسٽريل آرگنائيزيشن" (C.I.O) گڏجي، (A.F.L - C.I.O) نالي سان هڪ عظيم تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو. جيتوڻيڪ ٻيئي اهي هنري ۽ صنعتي مزور جماعتون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي الڳ الڳ اڃا تائين ڪم ڪنديون اچن ٿيون.

ڪي اهڙيون مزور جماعتون ٻـ آهن، جهڙوڪ ريلوائي مزورن جون جماعتون، جن A. F. L - C. I .O کان ٻاهر رهڻ پسند ڪيو آهي. اهڙيون جماعتون، خودمختيار جماعتون سڏجن ٿيون.

آمريڪا ۾، جماعت بنديءَ جو حق ملڪ جي قانون ۾ ماڻهن جو بنيادي حق تسليم ڪيو وڃي ٿو. وئگنر ائڪٽ (1935ع ۾ پاس ٿيل)هيٺ، ڪارخانن جي مالڪن کي مزور جماعتن جي تنظيم ۾ دست اندازي ڪرڻ کان منع ٿيل آهي، ۽ ڪين اهڙن مزورن جي خلاف، انفرادي طور، ڪنهن بـ قدم کڻڻ کان باز رکيو ويو آهي،جيڪي جماعت جي ڪم ۾ چُستيءَ سان حصو وٺندا هجن، ۽ ان جي ڪارڪردگيءَ ۾ دلچسپيءَ سان ڪم ڪندا هجن. اڻويهين ۽ اوائلي صدين ۾، ڪارخانيدار اڪثر اهڙي مزور کي ملازمت مان خارج ڪري ڇڏيندا هئا، جيڪو جماعت جي حق ۾ ساڻن ڳالهائيندو هو، يا جماعت جي تنظيم ۾

ڪم ڪار ۾ سرگرم حصو وٺندو هو. اڄ. قانوني طور ڪارخانيدار ائين نٿا ڪري سگهن. ان ڪان سواءِ، ڪارخانيدارن ڪان قانون اها تقاضا ڪري ٿو تہ اهي صاف دل ۽ خلوص سان انهيءَ جماعت سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ معاملي فهمي ڪن، جنهن کي مزور پنهنجي نمائنده جماعت تسليم ڪندا هجن. پورهيت پنهنجي مزور جماعت آزاد ۽ مخفي چونڊ وسيلي چونڊيندا آهن، جنهن چونڊ لاءِ پورو گهربل انتظام حڪومت طرفان ڪيو ويندو آهي.

آمريڪا جي مزور جماعتن پنهنجن ميمبرن لاءِ گهڻيون ئي سهوليتون ۽ رعايتون حاصل ڪيون آهن. جماعتن جي تحرڪ وٺڻ سان، پورهيتن اڳي ڪان وڌيڪ وڏيون اجرتون، پورهئي جا گهٽ ڪلاڪ. پگهار سان موڪلون، ملازمت ڪان رٽائر ٿيڻ تي پينشنون، بيماريءَ جي حالت ۾ علاج لاءِ طبي خرچ، ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ جون بهتر سهوليتون حاصل ڪيون آهن. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهڙي قسم جي مزور جماعت بنديءَ وسيلي ئي ملڪ ۾ صنعتي جمهوريت قائم ڪئي ويئي آهي. اڪثر ڪارخانن ۾ "شڪايت پيش ڪرڻ جا دستور" مقرر ڪيا ويا آهن، جن مطابق هر مزور کي، جنهن کي ڪي شڪايتون هجن، پنهنجي اهڙين شڪايتن جي اظهار ۾ مدد ملي ٿي. جيڪڏهن سندس شڪايت حقي واجبي ثابت ٿي، تہ پوءِ سندس مزور جماعت ڪارخاني جي مالڪ کي ڪنهن طريقي سان ان جي دور ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ تي مجبور ڪندي.

ڪجهہ سالن ڪان وٺي مزور جماعتون سياست ۾ بہ وڌيڪ بهرو وٺڻ لڳيون آهن. چونڊن جي موقعي تي اهي جماعتون ڪنهن بہ پبلڪ عهدي لاء بيٺل اميدوار جي مخالفت يا حمايت ڪن ٿيون. هڪ چونڊ ڪان پوء ٻيءِ چونڊ واري عرصي ۾، انهن جماعتن جا اڳواڻ آمريڪي ڪانگريس طرفان مقرر ڪيل گهڻين ئي ڪاميٽين يا رياستي اسيمبلين اڳيان ڪيترن مسئلن تي پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ پيش ٿيندا آهن. انهن مان ڪي مسئلا سڌيءَ طرح مزورن سان واسطو رکندڙ آهن، پر ٻيا اهڙا مسئلا بہ هوندا آهن، جي ملڪ جي عام ڀلي جا هوندا آهن. مزور جماعت ليڊرن جي اڪثريت، انهيءَ سرمائيداري نظام ۾ اعتقاد رکي ٿي، جنهن خود آمريڪا اندر وڏي ويجهي، ترقي ڪئي آهي. آمريڪي مزور جماعتن ۾ تمام ٿورا اشتراڪي آهن، اها صورتحال انگلينڊ ۽ ڪن ٻين اهڙن ملڪن جي حالت ڪان مختلف آهي.

ڪڏهن ڪڏهن، ڪن مزور جماعتن جي ليڊرن جي اهڙين سرگرمين جون خبرون پڙهڻ ۾ اينديون آهن، جيڪي اخلاص ۽ ايمانداريءَ جي منافي هونديون آهن. پر اڪثر مزور جماعتون پنهنجن ميمبرن جو مفاد خيال ۾ رکي، پنهنجو ڪاروبار نهايت سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان هلائين ٿيون. اڪثر جماعتن جي گهٽي ۾ گهٽي بدناموسي ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن ڪا هڙتال عمل ۾ ايندي آهي. اهڙين هڙتالن ڏانهن ٻه ماڻهن جو خاص توجهه تڏهن ڇڪبو آهي، جڏهن ڪنهن هڙتال سبب عام ماڻهن کي تڪليف رسندي آهي. جيئن مثلاً جڏهن شهر ۾ هلندڙ بسن جا ڊرائيور هڙتال ڪن، يا اهڙيون ٻيون ڪي هڙتالون ٿين. دراصل، پورهيتن ۽ منتظمن جي درميان پيدا ٿيل اڪثر اختلاف، هڙتال کان سواءِ ئي، امن پسنديءَ جي طريقي سان طئي ٿي ويندا آهن. مزور - منتظم تعلقات ٻه هڪ شاديءَ شده جوڙي جي تعلقات وانگر آهن. اڪثر شاديون ڪامياب رهن ٿيون، ان ڪري مشهوري فقط طلاق جي اتفاقي واقعن جي ٿئي ٿي، ۽ جڏهن ٻنهي ڌرين ۾ خيالن جا باهمي اختلاف، ڳالهين ۽ ٿوري گهڻي ڏي ۽ وٺ ذريعي، امن ۽ صلح سانت سان حل ٿي وڃن ٿا، تڏهن اهڙن "معمولي"واقعن ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ئي ڪو نه ٿو ڇڪجي.

پورهيتن جو جماعتن جي صورت ۾ منظم ٿيڻ، ۽ ضرورت مهل هڙتال ڪرڻ جو حق، هڪ صنعتي ملڪ جي مختلف بنيادي آزادين منجهان هڪ بنيادي آزادي آهي. جڏهن ڪميونزم يا فسطائيت ڪنهن ٻه ملڪ جي نظم و نسق تي قبضو ڪندي آهي، تڏهن ٻين آزاد جماعتن سان گڏ آزاد مزور جماعتون ئي هونديون آهن، جن جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول قدم کنيا ويندا آهن. ممڪن آهي ته ان حالت ۾ ٻه انهن جماعتن کي نالي ماتر رهڻ جي اجازت ڏني وڃي، پر سندن آزاد ڪارڪردگيءَ کي پوريءَ طرح ختم ڪيو ويندو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته پورهيت طبقي جا ماڻهو ان وقت تائين صحيح نموني ۾ آزاد نه آهن، جيسين اهي پنهنجن مالڪن ۽ حڪومت، ٻنهي سان اختلاف راءِ جو اظهار نٿا ڪري سگهن. جيئن اهي آمريڪا ۾ ڪري سگهن ٿا.

## 4- مزور - انتظاميا تعلقات

سالن گذرڻ سان گڏو گڏ، آمريڪا ۾ مزور - انتظاميه تعلقات، گهڻي قدر سڌرندا رهيا آهن، ۽ هن وقت اهي تمام گهڻي قدر باهمي صلح ۽ صفائيءَ تي

بيٺل آهن. اُڻويهين خواهه ويهين صديءَ جي اوائل ۾، ڪارخانن جا گهڻا مالڪ، مزور جماعتن جي نهڻ جي ڏاڍي مخالفت ڪندا هئا. دنگو ۽ فساد اڪثر حالتن ۾، هڙتالن جو هڪ حصو بڻجي چڪو هو. ان ڪان پوءِ واري عرصي جي دوران ۾، ڪارخانن جي مالڪن کي آهستي آهستي مزور جماعتن جو وجود تسليم ڪرڻو پيو آهي. درحقيقت، ڪن صنعتن ۾ ته مزور ۽ انتظاميا وارا، ڪن اهڙن مسئلن کي نبيرڻ لاءِ، جيڪي ٻنهي ڌرين لاءِ اهميت رکندا آهن، نهايت اثرائتي نموني ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ڪن ٿا. ان جي باوجود، انهن تعلقاتن ۾ اصلاح جي اجا به گهڻي گنجائش آهي، ۽ آمريڪا ۾ اڄڪلهه هن مسئلي تي گهڻو بحث مباحثو پيو هلي، ته انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ ڇا ٿيڻ گهرجي.

آمريڪا ۾، مزور - انتظاميا تعلقات جي باري ۾ جيڪي سڀ کان وڏا اڻ نبريل مسئلا موجود آهن، تن مان هڪ هيءُ آهي ته اهڙيءَ حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن قومي زندگيءَ جي ڪنهن انتهائي لازمي صنعت، جهڙوڪ: فولاد جي ڪارخانن ۾ هڙتال ٿي پوي. اهڙو هڪ واقعو سن 1959ع ۾ رونما ٿيو، ۽ ان منجهان آمريڪا جي سڄي اقتصاد کي ڌڪ لڳو - ۽ نه فقط فولاد جي صنعت ۾ ڪم ڪندڙ مزورن ۽ ڪارخانيدارن کي. اهڙيءَ حالت ۾، حڪومت واسطيدار ڌرين کي ٺاهه ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، پر اها مٿن ڪو به ٺاهه زوريءَ مڙهي نٿي سگهي. هڪ آزاد ملڪ ۾، پائدار ٺاهه فقط اهو ٿي ٿي سگهندو، جنهن ۾ مزور جماعت ۽ انتظاميا، ٻنهي جو سچ پچ اعتقاد ۽ پڪو ويساهه هوندو. مزدور جماعت ۽ مالڪن مان ڪا به ڌر اهو نه چاهيندي آهي ته حڪومت اهڙا حڪم ڏيڻ شروع ڪري، مثلاً: مزورن جون اُجرتون ۽ مال جون قيمتون ڪهڙيون هئڻ گهرجن، وغيره، جيڪي سندن اندروني ڪارڪردگيءَ ۾ دست اندازيءَ جي برابر هجن. ان هوندي به، عوام اڪثر حالتن ۾ ڏاڍي بي صبري ڏيکاريندو آهي، مثال طور، اهڙين حالتن ۾ جڏهن ڪين سندن ملازمت وارين جاين ڏانهن ڪٽي وڃڻ لاءِ، اسٽرائيڪ سبب، بسون موجود نه هونديون آهن، يا جڏهن قومي دفاع واري صنعت جي پيداوار هڙتال سبب رُڪجي ويندي آهي.

ٻيو اڻ نبريل مسئلو هيءُ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن اهم صنعت، جهڙوڪ فولاد جي صنعت ۾ ڪم ڪندڙ مزور ۽ ان جا مالڪ ڪنهن اهڙي ٺاهه تي اچن، جو ملڪي اقتصاد لاءِ چڱو نه هجي، ته پوءِ ان صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. مثال

طور، اهڙو ناهه پورهيتن کي سندن اجرتن ۾ وڌي اضافي ڏيڻ متعلق ٿي سگهي ٿو، ۽ پوءِ، ڪارخانيدار پورهئي جي انهيءَ خرچ جي پورائي ڪرڻ لاءِ قيمتون وڌائي ڇڏين. انهيءَ جو نتيجو، فولاد جي قيمتن کي وڌڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿو، جو ذري گهٽ هر هڪ صنعت ۾ اهڙين حالتن ۾ ظاهر ٿيندو آهي. فولاد جون چڙهيل قيمتون ڪارخانن ۾ نهيل ٻين شين جون قيمتون پڻ چوٽ تي چاڙهي سگهن ٿيون.

آمريڪي ماڻهو، عام طور تي اڻين نتا سمجهن تہ اهڙن مسئلن جو، جن جو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، سچو پچو جواب يا حل ڪو اهو آهي تہ حڪومت کي اختيار ڏنو وڃي تہ اها اسان جي لاءِ سڀ فيصلا خود پاڻ ڪري. البت،اميد هيءَ آهي تہ جيئن جيئن تعليم وڌندي ويندي، تيئن مزور جماعتن جا ليڊر ۽ ڪاروباري طبقي جا ماڻهو وڌيڪ ذميداريءَ سان هلندا، ۽ نہ فقط خاص پنهنجن، پر جي ملڪي اقتصاد جي مفادن کي پڻ اڳيان رکندا. مزورن ۽ مالڪن ۾ اڻين ڪري سگهڻ جي وڌندڙ صلاحيت ئي، ذميدارانہ جمهوريت جي پختي نشاني ۽ حقيقي آزمائش آهي.

# ڪاروبار جي مالڪن جي حيثيت ۾

## 1- ننڍا ڪاروبار

اڃو تہ هاڻي ڏسون تہ آمريڪا ۾ جيڪا پيداوار ٿئي ٿي، ان ۾ مختلف افراد ڪهڙو ڪهڙو ڪردار ادا ڪن ٿا. عام طرح هيءُ غلط خيال ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ آمريڪا ۾ سڄي ساري پيداواري ڪاروبار، جي چند وڏن وڏن ادارن طرفان هلائي پئي وڃي. اهو سچ آهي تہ "وڏو ڪاروبار" تمام گهڻي اهميت رکي ٿو، پر ان جو مطلب هرويرو اهو بہ ناهي تہ ننڍو ڪاروبار ڪا بہ اهميت نٿو رکي. وڏي ڪاروبار جي ترقيءَ جي نہ اها معنيٰ آهي ۽ نہ ان جو ڪو اهو نتيجو ئي نڪتو آهي تہ ننڍو ڪاروبار عام طور تي ناس ٿي ويو آهي. ان جي بلڪل برعڪس، آمريڪا ۾ ننڍن ڪاروبارن جي تعداد ۾ جيئن پوءِ تيئن واڌارو ايندو رهيو آهي.

ننڍو ڪاروبار، هڪ ننڍي ڪارپوريشن جي صورت ۾ بہ ٿي سگهي ٿو، يا فقط هڪ ماڻهوءَ جو پنهنجي سر پاڻ هلائڻ لاءِ (ڪنهن بہ دستاويزي صورت کان سواءِ) ڪو ڌنڌو بہ ٿي سگهي ٿو. ڪارپوريشن ناهڻ ۾ ڪجهہ قانوني

فائدا ني سگهن ٿا. پر دنيا ۾ لکين ڪروڙين ماڻهو قانون جي سهاري وٺڻ کان سواءِ، خود پنهنجن ذاتي ڪاروبارن هلائڻ کي ترجيح ڏين ٿا. سن 1960ع جي آخر ۾، آمريڪا ۾ ستيتاليهه لک ڪاروباري ادارا هئا. جن مان پنجيتاليهه لک (95 سيڪڙي کان به مٿيرو) ننڍا ڪاروبار هئا. ٽن سالن اندر انهن جي تعداد ۾ اڍائي لکن جو اضافو ٿي ويو. انهن ننڍن ڪاروبارن، سن 1960ع ۾ قوم جي سڄي ڪاروبار جو چاليهه سيڪڙو ڪاروبار پاڻ هلايو. ۽ ان سلسلي ۾ ذري گهٽ ٽن ڪروڙ ماڻهن کي پاڻ وٽ ملازمتن ۾ رکيو. باقي بچيل به لک تجارتي ادارا وچولي يا وڏي پيماني جا هئا. جن ملڪي تجارت جي باقي حصي کي هلايو.

پلا، اهي سڀ ننڍا ڪاروبار ڇا آهن؟ انهن مان گهڻا آمريڪي ماڻهن کي قسمين قسمين سروسون مهيا ڪن ٿا. اهي افزائشِ حُسن جا دڪان، حجامن جا سئلون، ڌوٻين جا دڪان، ننڍا هوٽل ۽ ريسٽوران، سفر جون سهولتون وٺي ڏيندڙ ايجنسيون ۽ ڀاڙي تي موٽر ڪارون ڏيندڙ سروسون، وغيره آهن. ٻيا وري اهڙا ريزڪي دڪان آهن، جيڪي بيڪرين ۾ پچايل شيون، پاڇيونءِ بقال جو سامان، بجليءَ جو سازو سامان، گل، فوٽن وٺڻ لاءِ ڪئميرائن ۾ عام واپرائڻ جون ضروري شيون يا ڪپڙو، وغيره وڪڻن ٿا. اجا به ڪي ٻيا اهڙا ننڍا ڪاروبار آهن، جيڪي وڏن ڪاروبارن لاءِ گهربل مشينن جا ننڍا ننڍا پرزا ۽ خاص قسمن جا اوزار ناهين ٿيون.

مٿي بيان ڪيل ڳالهين مان سڀ کان پوئين ڳالهه، اهڙن مختلف سببن مان هڪ آهي، جنهن جي ڪري وڏي ڪاروبار جي پر ۾، ننڍو ڪاروبار مسلسل طور وڌندو ويجهندو ۽ ترقي ڪندو آيو آهي. وڏي ڪاروبار جي واڌ، ننڍي ڪاروبار جي ترقيءَ ۾ پاڻ مدد ڪئي آهي. ننڍا ڪاروبار ۽ ڌنڌا، وڏن ڪاروبارن جي پيداوار کي ڪتب آڻڻ، ۽ ساڳئي وقت، وڏن ڪاروبارن کي مخصوص پرزن مهيا ڪرڻ لاءِ، هلايا ويندا آهن. مثال طور: موٽر سازيءَ ۽ تيل صاف ڪرڻ جون صنعتون، بيشي "وڏا ڪاروبار" آهن، پر انهن جي ترقيءَ ۽ واڌاري سان گڏ گڏ، هر قسم جي ننڍن ڪاروبارن کي وڌڻ ۽ ويجهڻ ۾ مدد ڏني آهي، جيئن ته پيٽرول پمپ، موٽر - گاڏين جي مرمت جا دڪان، رستن جي ڪنارن سان هوٽل ۽ ريسٽورنٽ، وغيره.

انهن ننڍن ڪاروبارن کان سواءِ، جن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي، اهڙا ڪيترائي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي وارا پيا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجا ڪاروبار پاڻ هلائڻ پسند ڪن ٿا. انهن ماڻهن ۾ ڊاڪٽر، وڪيل، اڪائونٽنٽ، ويمي جا ايجنٽ ۽ پيا شامل آهن.

ننڍي ڪاروبار جي سلسلي ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت هن ڳالهہ کي آهي تہ اهڙي ڪاروبار وسيلي هر هڪ شهريءَ کي، انفرادي طور، آزاد ۽ خودمختيار رهي ڪري، خود پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ سٺيءَ ۽ سُک ڀريءَ زندگيءَجي مهيا ڪرڻ جو مہ قعو ملي ٿو. ننڍن ڪاروبارن ۾ اُهي ماڻهو ڏاڍا ڪامياب ٿي سگهن ٿا، جيڪي انهن ۾ ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ پيدا ڪري ۽ ان کي مقبول ڪرڻ لاءِ محنت کان ڪم وٺي سگهن ٿا. ۽ پڻ اتفاق سان جيڪڏهن ڪو نقصان پئجي وڃي تہ ان جي سهڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. لکين ماڻهو اهڙيءَ طرح پنهنجي پنهنجي نجي ڪاروبار ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهن. پنهنجي لاءِ کهڙي بہ ڌنڌي يا ڪاروبار اختيار ڪرڻ جي اها اقتصادي آزادي، هڪ آزاد معاشري جي اهم خصوصيت آهي.

ايترو سو ضرور آهي تہ ننڍي ڪاروبار قائم ڪرڻ ۾ وڏي جوکم جي گنجائش رهي ٿي. ڪاميابيءَ جي ڪا خاطري نہ ٿي رهي. ڪيئي ڪاروبار شروع ٿيڻ کان پوءِ بيهي ويندا آهن. ڪي هن ڪري ناڪام ٿيندا آهن، جو اقتصادي حالتون ڦري وينديون آهن، ڪي هن ڪري ڪامياب نہ ٿيندا آهن، جو ڪاروبار جي مالڪن کي انهن ڪمن کي هلائڻ جي پوري ڄاڻ نہ هوندي آهي، يا وري هن ڪري، جو انهن وٽ ڪاروبار کي پوريءَ طرح هلائڻ لاءِ ڪافي پئسو ڪو نہ هوندو آهي. وفاقي سرڪار ۽ گهڻين رياستي حڪومتن جون اهڙيون آفيسون قائم ڪيل آهن، جتان ننڍن ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن کي بازار جي حالتن متعلق معلومات ملي سگهي ٿي، ۽ ڪين سرڪاري ايجنسين وٽان وياج جي گهٽ نرخن تي قرض جو ملڻ بہ ممڪن آهي، پر تنهن هوندي بہ ڪيئي اهڙا ننڍا ڪاروبار ڪڏهن ٽٽي بہ پوندا آهن.

بهرحال، اسان چئي سگهون ٿا تہ ننڍا ڪاروبار آمريڪي اقتصادي نظام جو هڪ اهم حصو آهن. ننڍو ڪاروبار، شهرين جي وڏي تعداد کي خودمختيار ٿي رهڻ ۽ پنهنجي قابليت سان ترقي ڪرڻ جو موقعو مهيا ڪري ٿو. هر سال

ڪيئي نندا ڪاروبار قائم ڪيا وجن ٿا، ۽ ڪيئي ناڪامياب ٿين ٿا. پر ننڍن ڪاروبارن جو ڪل تعداد جيئن پوءِ تيئن وڌندو ئي رهي ٿو. اهڙيءَ طرح، هڪ فرد لاءِ مٿي چڙهڻ جا موقعا پڻ وڌندا رهن ٿا، ۽ اها ئي ڳالهه آهي، جا اسان کي هڪ آزاد معاشري ۾ ملڻ گهرجي.

## 2- زمين جا مالڪ آبادگار

آمريڪا ۾ چاليهن لکن کان مٿي آبادگار آهن. پنهنجيءَ زمين جو پاڻ مالڪ هئڻ، هڪ اُهو قيمتي حق آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو هر هنڌ ڪوشش ڪن ٿا. آمريڪا جي سڄيءَ تاريخ ۾، ڪانگريس سڀ کان وڌيڪ اهم جيڪي قانون منظور ڪيا، تن مان هڪ، سن 1862ع وارو "هوم اسٽيڊ ائڪٽ" (Homstead Act) هو، جنهن موجب ماڻهو 160 ايڪڙ زمين جو هن شرط تي مفت مالڪ بڻجي ٿي سگهيو، جيڪڏهن هو ان تي گهر اڏي، باقي زمين کي ٽن سالن جي عرصي اندر آباد ڪري ٿي ويٺو. لکن آمريڪين، جن ۾ گهڻا اهڙا به هئا، جيڪي يورپ کان آيا، انهيءَ قانوني رعايت مان فائدو ورتو. انهيءَ ڪري آمريڪا ۾ بي - زمين هارين جي بدران، آزاد، خودمختيار، ۽ زمين جي مالڪ آبادگارن جي معاشري ترقي ڪئي.

آمريڪي زراعت، تاريخي نقطهٔ نگاهه کان هن حقيقت جو بهترين مثال ثابت ٿي آهي ته حڪومت جي ڪاروائي ڪيئن نه قابل قدر آزاد نجي ڪاروبار جي همت افزائي ڪري ٿي. حڪومت جي طرفان سائنسي تجربا ڪري، انهن جي نتيجن کان آبادگارن کي مفت باخبر ڪرڻ، ۽ آبادگارن کي سستي قرض ڏيارڻ لاءِ خاص قسم جي قرض ڏيندڙ ادارن جي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪي قدم کنيا ويا آهن، تن جو ايندڙ باب ۾ ذڪر ڪيو ويندو.

آمريڪي آبادگار، ايتريقدر ته قابل آهن جو هن وقت ملڪ جي سڄيءَ آباديءَ جو فقط ڏهه سيڪڙو بنين تي رهي ٿو، پر اهو، نه فقط سڄي آمريڪي آباديءَ لاءِ گهربل خوراڪ ڪافي کان زياده مقدار ۾ اپائي ٿو، پر ان کان وڌيڪ ٻاهرين ملڪن ڏانهن برآمد ڪرڻ لاءِ پڻ، پيدا ڪري ٿو.

## 3- اُپائيندڙن جا سهڪاري ادارا

مٿي اسان واپرائيندڙن جي سهڪاري ادارن تي بحث ڪيو هو، جيڪي واپرائيندڙ پاڻ ۾ گڏجي قائم ڪندا آهن، جن جو مقصد هنن لاءِ ڪي ضرورت

جون شيون بازار مان اهڙن اگهن تي خريد ڪرڻ هوندو آهي. جيڪي مارڪيٽ جي عام ۽ ريزڪي اگهن کان وڌيڪ سستا هوندا آهن. پيداوار ڪندڙ يا اپائيندڙ پڻ ڪڏهن ڪڏهن گڏجي اهڙا ئي "اُپائيندڙن جا سهڪاري" ادارا ناهيندا آهن. انهيءَ قسم جي جماعت سازيءَ جو مقصد. انفرادي حيثيت ۾ مال وڪڻڻ جي بدران. هڪ جماعت جي صورت ۾ گڏجي چڱي چوکي نفعي تي مال وڪڻڻ جو هوندو آهي.


پيداوار ڪندڙن يا اُپائيندڙن جا اهڙا ڪيئي ادارا زراعت جي ميدان ۾ موجود آهن. انهن ادارن مان، مثال طور، هڪ ادارو، ڏکڻ ڪئليفورنيا جي نارنگين جي پوک ڪندڙن جو آهي. ان اداري وسيلي، هونئن جو هر هڪ نارنگين پوکيندڙ جو مال انفرادي حيثيت ۾ بازار ۾ وڃي وڪامجي، ان جي بدران سندن نارنگين جي سموري پيداوار اُن سهڪاري اداري طرفان فروخت ڪئي ويندي آهي. پيداوار کي فروخت ڪرڻ جو ڪم، اهڙو ادارو وڌيڪ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڪندو آهي. ڇاڪاڻ جو اهو ڪنهن به هڪ آبادگار جي مقابلي ۾، مال جي مشهوري ڪرڻ، خريدارن کي مال ڏيکارڻ، ۽ وڪڻڻ لاءِ هوشيار ۽ تجربيڪار ماڻهن رکڻ ۽ ٻئي سڀ انتظام رکڻ ۽ هلائڻ تي ظاهر آهي ته وڌيڪ پئسو خرچ ڪري سگهندو آهي.

مال جي اُپائيندڙن جي اهڙي سهڪاري اداري جي قيام مان واپرائيندڙن کي پڻ فائدو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهڙو ادارو عام طرح سان هن ڳالهه جو انتظام ڪندو آهي ته هر هڪ مال اُپائيندڙ جو سمورو مال جنس جي خوبيءَ جي ڪن مقرر ڪيل معيارن جو هئڻ گهرجي. جڏهن ڪو به واپرائيندڙ. اهڙي اداري جي ٽريڊ مارڪ يا نالي لڳل. ڪا به شيءِ خريد ڪري ٿو، تڏهن کيس معلوم آهي ته هن کي اعليٰ جنس واري شيءِ ملي رهي آهي.

## وڏا ڪاروبار

هاڻي. اسان کي هيءُ ڏسڻو آهي ته وڏا ڪاروبار آمريڪي اقتصاد ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪن ٿا. دنيا ۾ اهڙا گهڻا ماڻهو آهن. جيڪي "وڏن ڪاروبارن" جي نالي کان ڊڄن ٿا. اهڙا ماڻهو انهن کي "ڪاروبار جون هڪ - هٽيون" چون ٿا. ۽ ائين سمجهن ٿا ته اهي وڏا ڪاروبار پورهيتن مان ناجائز فائدا حاصل ڪري، واپرائيندڙن کي ڦري. پنهنجي لاءِ وڏا منافعا ڪمائين ٿا. اهڙي بيجا

## How Cooperatives Are Run




(سهڪاري ادارا ڪيئن ٿا هلن)

خوف جي نتيجي ۾، لاطيني آمريڪا، ايشيا ۽ آفريڪا جا ڪيئي ماڻهو، هن ڳالهه لاءِ تيار نٿا ٿين تہ آمريڪا جا وڏا ڪاروبار سندن ملڪن ۾ اچي پنهنجون تجارتون قائم ڪن. ڪين اهو ڊپ ٿئي ٿو تہ منجهائن ناجائز فائدو ورتو ويندو ۽ مٿن قبضا ڄمايا ويندا. اهو هڪ افسوس جهڙو خيال آهي. ڇاڪاڻ تہ اڄ وڏو ڪاروبار، گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جي اقتصاد جي واڌاري ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

جيئن تہ وڏو ڪاروبار آمريڪي اقتصادي تصوير جو هڪ وڏو ۽ اهم پاسو آهي، ان ڪري اسان کي مٿس ڌيان سان نظر وجهڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اسان ڏسنداسين تہ وڏي ڪاروبار جي موجودگيءَ تحقيق، وڏا وڏا مسئلا پيدا ڪيا آهن. پر اسين اهو بہ ڏسنداسين تہ وڏي ڪاروبار آمريڪي ماڻهن لاءِ

وڏا وڏا فائدا بہ موجود ڪيا آهن. ۽ بيو تہ گذريل ڪافي سالن جي عرصي گذرڻ سان، ان جي مشڪل صورت پڻ گهٽي قدر بدلجي چڪي آهي. اڃو تہ وڏي ڪاروبار تي ڪنهن بہ پاس خاطريءَ ڪان سواءِ، حقائق جي روشنيءَ ۾ هڪ نظر وجهون ان جي انهن سنين شين تي جيڪي ان اسان کي ڏنيون آهن ۽ ان جي انهن مسئلن تي جيڪي اسان لاءِ ان پيدا ڪيا آهن. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ آمريڪي ماڻهن جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي، تنهن تي، ۽ انهن تبديلين تي، جيڪي هن وقت تائين ٿي چڪيون آهن ۽ اڃا بہ ٿي رهيون آهن.

## 1- وڏو ڪاروبار ۽ ڪثرتي پيداوار

آمريڪا ۾، وڏي ڪاروبار جو عروج اوڻيهين صديءَ جي پوئين ٽئين حصي کان شروع ٿيو ۽ اهو سلسلو ويهين صديءَ تائين جاري رهيو آهي. ان لاءِ مکيہ جوابدار ڳالهہ هيءَ رهي آهي تہ گهڻين صنعتن ۾، مشينن ذريعي، پيداوار جي بي انداز گهٽائيءَ سبب وڏيڪ سستيون شيون ناهي سگهجن ٿيون. بنسبت ننڍن ننڍن ڪارخانن جي، جتي شين جي پيداوار، هٿ سان ٿيڻ سبب، هر طرح محدود ۽ مختصر رهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ انهن ڪمن ڪرڻ لاءِ، جيڪي اڳي هٿ سان ڪيا ويندا هئا، عجيب و غريب ۽ پيچيده مشينون ايجاد ٿيون، جنهن سبب ڪاروبار جيئن پوءِ تيئن وڌندا رهيا، ڇاڪاڻ تہ اهڙيون مهانگيون ۽ پيچيده مشينون فقط وڏا ڪاروباري ئي خريد ڪري سگهن ٿا. ۽ اهي مشينون فقط ان صورت ۾ خريد ڪرڻ جي قابل ٿين ٿيون، جڏهن انهن جي وسيلي تمام گهڻي مقدار ۾ پيداوار ڪري، بازار ۾ اُها واجبي اگهہ تي پيش ڪري ۽ وڪڻي سگهجي.

اڃو تہ ان باري ۾ موٽر گاڏين جو مثال وٺون. آمريڪا ۾، هر ٽن ماڻهن لاءِ هڪ موٽر ڪار آهي. ان جي معنيٰ اها آهي تہ سراسري طور، هر پورهيت کي پنهنجي ڪار آهي، انهيءَ حقيقت جو هر ڪو ماڻهو پنهنجين اکين سان مشاهدو ڪري سگهي ٿو. ڪنهن ڪارخاني جي ٻاهران گذربو، تہ ڪارخاني جي ٻاهران موٽر گاڏين بيهارڻ جي وڏن ميدانن ۾ بيشمار گاڏيون بيٺل نظر اينديون، جيڪي سڀ انهن پورهيتن جي شخصي ملڪيت هونديون آهن، جيڪي ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ هوندا آهن. اهو فقط هن ڪري ممڪن ٿي سگهيو آهي، جو آمريڪا ۾، اجرتن جي بنسبت موٽر گاڏيون سستيو آهن. پر سوال

آهي تہ اهي ڇو سستيون آهن؟ اهي هن ڪري سستيون آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي ڪثرتي پيداوار آهي ۽ انهن جي ڪثرتي پيداوار وڏن ڪاروبارن ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اهي ئي ان لاءِ گهربل پيچيده اوزار ۽ مهانگيون مشينون استعمال ڪن ٿا. فقط اهڙا وڏا تجارتي ادارا ئي، اهي ارب ڊالر خرچ ڪري سگهڻ جي طاقت رکن ٿا، جي انهن اوزارن ۽ مشينن جي خريد ڪرڻ لاءِ گهرجن.

انهيءَ باري ۾ صحيح انگ هي آهن تہ آمريڪا ۾ هر سال جيڪي سٺ کان ستر لک موٽر ڪارون ٺهن ٿيون، سي فقط ڇهہ ڪمپنيون تيار ڪن ٿيون. جيڪڏهن اهي ڪارون، گهٽي تعداد ۾ ننڍا ڪاروباري ادارا ٺاهين ها، تہ امڪان آهي تہ انهن مان هڪ بہ، انفرادي طور اهي مشينون ۽ اوزار خريد نہ ڪري سگهي ها. جي اڄ وڏيون ڪمپنيون موٽر ڪارن جي ڪثرتي پيداوار لاءِ ااستعمال ڪري رهيون آهن، انهي، حالت ۾ ائين ٿئي ها، جو موٽر گاڏيون تمام وڏيءَ قيمت ۾ ملن ها، ۽ ٿورا ماڻهو انهن کي خريد ڪرڻ جي طاقت رکن ها.

انهن ڪاروباري ادارن جي وڏي هئڻ مان مٿي ذڪر ڪيل فائدن کان علاوه، ٻيا فائدا هي بہ آهن تہ وڏيون ڪمپنيون ٻئنڪن کان وڌيڪ آسانيءَ سان قرض ڪٽي سگهن ٿيون، ۽ اڪثر حالتن ۾ اهي وڏن مقدارن ۾ خام مال گهٽ اگهن ۾ خريد ڪري رکي ڇڏينديون آهن. وڏيون ڪاروباري ڪمپنيون پنهنجن گراهڪن کي بهتر کان بهتر شيون ٺاهي پيش ڪرڻ لاءِ، کوجنا تي پئسي خرچڻ جي بہ طاقت رکن ٿيون. اهي پنهنجي ڪاروبار کي بهتر نموني ۾ هلائڻ لاءِ، وڏين وڏين پگهارن تي انتهائي قابل مئنيجر رکي سگهن ٿيون. ٿوري ۾ ڪٽي چئجي تہ وڏي ڪاروبار ۾ وڏا فائدا آهن. واپرائيندڙ لاءِ فائدو هيءُ آهي تہ هن کي گهٽ کان گهٽ اگهن ۾ وڌ ۾ وڌ مال ملي ٿو.

جيڪي ڳالهيون موٽر گاڏين سان لاڳو آهن، سي ٻين بہ ڪيترين ئي صنعتن، جهڙوڪ: فولاد، اليومينم، ربڙ، ڪاغذ، تيل صاف ڪرڻ، ڪيميائي سامان ۽ ٽين جي دٻن ٺاهڻ جي صنعتن جي حالتن ۾ پڻ اوترئون ئي صحيح آهن. اهي صنعتون نہ فقط آمريڪا ۾ ايڏيون وڏيون آهن، پر ٻين ملڪن ۾ بہ ايتريون ئي وڏيون آهن. مثال طور فولاد جا ڪارخانا سوويت يونين، برازيل، هندستان، جرمنيءَ ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ پڻ تمام وڏا آهن. ڪثرتي پيداوار کان

سواءِ، عام ماڻهن جي خريد ڪرڻ لاءِ ايترين گهڻين ۽ ايترين سستين شين موجود هجڻ، سو ناممڪن آهي. ٻئي پاسي وري ڪثرتي پيداوار وڏن ڪاروباري ادارن کان سواءِ ناممڪن آهي. اهڙيءَ طرح، ڏسي سگهجي ٿو ته وڏي ڪاروبار منجهان مال واپرائيندڙ کي پڻ وڏا فائدا آهن.

## 2- وڏي ڪاروبار جي ترقيءَ جا ٻيا اسباب

تجارت ۾، فقط هڪ چيز بدران، وڪري لاءِ گهڻيون شيون رکڻ هميشه وڌيڪ سلامتيءَ وارو ڪم هوندو آهي. هڪ شيءِ رکڻ جي حالت ۾ هيءُ خطرو هر وقت موجود رهي ٿو ته شايد ڪو وقت اهڙو اچي، جڏهن ماڻهن کي اوهان جي انهيءَ شيءِ خريد ڪرڻ جي خواهش نه رهي. وڪري لاءِ جدا جدا نمونن جي شين رکڻ ۾ اهو خطرو گهٽ رهي ٿو. مثال طور، آمريڪا ۾ جنرل موٽرس، نه فقط وڏي ۾ وڏو موٽرن ناهڻ جو ڪارخانو آهي، پر اهو ساڳئي وقت ريفريجريٽر ۽ ڊيزل انجڻيون پڻ ناهي ٿو. اهڙيءَ طرح، جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني ٽيليويزن سيٽ، ڊبل روٽي سيڪڻ جا بجلي چلها، بجلي پيدا ڪندڙ وڏا جنريٽر ۽ جيٽ انجڻيون پڻ ناهي ٿي.

گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جا ماڻهو انهيءَ ڳالهه کي چڱيءَ طرح سمجهندا، ڇاڪاڻ ته انهن مان گهڻن کي هي فڪر آهي ته سندن ملڪ کي فقط هڪ يا ٻن شين جي وڪري تي ياڙي ويهڻ نه گهرجي. مثال طور: گهانا فقط ڪوڪو تي ياڙڻ بدران ٻيو به ڪجهه فروخت ڪرڻ جو منتظر آهي. اهڙيءَ طرح ملايا، فقط ٽين ۽ ربڙ، ۽ ڪولمبيا محض ڪافيءَ تي مطمئن ٿي ويهڻ بدران، ٻيو ڪجهه به وڪڻڻ چاهين ٿا.

آخر ۾، ڪي ڪاروبار وڌي وڏا ٿي ويا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن گهربل خام مال جي آوت کي پهنجي قبضي ۾ رکڻ، يا تهيل مال جي وڪري جي ڪامياب طريقن کي هٿ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور: فولاد جو سامان ناهيندڙ کي ڪمپنيون، ڪوئلي ۽ ڪچي لوهه، ٻنهي جنسن جي کاڻين جون مالڪ به آهن. فورڊ موٽرڪمپنيءَ کي پنهنجو فولاد جو ڪارخانو آهي. رينالڊس موٽر ڪمپنيءَ کي خام اليومينم جون کاڻيون آهن، اهائي ڪمپني اليومينيم ناهي ٿي، ۽ اليومينم ڌاتوءَ مان دٻا ۽ رسا ناهي ۽ وڪرو ڪري ٿي. ڪاروبار هلائڻ جو اهو همه گير طريقو اڪثر حالتن ۾ وڌيڪ ڪم خرچ ۽ سستو ٿئي ٿو.

## 3- اقتصادي طاقت جو مسئلو

اسين هينئر وڏي ڪاروبار جي مسئلي جي عين مرڪز وٽ اچي رسيا آهيون، ۽ هاڻي انهيءَ ئي معاملي تي بحث ڪنداسون. جيڪو گهڻن ماڻهن کي پريشان ڪري رهيو آهي، جيڪي ان ڪان هونئن ئي ڪنبن ٿا. جڏهن ڪاروبار وڏي وڏا ٿين ٿا، تڏهن ڦري اُهي هڪ طاقت پڻ بڻجن ٿا. پوءِ هن ڳالهه جي ڪهڙي خاطري آهي تہ انهيءَ طاقت جو ڪنهن ناجائز نموني ۾ استعمال نہ ڪيو ويندو؟ اهو سچ آهي تہ موثر سازيءَ جو ڪاروبار تہ وڏي هئڻ سبب عوام واسطي سستين گاڏين تيار ڪرڻ لاءِ موزون ثابت ٿي رهيو آهي، پر اُن جي ڪهڙي خاطري آهي تہ ٻيو هڪ وڏو ڪاروبار اُنهيءَ جي بلڪل ابتڙ روش اختيار ڪري، يعني پيداوار کي گهٽ رکي، وڏين قيمتن وصول ڪرڻ ذريعي پنهنجي لاءِ وڏا فائدا حاصل ڪري!

انهن انديشن جو وجود، جيڪي ٻين ملڪن جي گهڻن ماڻهن جي دلين ۾ آهن، جزوي طور هن سبب ڪري آهي، جو اڳين وقتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن، يقينن ائين ٿيندو رهندو هو. اهي انديشا، ڪن وڏين غيرملڪي ڪاروباري ڪمپنين جي انهيءَ روش سبب بہ پيدا ٿيا آهن، جيڪا انهن اڄ ڪان ڪيئي سال اڳي، جڏهن هاڻوڪا ترقي ڪيل ملڪ اجا پٺتي ئي هئا، اختيار ڪئي هئي. بدقسميءَ سان، اهڙن انڌ وٽندڙ طريقن جو ڪو نہ ڪو مثال اجا تائين، ڪڏهن ڪڏهن منظر عام تي ايندو رهي ٿو. خاص طرح تڏهن جڏهن ان کي دٻائڻ لاءِ حڪومت کي قدم کڻڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ هن صورتحال ۾ اڄ گهڻي قدر بهتري اچي وئي آهي، پر ڪي وقتي واقعا پراڻن انديشن کي زنده رکندا اچن ٿا.

وڏن ڪاروباري ادارن جي اهڙن بدطريقن جي خلاف اُڄ ڪلهہ اسان وٽ ڪهڙا بچاءَ موجود آهن؟ برابر آهن، ۽ ڪيئي آهن. انهن مان هڪ بچاءُ تہ حڪومت آهي. ٻيو، اهو ڦيرو آهي، جيڪو اسان جي اقتصاديات جي نوعيت ۾ اچي چڪو آهي، خصوصاً انهيءَ طريقي ۾، جنهن سان اسان جو اقتصادي نظام ڪم ڪري رهيو آهي. ٽيون، اهي تبديليون آهن، جيڪي خود ڪاروبار ۾ داخل ٿي چڪيون آهن.

اسان جو جنهن ڳالهہ سان مطلب آهي، سا هيءَ تہ اسين وڏي پيماني تي هلندڙ ڪاروبار جا سڀ فائدا ڪهڙيءَ ريت ماڻي سگهون ٿا، ۽ پوءِ بہ اسان کي هيءَ خاطري رهي تہ انهن وڏن ڪاروباري ادارن کي اسان جي مٿان ضابطي

هلائڻ جي ڪا طاقت ڪانهي. چاڪاڻ تہ آزاد ماڻهو، جهڙيءَ طرح سياسي طور ڪنهن ڊڪٽيٽر جي ضابطي هيٺ رهڻ ناپسند ڪن ٿا، بلڪل ساڳيءَ طرح اهي وڏن ڪاروباري ادارن جي اقتصادي ضابطي هيٺ رهڻ بہ نٿا چاهين.

## 4- حڪومت ۽ وڏو ڪاروبار

آمريڪا ۾، جن ماڻهن سڀني کان اول وڏن ڪاروبارن کان انديشو محسوس ڪيو، سي هئا، سن 1870ع واري دور جا آبادگار. انهيءَ زماني ۾، آبادگارن وٽ پنهنجي پيداوار جي ڪڻڪ - نئڻ جو ريلوي کان سواءِ ٻيو ڪو بہ طريقو موجود ڪو نہ هو ۽ انهن ائين پئي محسوس ڪيو تہ ڪانئن مالبرداريءَ جا تمام وڏا اگهہ وصول ٿي ڪيا ويا. نيٺ ڪيترين رياستن جي قانون ساز اسيمبلين ڪي اهڙا قاعدا پاس ڪرڻا پيا، جن جي وسيلي ريلوي جي مال ڪٽائيءَ جي اگهن تي ضابطو وڌو ويو. سن 1887 ۾، ڪانگريس هڪ "انٽر اسٽيٽ ڪامرس ائڪٽ" (Inter-State Commerce Act) پاس ڪيو، جنهن موجب ريلواين جي ڪاروبار کي باقاعدگيءَ سان هلائڻ لاءِ هڪ "انٽر اسٽيٽ ڪامرس ڪميشن" (Inter State Commerce Commission) (I.C.C) مقرر ڪئي وئي. ان کان پوءِ، ڪيترن ٻين قانونن جي وسيلي، ريلوي ڪمپنين جي ڪارڪردگيءَ تي وڌيڪ ضابطو قائم ڪيو ويو. اڄ، اها ڪميشن (I.C.C) ريلواين، بس ۽ ٽرڪ ڪمپنين ۽ تيل جي پائيپ لائين ڪمپنين جي انتظام تي پڻ گهڻي قدر قبضو رکي ٿي، ۽ ٻئي طرف، "سول ايئروناٽڪس بورڊ" (Civil Aeronautics Board) نالي هڪ ٻي سرڪاري ايجنسي، پنهنجي ضابطي ۾ رکي ٿي.

چاڪاڻ تہ هتي اسان کي هڪ اهو طريقو نظر اچي ٿو، جنهن سان حڪومت وڏن ڪاروباري ادارن جي ناپسنديده ڪمن جي نقصان ۽ سختيءَ کان عوام کي بچائي ٿي. حڪومت اهڙن گهڻن ڪاروبارن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي ٿي. عام طرح، حڪومت اهڙن ڪاروبارن کي هلائيندي آهي، جن ۾ چٽا ٻيٽي ممڪن يا پسنديده ڪا نہ هوندي آهي، ۽ جن ۾ اهڙو مال ناهيو ويندو آهي، جو عام ماڻهن لاءِ مخصوص اهميت رکندو آهي. اهڙن ڪاروبارن کي "عوامي ضروريات جا ڪاروبار" (Public Utilities) چيو وڃي ٿو. عوامي ضروريات جي شين جا ٿورا مثال، بجلي، گئس ۽ ٽيليفون سروسون آهن. آمريڪا جي ذري گهٽ سڀني رياستن ۾ اهڙيون عوامي

ضروريات لاءِ گهربل شين جون ڪميشنون موجود آهن، ۽ اهي سرڪاري ادارا آهن، جيڪي هي فيصلو ڪندا آهن تہ اهڙيون ڪمپنيون پنهنجي شين لاءِ عوام کان ڪهڙا اگهہ وصول ڪن.

سرڪاري بچاءَ جو ٻيو رستو "اينٽي ٽرسٽ" قوانين جي ذريعي آهي. سن 1890ع واري "شرمن اينٽي ٽرسٽ ايڪٽ" (Sherman Anti-Trust Act) مطابق حڪومت کي واپار ۾ هڪ هٽيءَ کي ٽوڙڻ، چٽا پيٽي پيدا ڪرڻ ۽ اهڙن واپارين تي ڏنڊ وجهڻ خواهہ قيد ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو، جن ني منصفاڻي طريقي سان مقدمي هلائڻ کان پوءِ قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ جو ڏوهہ ثابت ٿئي. "شرمن ايڪٽ" کي زوردار ۽ اثرائتي بنائڻ لاءِ، بعد ۾ ٻيا بہ ڪي قانون پاس ڪيا ويا. ڪن ڪاروباري حلقن جي غير واجبي طريقن ۽ بي ايمانيءَ جي رستن تي چوڪسي رکڻ ۽ انهن کي بند ڪرڻ لاءِ، سن 1913ع ۾ "فيڊرل ٽريڊ ڪميشن" (F.T.C) جو قيام عمل ۾ آندو ويو. گذريل ڪيترن سالن جي دوران ۾، ريپبليڪن خواهہ ڊيموڪريٽڪ پارٽين جي حڪومتن طرفان ڪيترن وڏن ڪاروباري ادارن جي خلاف گهٽائي اهم مقدما هلايا ويا آهن. اهڙي مقدمي جو هڪ تازو مثال سن 1961ع ۾ ٿي گذريو، جڏهن بجليءَ جي سازو سامان جي صنعت سان وابستہ ڪيترن ئي وڏن واپارين کي اُنهن قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ ڪري جيل موڪليو ويو. سن 1962ع ۾ حڪومت، ڪيميائي پيداوار ڪندڙ هڪ وڏي ڪارخانيدارن، "ڊيوپانٽ" کي ملڪ جي وڏي موٽر ساز ڪمپنيءَ، جنرل موٽرس سان سندس ناتي ٽوڙڻ لاءِ مجبور ڪيو، ڇاڪاڻ تہ اهو محسوس ڪيو ويو تہ ٻن اهڙين وڏين ڪمپنين جي وچ ۾ اهڙن قريبي ڪاروباري تعلقات هئڻ سبب ڪاروباري چٽا پيٽيءَ کي نقصان پهچي رهيو هو. عوام کي هڪ - هٽيءَ جي نقصانڪار اثرن کان بچائڻ لاءِ ڪو بہ ٻيو صنعتڪار ملڪ ۾ سرڪاري اختيار کي ايتريقدر زور سان استعمال نٿو ڪري، جيترو آمريڪا ڪري رهيو آهي. هيءَ ڳالهہ، تہ آمريڪا کي "هڪ هٽيءَ وارا هلائي رهيا آهن" بلڪل غلط آهي. ان لاءِ محڪمہ عدليہ ۽ فيڊرل ٽريڊ ڪميشن جا، جيڪي انهن قانونن کي عمل ۾ آڻڻ جو فرض ادا ڪن ٿيون، رڪارڊ بلڪل صاف نموني ۾ مٿين ڳالهہ ثابت ڪن ٿا.

## 5- وڏو ڪاروبار ۽ تبديل ٿيندڙ اقتصاد

آمريڪي عوام کي وڏن ڪاروباري ادارن جي غلط ڪارين کان جنهن بيٺي نموني ۾ محفوظ رکيو ويو آهي، سو اهڙين گهٽين تبديلين جي وسيلي ڪيو ويو آهي، جيڪي گذريل سالن جي دوران ۾ اقتصاد جي نوعيت ۾آيون آهن. اهڙي هڪ اهم تبديلي هيءَ آهي تہ اڄ جي عوام لاءِ هر هڪ شيءِ جا ڪيئي نمونا موجود آهن، جي اڳئين وقت ۾ ڪين هوندا هئا. ٻي وڏي تبديلي هيءَ آهي تہ اڄ جي ماڻهن وٽ خرچ ڪرڻ لاءِ اڳي کان گهڻو وڌيڪ پئسو موجود آهي.

پراڻي زماني ۾، اسين ائين سمجهندا هئاسون تہ هڪ ڪاروبار کي ان صورت ۾ هڪ هٽي حاصل آهي، جيڪڏهن ٻيا ڪي بہ اهڙا ادارا ڪينهن، جي "ساڳي" شيءِ ٺاهيندا هجن ۽ اهڙيءَ حالت ۾، واپرائيندڙ ماڻهو انهيءَ هڪ ئي مال ٺاهيندڙ جي رحم و ڪرم تي رهي ٿو. پر اڄ، هر هڪ شيءِ جون ڪيئي متبادل شيون موجود آهن. اڄ جي مسافر کي هروڀرو ريل گاڏيءَ رستي سفر ڪرڻو نٿو پوي، هو چاهي تہ هوائي جهاز ۾ پرواز ڪري سگهي ٿو، بس ۾ ويهي يا پنهنجي موٽر گاڏي هلائي، ڪٿي بہ وڃي سگهي ٿو. موٽر گاڏين ٺاهيندڙن کي سندن انجڻين ۾ هروڀرو فولاد جو ڏاڪو استعمال نٿو ڪرڻو پوي، ۽ نہ وري بورچيخاني ۾ ڪتب ايندڙ برتنن ٺاهيندڙ کي ٽامو ئي ڪم آڻڻ جي ضرورت آهي، اهي اليومينم استعمال ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح، ريلواين، فولاد جي سامان ٺاهيندڙن ۽ ٽامي جي برتنن ٺاهيندڙن کي اڄ اهڙي مقابلي سان منهن ڏيڻو پوي ٿو، جيڪو اڳي ڪو نہ هوندو هو، ۽ انهيءَ ڪري واپرائيندڙن کي مال جي وڌيڪ پسند ۽ ناپسند ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

پر، جيئن تہ اڄ جي واپرائيندڙ وٽ اڳي کان تمام گهڻو پئسو خرچڻ لاءِ آهي، ان ڪري اها حقيقت وڏن ڪاروباري ادارن کي دراصل، وڏن خواهہ ننڍن، ٻنهي قسمن جي ادارن کي هن فڪر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي تہ سندن واپار ٻيا ڇا پيٽي ڪندڙ ادارا نہ ڪٽي وڃن. اڳئين زماني ۾ مال واپرائيندڙ ماڻهو، پنهنجو اڪثر پئسو فقط ڪن انتهائي ضروري شين، جهڙوڪ: کاڌي، ڪپڙي ۽ مسواڙ تي خرچ ڪندا هئا. پر هن دور ۾، ماڻهن جون ڪمايون ايتريقدر وڌي ويون آهن، جو انهن ضروري خرچن ڪرڻ کان پوءِ بہ، وٽن سئر سفر، تفريح ۽ سک سهولت جي سامان تي خرچ ڪرڻ لاءِ پڻ پئسو بچي ٿو. يا جيڪڏهن ڪين

اهي شيون پسند نٿيون اچن، جيڪي وڪري لاءِ سندن سامهون موجود آهن، ته پوءِ مال واپرائيندڙ اهڙيون ناپسنديده شيون خريد نه ڪرڻ ۽ انهن تي خرچ ٿيڻ واري پئسي بچائڻ جو فيصلو ڪري سگهن ٿا. انهيءَ جي معنيٰ هيءَ آهي ته ذري گهٽ سڀ ڪاروباري ادارا، خواهه اهي ڪهڙو به مال ناهيندا هجن، واپرائيندڙ جي پئسي تي قبضو ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان چٽا ڀيٽي ڪن ٿا. سمنڊ جي ڪناري تي واقع ڪتابن جو دڪاندار، اتي جي هوٽل واري سان مقابلو ڪري ٿو، فٽبال ڪلب، ناٽڪ - گهر سان مقابلو ڪري ٿو، ٽيليويزن سيٽ تيار ڪندڙ گاهه وڍيندڙ مشين ناهڻ واري سان چٽا ڀيٽي ڪري ٿو. انهيءَ سڄيءَ چٽا ڀيٽيءَ جي نتيجي طور، شين ناهڻ جي مهارت پيدا ٿئي ٿي ۽ بهتر شيون ٺهي، واپرائيندڙ اڳيان پيش ٿين ٿيون ۽ شين جون قيمتون گهٽ رهن ٿيون.

## 6- خود وڏي ڪاروبار ۾ آيل تبديليون

آخر ۾، اسان کي هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي ته ويهين صديءَ ۾، خود وڏي ڪاروبار اندر نهايت اهم تبديليون اچي ويون آهن. انهن تبديلين آمريڪي ڪاروباري نظام کي وڌيڪ جمهوري بڻايو آهي، ۽ منجهس صلاحيت پيدا ڪئي آهي، جو ڪاروباري اڳواڻن جي اقتصادي طاقت جي غلط استعمال جو مقابلو ڪري سگهي. اڳئين باب ۾ اسان آمريڪي اقتصاد ۾ واقع ٿيندڙ مسلسل تبديلين جي باري ۾ ڪافي ڪجهه چيو آهي. هن ڳالهه کي ذهن نشين رکڻ تمام ضروري آهي ته اڄوڪو آمريڪي اقتصادي نظام، انهيءَ نظام کان گهڻو بدليل آهي. جو اوڻيهين صديءَ جي اوائل ۾ هو - ۽ لڻ ۾ آيل اهي سڀ تبديليون فائديمند هيون. اچو، ته ڏسون ته اهي تبديليون ڪهڙي قسم جون هيون.


سڀ کان پهريائين، آمريڪا ۾ اڄ جيڪي به وڏا ڪاروباري ادارا آهن، سي گهڻو ڪري چند دولتمند ماڻهن جون ملڪيتون نه آهن. اڻويهين صديءَ ۾ برابر ائين هو، جيئن ته مثال طور: "اسٽئنڊرڊ آئل ڪمپنيءَ ، ۽ "يونين پئسفڪ ريل روڊ" جو وڏو حصو جان. ڊي. راڪفيلر ۽ اي. ايچ. هئريمن جي ملڪيت هو. اهي برابر انهن ڪاروباري ادارن کي هلائڻ متعلق سڀ اهم فيصلا پاڻ ڪندا هئا. انهيءَ زماني ۾ ائين چوڻ صحيح هو ته گهڻن وڏن ڪاروباري ادارن تي گهڻي قدر هڪ ئي "صنعت جي ڪپتان" جو قبضو آهي. جيئن ان دور جا ماڻهو اهڙن دولتمندن کي سڏيندا هئا، پر اڄ، ائين ناهي.

اڄ، آمريڪا ۾ ذري گهٽ سيني وڏن ڪاروبارن تي، جيئن گذريل باب ۾ ڏسي آيا آهيون، هزارها عام رواجي شهرين جو قبضو آهي، جن کي ”اسٽاڪ - هولڊر“ يا حصيدار سڏيو وڃي ٿو. جيئن مٿي چئي آياسون، ملڪ جو وڏي ۾ وڏو ڪاروبار، آمريڪن ٽيليفون ائنڊ ٽيليگراف ڪمپني، ويهن لکن کان بہ وڌيڪ عام ماڻهن جي ملڪيت آهي. ٻئي طرف، ڊيوپانٽ، جنرل موٽرس، يونائيٽيڊ اسٽينس اسٽيل، پينسلوانيا ريل روڊ ۽ ٻين مشهور وڏين ڪمپنين جا سوين هزارين حصيدار آهن. اهي سڀ ماڻهو انهن ڪمپنين جا مالڪ آهن ۽ ڪين تجارت ۾ ڪمايل فائدي جي حصي ملڻ جو حق حاصل آهي. ڪين ڪمپنيءَ کي هلائڻ لاءِ ڊائريڪٽرن مقرر ڪرڻ ۾ ووٽ ڏيڻ جو پڻ حق مليل آهي.

انهن سيني ڳالهين جي معنيٰ اها ٿي تہ ڪاروبار جي ملڪيت جو حق، اڳي کان وڌيڪ وسيع پيماني تي عام رواجي شهرين ۾ ڦهليل آهي. لکن جي تعداد ۾ عام ماڻهن کي تجارت ۾ نقصان ٿيڻ جو خطرو ۽ ان جي منافعي ۾ حصو آهي. تازو اولهہ جرمن حڪومت ان باري ۾ جا ڪيو، سو معلوم ڪرڻ، دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. جرمن حڪومت انهن ڪارخانن جي مالڪ هئي، جيڪي ”ووڪس وئگن“ نالي موٽر گاڏيون ٺاهيندا هئا، ۽ جن جو اُتان جي موجوده حڪومت ٻي مهاڀاري جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، نازين کان قبضو ورتو هو. حڪومت، انهن ڪارخانن کي عام ماڻهن ۾ فروخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انهن جا حصا معقول قيمتن تي وڪري لاءِ آڇيا. ڪنهن کي بہ هڪ مقرر ڪيل تعداد کان وڌيڪ حصن خريد ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني وئي. ان جي نتيجي ۾، ووڪس وئگن ڪمپنيءَ جو سٺ سيڪڙو حصو اڄ اتان جي عام ماڻهن جي ملڪيت آهي، ۽ باقي ٻچيل چاليهہ سيڪڙو، جرمن حڪومت جي.

پر، وڏن ڪاروباري ادارن جي حق ملڪيت کان قطع نظر، سندن انتظام هلائڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ ظاهر آهي تہ وڏن ڪاروباري ادارن جي مالڪن جي وڏيءَ اڪثريت کي موٽر گاڏين يا فولاد ٺاهڻ يا ٽيليفون نظام کي هلائڻ جي ڪا گهڻي ڄاڻ ڪا نہ ٿي ٿئي. پوءِ پلا انهن ڪاروباري ادارن کي حقيقت ۾ هلائي ڪير ٿو؟ اهڙن معاملن متعلق، جهڙوڪ مال ڪيئن ٺاهجي، گراهڪ کان

## How Cooporations Are Run




### (ڪارپوريشنن جو انتظام ڪيئن ٿو هلي)

ان جي ڪيتري قيمت وصول ڪجي، ڪيترا مزور ڪم تي لڳائجن وغيره، آخر فيصلا ڪير ٿو ڪري؟

ڪمپنيءَ جا حصيدار، عام پاليسي ناهڻ لاءِ پاڻ منجهان مقرر ڪيل مقدار ۾ ڪي حصيدار چونديندا آهن، جن کي ڊائريڪٽرن جو بورڊ سڏيو ويندو آهي. اهي ڊائريڪٽر روزمرهہ جي مسئلن متعلق فيصلن ڪرڻ لاءِ هڪ صدر مقرر ڪندا آهن. پوءِ ڪاروبار جي مختلف ڪاتن جي سار سنڀال لاءِ ٻيا مرد ۽ عورتون - انجنيئر، وڪرو ڪندڙ، حساب ڪتاب رکندڙ، مال جي مشهوري ڪندڙ، وڪيل، وغيره - مقرر ڪيا ويندا آهن. گذريل ڪيترن سالن جي عرصي ۾، آمريڪا ۾ اهڙن ماڻهن جو هڪ وڏو طبقو پيدا ٿيو آهي، جنهن کي منتظمين

جو طبقو ڪٽي ڇڏجي. دراصل، اڄ گهڻي قدر انتظام هلائڻ جي فن ڪي بہ ائين ئي هڪ ڏنڍو سڏيو وڃي ٿو. جيئن وڪالت ۽ طب، وغيره ڪي.

منتظمن جي انهيءَ طبقي جا ماڻهو، جيڪي وڏن ڪاروبارن ۾ انهن کي هلائڻ چلائڻ متعلق فيصلا ڪن ٿا، گهڻي ڀاڱي متعلقہ ڪمپنين جا ملازم ٿين ٿا، ۽ پگهارن تي ڪم ڪن ٿا. منجهانئن وڏيڪ اهميت رکندڙ ڪي منتظم ڪمپنيءَ جي ڪجهہ حصن جا مالڪ پڻ ٿين ٿا، جيتوڻيڪ گهڻو ڪري سندن حصو ڪمپنيءَ جي سڄي اسٽاڪ جي ٿوري في سيڪڙي جيترو هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ انهن ماڻهن ڪي اتان جيڪي آمدنيون ملن ٿيون، سي بنيادي طور انهيءَ ڪاروبار جو نفعو نہ، پر باقاعدي پگهار هوندا آهن. انهيءَ معاملي ۾، ڪو ائين بہ چئي سگهي ٿو تہ سوويت يونين ۾ سرڪاري ملڪيت هيٺ آيل وڏن ڪاروبارن ۽ آمريڪا جي هنن ڪاروبارن ۾ گهڻي قدر مشابهت ۽ هڪجهڙائي آهي، ڇو تہ اُنهيءَ ملڪ ۾ پڻ منتظم ماڻهن جو هڪ اهڙو طبقو پيدا ٿيو آهي، جن ڪي سندن ڪيل محنت جو اُجورو پگهارن جي صورت ۾ ملي ٿو. فرق البت هي آهي، جو سوويت يونين ۾ وڏا ڪاروبار خالص حڪومت جي ملڪيت آهن، ۽ آمريڪا ۾ اهي سڌيءَ طرح ماڻهن جي ملڪيت آهن.

هاڻي، اسان هڪ اهم نُڪتي تي اچي پهتا آهيون. اسان ڏٺو آهي تہ اڄ وڏا ڪاروبار ڪن ٿورن اجاره دارن جون ملڪيتون نہ آهن ۽ نہ اهي ماڻهو سڌيءَ طرح انهن جو انتظام هلائين ٿا. اهي لکن جي تعداد ۾ رواجي شهرين جون ملڪيتون آهن، جن ڪي ئي منافعي جو حصو ملي ٿو، جيڪو حصو نين مشينن جي خريد ڪرڻ لاءِ ڪاروبار ۾ واپس نہ لڳايو وڃي. انهن کي هڪ پيشہ ور منتظمن جو طبقو هلائي ٿو. حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ پيشہ ور منتظمن جو طبقو هلائي ٿو. حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ پيشہ ور منتظمن جي طبقي جي وجود سبب، آمريڪا جو اقتصادي نظام اڳي کان وڌيڪ بهتر نموني ۾ هلي رهيو آهي، ۽ ڪاروباري طبقي جي غلط ڪارين کان عام ماڻهن جي اڳي کان وڌيڪ حفاظت ٿئي ٿي، ۽ منتظمن جو اهو طبقو هر خاص و عام جي داخل ٿيڻ لاءِ کُليل آهي. ان ۾ ڪو بہ اهڙو ماڻهو، جنهن وٽ گهربل مهارت هجي، داخل ٿي سگهي ٿو.

منتظمن کي، اڄ اعليٰ درجي جي ذميداري سونپيل آهي، ۽ اهي ڪاروبار کي ڪامياب ڪرڻ ۽ عوام جي خدمت لاءِ پنهنجي وس آهر بهترين

ڪم ڪن ٿا. مارڪس جي پوئلڳن جي غلط عقيدن مان هڪ هيءَ بہ آهي تہ منافعو ئي هڪ اهڙي چيز آهي، جيڪا ماڻهن کي ڪاروبار ۾ سرگرم رهڻ لاءِ آماده ڪري ٿي. اها ڳالهہ سراسر غلط آهي. انساني مقصد گهڻن قسمن جا ۽ ڏاڍا پيچيده آهن. پئسي ڪمائڻ جي خواهش يقيناً هر هنڌ موجود رهي ٿي. طاقت حاصل ڪرڻ جي خواهش بہ رهي ٿي. سٺيءَ ڪارڪردگيءَ جي تمنا بہ رهي ٿي. اها بہ آرزو رهي ٿي تہ هر پيشا ماڻهن ۾ بہ سٺو اثر ويهي. ذميداريءَ جو احساس بہ هڪ اهڙي چيز آهي، جيڪو ڪنهن بہ اهميت واري ڪم تي لڳل هر شخص جي دل ۾ ضرور رهي ٿو. عادت جي طاقت بہ ڪم ڪري ٿي. انسان، سچ پچ تہ گهڻين خواهشن ۽ مقصدن وارو ۽ هڪ پيچيدو مخلوق آهي: فقط ايترو چئي ڇڏڻ تہ اقتصادي سرگرميءَ لاءِ فقط پئسو ئي هڪ اڪيلو محرڪ ۽ مقصد آهي، حقيقت کي حد کان زياده آسان بنائڻو آهي.

آمريڪي ڪاروبار ۾ اهڙا بہ ماڻهو آهن، جيڪي بي ايمان آهن، يا جيڪي اقتدار جا بکيا آهن. اوهان کي اهڙا ماڻهو فقط تجارت ۾ نہ، پر هر هنڌ ۽ سڀني ملڪن ۾ ملندا، خواهہ اهي سرمائيدار هجن، يا ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ، پر اڪثر حالتن ۾، آمريڪي ڪاروباري منتظم ٻين ڪن قومن يا ملڪن جي منتظمن کان ڪو مختلف ناهن. اهي محنت سان ڪم ڪن ٿا، سو ڪجهہ عادت جي اثر کان، ۽ ڪجهہ هن ڪري، جو آمريڪي اقتصادي نظام ۾ اهڙن ماڻهن کي، جيڪي وڌيڪ محنت سان ڪم ڪن ٿا، وڌيڪ وڏين پگهارن جي صورت ۾ اُجورو ملي ٿو. اهي ايماندار آهن، ڇاڪاڻ تہ آمريڪا وارن کي دنيا جي ٻين ماڻهن وانگر، گهر ۾، اسڪول ۾، ۽ پڻ ديول ۾ هر وقت ايماندار ٿيڻ جو سبق سيڪاريو وڃي ٿو. اهي ماڻهو اهڙن فيصلن ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جيڪي عام معاشري، ۽ سندن پنهنجي ڪاروبار لاءِ بهترين آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي انهيءَ معاشري جو هڪ جُز آهن، ۽ ڄاڻن ٿا جيڪڏهن اهو چڱيءَ طرح هلندو، تہ ڪين بہ ان مان شخصي طور فائدو ملندو.

گذريل چند سالن جي دوران ۾، جيڪا اهم ترين ۽ قابل غور تبديلي رونما ٿي آهي، سا هيءَ آهي تہ منتظمن جي طبقي جا وڌيڪ فرد، جيئن پوءِ تيئن اهڙا مرد ۽ اهڙيون زالون ٿينديون رهيون آهن، جيڪي يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪري نڪتا آهن. ڪاروبار ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ يونيورسٽيءَ ۾

وجڻ جو هرو ڀرو ضرور ڪونهي، ۽ سنين نوڪرين ۾ ڪيئي اهڙا ماڻهو موجود آهن، جن يونيورسٽيءَ مان تعليم ڪا نہ ورتي آهي. پر جيئن ڪاروبار وڌيڪ پر پيچ ٿيندو رهي ٿو، صحيح انتظامي فيصلن ڪرڻ لاءِ وڌيڪ فني تربيت جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ ان ڪري وڌيڪ تعليم جي گهرج رهي ٿي. جڏهن نوجوان ماڻهو يونيورسٽي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا، تڏهن اهي، نہ فقط حساب ڪتاب رکڻ، بازار ۾ مال خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ، مالي مسئلن ڪي حل ڪرڻ ۽ انتظام رکڻ جي، پر انهن ڪان علاوه، اقتصاديات، معاشيات، حسن ڪارڪردگي، تاريخ، ادب ۽ فلسفي جي پڻ تعليم وٺن ٿا. اها تعليم کين وسيع ۽ بهتر نموني جي ڇاڻ ۽ صاف ۽ سلجهيل دماغ عطا ڪري ٿي، ۽ نتيجي ۾ هونہ فقط بهتر قسم جا ڪاروباري ماهر، پر ان سان گڏ بهتر شهري پڻ، بڻجن ٿا. اهو هڪ وڏو سبب آهي، جو آمريڪي ڪاروباري ماڻهو اڳي کان اڄ وڌيڪ ذميداريءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. اڄ آمريڪي ڪاروباري ماڻهو مجموعي طور خيرات جي ڪمن ۾ ايڏي ساري رقم ڇو ڏيئي رهيا آهن ۽ خانگي يونيورسٽين جا خرچ ڇو برداشت ڪري رهيا آهن. ان جو پڻ اهو ئي هڪ وڏو سبب آهي.

ڇاڪاڻ تہ آخر ۾ اسين ائين چئي سگهون ٿا، تہ ذميداريءَ جو جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ احساس جيڪو آمريڪي ڪاروباري ماڻهو پنهنجن هم وطن شهرين جي مفاد جي سلسلي ۾ رکن ٿا. سو ۽ پڻ هيءَ حقيقت تہ ڪاروبار اڳي جي ڀيٽ ۾ هائي وڌيڪ جمهوري نوعيت اختيار ڪئي آهي - اهي بہ ڳالهيون عوام کي وڏن ڪاروبارن جي غلط ڪارين کان محفوظ رکڻ جا بہ اهم سبب بڻيا آهن. اسين اهو نٿا چئون تہ ان جا فقط اهي ئي بہ سبب آهن. انهن سان گڏ، سرڪاري قانون، ۽ ڪنٽرول بہ موجود آهن، جن جو اسان اڳي ئي بيان ڪري آيا آهيون. ڪاروباري طبقي جي غلط ڪارين تي اک رکڻ لاءِ مزور جماعتون پڻ موجود آهن. انهن ڪان سواءِ، ڇتا پيٽيءَ جو زور بہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي، جيئن اسان مٿي چئي آيا آهيون. اهي سڀ ڳالهيون گڏجي، بهرحال اهو ثابت ڪن ٿيون تہ سرمائيداري نظام جي جيڪا تصوير هڪ سؤ سال اڳي ڪارل مارڪس چٽي هئي، سا اڄ جي آمريڪي نظام سان ميل نٿي کائي.

سيني اقتصادي نظامن کي ڪي مسئلا ضرور درپيش هوندا آهن، خواهہ انهيءَ ملڪ جي حڪومت انهن کي تسليم ڪري يا نہ ڪري. بنيادي اهميت واريون ڳالهيون، بهرحال، هي ٽين ٽيون: پهرين ڳالهہ هيءَ تہ ڇا، اقتصادي نظام، عام طرح، ملڪي ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي فائدي ۾ ڪم ڪري ٿو؟ ٻي ڳالهہ تہ ڇا، ملڪ جي ماڻهن کي آزادي حاصل آهي؟ ٽين ڳالهہ تہ ڇا، ڪي اهڙا طريقا بہ آهن، جن جي وسيلي مروج نظام جي اوڻاين پوڻاين کي سڌاري سگهجي ٿو، ۽ واقعي اهو سڌارو ٿي بہ رهيو آهي يا نہ؟ انهن ٽنهي مدن هيٺ، جيڪڏهن دنيا جي مختلف اقتصادي نظامن کي ويهي جاچبو ۽ ڇڪاسبو، تہ يقين آهي تہ اسان کي آمريڪي اقتصادي نظام کي ضرور مارڪن جو زياده نمبر ڏيڻو پوندو.

# 4 - آمريڪي اقتصاد ۾ حڪومت جو ڪردار

## حڪومت جي جوڙجڪ ۽ ان جو فلسفو

يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جي حڪومت بہ، ڪئنادا، آسٽريليا، برازيل ۽ ڪن ٻين ملڪن وانگر وفاقي طرز جي آهي. واشنگٽن شهر ۾، جو يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي راڄڌاني آهي، صدر ڪانگريس، ۽ سپريم ڪورٽ موجود آهن، جن جو قومي دفاع، مضبوط اقتصاد ۽ غير ملڪي تجارت جهڙن قومي مسئلن سان واسطو رهي ٿو، پر آمريڪي وفاق جي پنجاهہ رياستن مان هر هڪ کي پنهنجو گورنر رياست جي قانون ساز اسيمبلي، ۽ عدالتي نظام آهي، جن مان هر هڪ جو، واسطيدار رياست جي ماڻهن تي اثر انداز ٿيندڙ مسئلن، جهڙوڪ شاهراهن جي تعمير ۽ يونيورسٽين جي انتظام وغيره سان سڌيءَ طرح واسطو رهي ٿو. آخر ۾، هزارن جي تعداد ۾ مڪاني حڪومتون - ضلعن، وڏن ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن، جون آهن، جن جو تعلق شهرين جي روزمرهہ جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ مسئلن، جيئن تہ اسڪولن هلائڻ، پوليس ۽ باهہ وسائيندڙ ڪمن، پبلڪ لئبررين ۽ باغيچن ۽ ٻين ڪيترن اهڙن معاملن سان آهي.

آمريڪا هڪ وڏو ملڪ آهي، ۽ اتان جا ماڻهو پهنجن مقامي حقن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هر وقت فڪرمند رهن ٿا. ڪين اها ڳالهہ پسند ناهي تہ سڀ فيصلا قومي دارالحڪومت ۾، ڪانئن دور ويٺل حڪومت ڪري. انهيءَ ڏس ۾،

اسڪولن جي هلائڻ جو مسئلو، هڪ سنو مثال آهي. آمريڪا جا اسڪول، مقامي ماڻهن تي مشتمل اسڪول بورڊ هلائيندا آهن، جن کي مقامي ماڻهو چونڊيندا آهن. اسڪولن جو خرچ گهڻيءَ حد تائين، مقامي محصولن مان پورو ڪيو ويندو آهي. پر رياست جي حڪومت پڻ مقامي اسڪولن جي مالي امداد ڪندي آهي ۽ ان جي بدلي ۾ هوءَ تعليم جا افادي معيار مقرر ڪندي آهي، جن کي، خاص طرح ماسترن جي تربيت جي معاملي ۾، هر صورت ۾ پورو ڪرڻو پوندو آهي. سن 1960ع کان وٺي، وفاقي حڪومت تعليم جي شعبي ۾ پنهنجي امدادي سرگرمي وڌائڻ شروع ڪئي. پر آمريڪي اسڪولن تي اڃا بہ بنيادي طور خرچ ۽ ضابطو مڪاني حڪومتن طرفان ئي هلايو وڃي ٿو.

سرڪاري خرچ تي هلندڙ اسڪولن متعلق اسان جو بحث، آمريڪي اقتصاد جي هڪ اهم نڪتي، ۽ ساڳئي وقت هڪ اهڙي مسئلي، جو مثال پيش ڪري ٿو، جنهن جي اهميت ۾ اڄ جيئن پوءِ تيئن اضافو ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو اڄ گهڻن آمريڪين لاءِ مٿي جو سور بڻجي رهيو آهي.

جيئن اسان مٿي چئي آياسين، آمريڪي باشندا صدر ابرهام لنڪن سان هن باري ۾ يڪراءِ آهن تہ: "اهو حڪومت جو فرض آهي تہ اها ماڻهن لاءِ اهي ڪم ڪري، جن جي ڪرڻ جا هو خواهشمند هجن، پر خانگي حيثيت ۾، اهڙيءَ خوبيءَ سان، يا پوريءَ طرح انهن کي هو سرانجام نٿا ڪري سگهن." آمريڪا ۾ جيڪڏهن عام شهري پاڻ کو بہ ڪم بخوبي سرانجام ڪري سگهندا آهن، تہ ان حالت ۾ هو حڪومت کي وچ ۾ آڻڻ پسند ڪو نہ ڪندا آهن. جيڪڏهن، ڪو اجتماعي عمل، جيئن بظاهر تعليم جي حالت ۾ آهي، حڪوت جي ذريعي ئي ڪرڻو آهي، تہ پوءِ آمريڪي ماڻهو وفاقي حڪومت جي بجاءِ، رياستي يا مڪاني حڪومت جي ذريعي قدم کڻڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. مڪاني يا رياستي حڪومتون، مرڪز جي وفاقي حڪومت کان عوام کي وڌيڪ قريب ۽ مقامي حالات کان وڌيڪ باخبر ٿين ٿيون. ۽ انهيءَ سبب، واسطيدار ماڻهن جي خواهشن ۽ مرضين جي سلسلي ۾ سڌيءَ طرح جوابدهي پڻ مڪاني رياستي حڪومتن جي حالت ۾ وڌيڪ ممڪن ٿئي ٿي.

پر، جيئن تہ آمريڪا جي آبادي وڌي ويئي آهي، ان ڪري اڳي جي ڀيٽ ۾، جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ مسئلا مڪاني ۽ رياستي حڪومتن جي وس کان

ٻاهر ٿيندا پئي ويا آهن. وفاقي حڪومت ملڪ جي اقتصادي معاملي ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ نمايان حصي وٺڻ تي مجبور پئي ٿي آهي. انهيءَ صورتحال گهڻن ماڻهن کي هن فڪر ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته ٿيندي ٿيندي قومي حڪومت ڪٿي پنهنجي لاءِ حد کان زياده اختياري ۽ طاقت نه هٿ ۾ ڪري ويهي. پر هن مسئلي جو پڻ اجا تائين ڪو به جواب ڪو نه لڌو ويو آهي ته اهڙا وڏا ۽ قومي اهميت جا ڪم جيڪي ڪرڻا به ضروري آهن، سي وفاقي حڪومت کي وڌيڪ اختيارات ڏيڻ کان سواءِ، نيٺ به ڪهڙيءَ طرح سرانجام ڪيا وڃن.

## آمريڪا ۾ حڪومت ڇا ٿي ڪري

ڪي ماڻهو هن خيال ۾ آهن ته آمريڪا ۾ "خالص" سرمائيداري اقتصاد آهي، جنهن ۾ حڪومت ڪو به ڪردار ادا نٿي ڪري. حقيقت ۾ ائين ناهي. آمريڪا ۾، حڪومت - وفاقي، رياستي خواهه مڪاني - اقتصادي زندگيءَ ۾ گهڻو ۾ گهڻو ڪم ڪري ٿي، جيڪو اڪثر ماڻهو محسوس ڪو نه ٿا ڪن. هاڻي، اچو ته ڏسون ته اهو ڪم ڪهڙو آهي.

### 1- حڪومت ڪاروبار کي وڌڻ ويجهڻ ۽ قابل ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿي

آمريڪا ۾، حڪومت جي مکيه ڪمن مان هڪ، خانگي ڪاروبار کي وڌڻ ويجهڻ ۽ اُسرڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي. حڪومت اهو ڪم، شروع کان وٺي، آمد رفت ۽ نقل و حمل جي سٺن ذريعن ۽ طريقن جي قائم رکڻ، ملڪ جي مالياتي ۽ بئنڪاري نظامن کي قاعدي موجب هلائڻ، تعليم جي همت افزائي ڪرڻ ۽ ٻين ڪيترن طريقن سان ڪندي آئي آهي.

ملڪ ۾ اهڙي صحتمند فضا قائم رکڻ ۾، جنهن ۾ خانگي شهري پنهنجا ڪاروبار هلائي سگهن، حڪومت جي ادا ڪيل ڪردار جا ڪيئي مثال موجود آهن. انهن مان ٽي، زراعت، نقل و حمل ۽ تعليم، آهن.

(الف) زراعت - آمريڪا جي قابل ترين صنعتن مان هڪ آهي. دراصل، اها صنعت ايتريقدر ڪامياب آهي، جو آمريڪا ۾ باچتو زرعي پيداوار کي نيڪال ڪرڻ هڪ وڏو مسئلو آهي. انهيءَ مسئلي تي اسين ايندڙ باب ۾ بحث ڪنداسون. پر، آمريڪا جا زرعي فارم نيٺ ايتريقدر پيلا ۽ آباد ڇا لاءِ آهن؟ ائين آخر ڇو ممڪن آهي ته آمريڪا جا فقط ڏهه سيڪڙو پورهيت ايڏو اناج ۽

ٻي ايڏي زرعي پيداوار اُپائين ٿا. جڏهن سوويت يونين ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ اتان جي تقريباً پنجاهه في سيڪڙو يا ان ڪان به وڌيڪ پورهيتن کي ٻنين ٻارن ۾ ڪم ڪرڻو پوي ٿو. آخر ته آمريڪا به ڪڏهن پراڻي قسم جي آبادگارن جو ملڪ هو. ان جي باوجود، هيءَ هڪ بنيادي حقيقت آهي ته گذريل سالن جي دوران ۾، في ماڻهوءَ توڙي في ايڪڙ جي پيداوار ۾، بنان ڪنهن گهاريءَ جي، ساڳيءَ رفتار سان اضافو ايندو رهيو آهي، جنهن ڪري ٻنين تي ڪم ڪرڻ لاءِ جيئن پوءِ تيئن گهٽ تعداد ۾ پورهيتن جي ضرورت محسوس پئي ٿي آهي، ۽ ان جي نتيجي ۾، جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ماڻهو ڳوٺن کان لڏي شهرن ۾ آباد ٿيندا پئي رهيا آهن.

ڀلا، آمريڪا جي زرعي اقتصاد جي ميدان ۾ ائين ڇو ٿيو ٿئي؟ انهيءَ سوال جو جواب هيءُ آهي ته پهريائين ته آمريڪي آبادگار آزاد ماڻهو آهن ۽ سندن ٻنين ٻارن تي ڪين ئي مالڪاڻا حقوق حاصل آهن. ان ڪري، ڪين پنهنجي لاءِ، ۽ پنهنجن ڪٽنبن لاءِ وڌيڪ اُپائڻ ۽ زياده ڪمائڻ جي آرزو رهي ٿي. ڪميونسٽ ملڪن ۾ وڏن وڏن اجتماعي فارمن يا ڪميونس تي جيڪي ماڻهو ڪم ڪن ٿا، تن کي اها آرزو نٿي رهي. نه وري انهن ماڻهن کي ئي اها آرزو رهي سگهي ٿي، جن کي زميندارن ۽ جاگيردارن لاءِ تمام وڏن کيتن ۾ ڪم ڪرڻو پوي ٿو. آمريڪي زراعت مان جيڪي اهم سبق سکي سگهجن ٿا، تن مان هڪ هيءُ آهي ته اهڙا ماڻهو، جن کي سندن زمينن تي مالڪاڻا حق حاصل هوندا ۽، ساڳئي وقت جيڪي آزاد ماڻهو هوندا، اهي پنهنجي زمين مان پنهنجي لاءِ پيداوار به وڌيڪ ڪندا. آمريڪا ۾ ذاتي ملڪيت جي پاڻ مالڪ هئڻ جي حق جي - جنهن ۾ زمين به شامل آهي، قانون وسيلي حفاظت ڪئي وئي آهي.

آمريڪي کيتن جي مالڪن جو اهڙيءَ قابليت سان ڪم ڪرڻ جو ٻيو سبب هيءُ آهي، ته آمريڪي آبادگارن کي سندن ڪم ۾ مدد ڏيڻ لاءِ گهڻيون مشينون موجود آهن. وٽن ٽرئڪٽر، هر کيڙيندڙ، کير ڏهندڙ ۽ ٻين کيترن ئي قسمن جي ڪمن ڪرڻ جون مشينون آهن. پر، اهي سڀ مشينون پئسو گهرن ٿيون - ايڏو پئسو، جيڏو اڪثر آبادگار، ڪنهن به وقت تي، خرچي نٿا سگهن. ان ڪري هو اهو پئسو اڌارو وٺن ٿا. اڳئين زماني ۾، آبادگار اها شڪايت ڪندا هئا ته بئنڪون کانئن تمام وڏو وياج وٺن ٿيون، اڄ، آمريڪي آبادگار

وياج جي نهايت معقول نرخن تي قرض کڻي سگهن ٿا. ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ وفاقي حڪومت وچ ۾ پيئي، ۽ انهن آبادگارن لاءِ وياج جي معمولي نرخن تي قرض کڻڻ ممڪن بڻايو. حڪومت، سن 1916ع ۾، "فيڊرل لئنڊ بئنڪس" جي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏني، ۽ بعد ۾ وري انهن بئنڪن طرفان سهڪاري ادارن جي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏني. واشنگٽن شهر ۾، قائم ڪيل "فارم ڪريڊٽ ائڊمنسٽريشن" (آبادگارن لاءِ قرض جي انتظام) جو ادارو انهن سيني معاملن جي سنڀال ڪري ٿو. گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جي حڪومتن لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهي پنهنجن ملڪن جي آبادگارن کي وياج جي معقول ۽ مناسب نرخن تي قرض کڻي سگهڻ ۾ مدد ڏين.

آمريڪي کيتن جي مالڪن جي قابليت جو ٽيون سبب هيءُ آهي تہ وٽن هر وقت تازه ترين سائنسي معلومات رهي ٿي. کين معلوم آهي تہ زمين کي پوک لاءِ ڪيئن تيار ڪجي. ڪهڙي قسم جا ڪيميائي ياڻ استعمال ڪجن، فصلن کي ناس ڪندڙ ڪينئن ۽ ٻين جيتن کي اڳواٽ ڪيئن روڪجي. اهڙا جانور ڪيئن پالجن جيڪي اڳي کان گهڻو وڌيڪ کير، مکڻ ۽ گوشت ڏين، وغيره. اها سڀ معلومات، آبادگار ڪٿان ٿا آڻين؟ آبادگارن جو تعداد لکن ڪروڙن ۾ آهي، ۽ کين سندن پورهئي مان ايتري فرصت ئي ڪانهي، نہ وٽن ايترو ڏوڪڙ ۽ مهارت آهي، جو هو انهن سيني معاملن جو پاڻ مطالعو ڪري سگهن. انهيءَ سوال جو جواب هيءُ آهي تہ وفاقي ۽ رياستي حڪومتون، ڪنهن بہ معاوضي طلب ڪرڻ کان سواءِ، آبادگارن کي اها سڄي معلومات مفت مهيا ڪري ڏيون ٿيون.

سن 1862ع ۾، ابرهام لنڪن "مورل ائڪٽ" (Morill Act) تي صحيح وڌي، جنهن مطابق وفاقي حڪومت رياستي حڪومتن کي اهڙن ڪاليجن جي تعمير ڪرڻ لاءِ زمين ڏني، جن ۾ طالبعلم "زراعتي ۽ مشيني هنر، سکي سگهن. آمريڪا جي اعليٰ تعليم جي سرڪاري نظام جو اهو ئي بنياد هو. اڄ، انهن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪري هزارها شاگرد ٻاهر نڪرن ٿا، جن نہ فقط "زراعتي ۽ مشيني هنرن" ۾ تربيت حاصل ڪئي هوندي آهي، پر انهن ڳالهين کان علاوه، ڪين ٻين بہ گهڻين ئي ڳالهين جي تعليم مليل هوندي آهي. رياستن جي انهن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو خرچ پبلڪ ٽئڪسن مان وصول ڪيل پئسن مان ٿيندو آهي، ۽ اهي تعليمي ادارا ملڪ جي

سيني، عام و خاص، ماڻهن لاءِ ڪليل آهن. زراعت کي وڌيڪ ڪامياب بنائڻ جي نون طريقن کي ايجاد ڪرڻ لاءِ، انهن تعليمي ادارن ۾ گهڻو ڪم ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪم کان علاوه، جيڪو رياستي يونيورسٽين ۾ ڪيو وڃي ٿو، اهي زرعي تجرباتي مرڪزن ۾ پڻ ڪم ڪيو وڃي ٿو.اهي زرعي تجرباتي مرڪز، وفاقي حڪومت جي زرعي کاتي طرفان هلايا وڃن ٿا.

آمريڪا ۾، حڪومت طرفان زراعت جي جيڪا مدد ڪئي وڃي ٿي، سا هن ڳالهہ جو هڪ سنو مثال آهي تہ حڪومت خانگي ڪاروبار کي اُسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ۾ ڪيئن مدد ڪري سگهي ٿي. ملڪ جي زراعت جي اها سرڪاري امداد، هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن جو گهڻن ئي نون ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ نقل ڪيو پيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ طريقي کي هر ڪنهن اهڙي آزاد ملڪ ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو،جتي جي اقتصاد ۾ زراعت کي اهميت حاصل هجي.

(ب) نقل و حمل:- اچو تہ هاڻي نقل و حمل جي ميدان ڏانهن رخ ڪريون. هرقوم کي نقل و حمل جو سنو نظام گهرجي ٿو، جو تہ هر وقت ڪيس مال ۽ ماڻهن کي هڪ کان ٻئي هنڌ پهچائڻو آهي، ۽ ملڪي اقتصاد کي وڌائڻو آهي. آمريڪا ۾ نقل و حمل جا اڪثر ذريعا - ريلوايون،هوائي جهازن جون سروسون، ۽ بسن ۽ ٽرڪن جون ڪمپنيون - غير سرڪاري ملڪيتون آهن. مقامي بسن ۽ ٽرامن جون ڪي ڪمپنيون سرڪاري ملڪيت پڻ آهن. پر حڪومت نقل و حمل جي خانگي ڪمپنين کي اُسرڻ ۽ ڪامياب بنجڻ لاءِ هميشہ ڀرپور مدد ڏيندي رهي ٿي.

سن 1825ع ۾ ، "ايري" نالي هڪ وڏو واهہ کوليو ويو. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا جي ايرندي ڪناري کان، الهندي حصي ڏانهن مال رسائڻ جو اهو ئي هڪ اهم رستو هو. اهو واهہ، نيو يارڪ رياست جي حڪومت طرفان تعمير ڪرايو ويو هو. اُڻويهين صديءَ جي پوئين حصي ، جڏهن اولهہ آمريڪا جي علائقي کي انساني بستيءَ لائق بنائڻ جو دارو مدار، سڄي کنڊ جي آر پار، ايرندي ڪناري کان الهندي ڪناري تائين ريلوائي رستن جي تعمير ڪرڻ تي هو، تڏهن وفاقي حڪومت ريلوي ڪمپنين کي مفت زمين ڏني ۽ ريلوائي رستن جي وڇائڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ڪانگريس طرفان انهن ڪمپنين کي سرڪاري قرضن ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي. انهن سرڪاري قرضن جي مدد سان ريلوي ڪمپنين عام ماڻهن کان اڳ ڪنيل قرضن جا وياج ادا ڪيا، ۽ ٻيو گهربل خرچ پورو ڪيو.

اڄ، خانگي ماڻهن جون لوڊ لاريون سڄي ملڪ ۾ مال آڻين ۽ نين ٿيون، ۽ عام ماڻهو ملڪ جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين بسن ۾ سفر ڪن ٿا. جيڪي پڻ خانگي ماڻهن جون ملڪيتون آهن. اها آمدرفت، هن ڪري ممڪن ٿي سگهي آهي، جو آمريڪا ۾ شاهي رستن جو اعليٰ ترين نظام موجود آهي، ۽ اُهي حڪومت طرفان تعمير ڪيا ويا آهن. عام طور، شهر جي رستن ۽ گهٽين جي تعمير لاءِ وڏا ٿورڙي ننڍا شهر پاڻ ذميدار آهن. رياستي حڪومتون مختلف شهرن جي وچ ۾ شاهي رستا تعمير ڪنديون آهن، ۽ انهن جي خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت طرفان پئسي جي امداد ملندي اٿن. وفاقي حڪومت، انهن اعليٰ قسم جي شاهراهن جو اڄ ذري گهٽ سڄو خرچ پري رهي آهي، جيڪي هن وقت سڄي ملڪ ۾ تعمير ٿي رهيا آهن.

آمريڪا جون سڀ هوائي ڪمپنيون پڻ خانگي ماڻهن جون ملڪيتون آهن، پر اهي پنهنجن هوائي جهازن کي اُنهن هوائي اڏن تي لاهين ٿيون، جيڪي شهري حڪومتن تعمير ڪيا آهن ۽ جن کي اهي ئي حڪومتون سنڀالي ۽ هلائي رهيون آهن. اهي ڪمپنيون، وفاقي حڪومت طرفان مهيا ڪيل، هوائي جهازن کي پرواز دوران خبردار رکندڙ روشنايون ۽ ٻيا اهڙي قسم جا اوزار استعمال ڪن ٿيون، جيڪي هوائي پرواز لاءِ سلامتيءَ جي ضمانت ثابت ٿين ٿا.

موجوده وقت ۾، آمريڪا کي جيڪي مختلف سنگين مسئلا درپيش آهن، تن مان هڪ مقامي نقل و حمل جي ميدان ۾ آهي. نيو يارڪ ۽ لاس اينجلس ۽ اهڙا ٻيا وڏا شهر جيئن جيئن وڌندا وڃن ٿا ۽ اتان جا رستا موٽر گاڏين سان وڌيڪ ڀريا رهن ٿا، تيئن تيئن ماڻهن کي سندن ڪم جي جاين تائين، ۽ وري پوئتي سندن گهرن تائين پهچائڻ جو مسئلو وڌيڪ سنگين صورت اختيار ڪندو رهي ٿو. اهو اڃا ٻه هڪ وڌيڪ وڏي مسئلي، يعني، شهرن جي رٿابنديءَ جي مسئلي - جو هڪ حصو آهي، جنهن جي باري ۾ اسان کي ايندڙ باب ۾ وڌيڪ تفصيل سان بحث ڪرڻو آهي.

(ث) تعليم: آمريڪي تعليم جي نظام تي اسان اڳيئي هڪ نظر وجهي آيا آهيون. تعليم ملڪ لاءِ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اسان کي اسڪولن ۽ يونيورسٽين تي هن ڳالهه لاءِ ڀاڙڻو پوي ٿو ته اهي اسان لاءِ ماهر استاد، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، ڪاروباري مئنيجر ۽ ٻيا ماهر تيار ڪري ٻاهر

ڪڍن، جيڪي جديد زندگيءَ جي پيچيده ڪمن کي ڪاميابيءَ سان سرانجام ڪري سگھن. اسان اسڪولن ۽ يونيورسٽين تي هن لاءِ به ڀاڙيون ٿا، تہ اهي نوجوانن کي موسيقي، ادب، فن، ۽ آزاد ۽ مهذب زندگيءَ جي عظيم عالمي اصولن جي سمجھہ ٻوجھہ ڏين، جن ۾ سڀ انسانذات جي دلچسپي آهي. انهن سببن ڪري، آمريڪا ۾، حڪومت تعليم جي زوردار پنيرائي ڪري ٿي.

جيئن مٿي چئي آيا آهيون، اسڪولن جو انتظام خود واسطيدار شهر جا ماڻهو هلائين ٿا ۽ انهن جو خرچ مقامي محصولن سان گڏ رياستي ۽ وفاقي حڪومتن جي ڪجھہ امداد سان پورو ڪيو وڃي ٿو. آمريڪا جي هر هڪ ٻار کي پبلڪ ٽئڪس جي پئسن تي هلندڙ انهن اسڪولن ۾ پڙهڻ جو موقعو حاصل آهي. آمريڪي ٻارن جي اڪثريت کي، تيسين اسڪولن ۾ ضرور رهڻو پوي ٿو، جيسين اهي اٽڪل سترهن سالن جي ڄمار جا ٿين. جيڪي والدين پنهنجن ٻارن کي خانگي اسڪولن ۾ موڪلڻ چاهين ٿا، تن کي ائين ڪرڻ جي پوري آزادي آهي. اڪثر خانگي اسڪول ديولين طرفان هلايا وڃن ٿا. انهن کان سواءِ، گھڻا هنري اسڪول پڻ آهن، جتي شاگرد کو نہ ڪو هنر سکن ٿا.

جيڪڏهن ڪو شاگرد پنهنجي تعليم ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ جاري رکڻ چاهي ٿو، تہ ڪيس هن ڳالهہ جي چونڊ ڪرڻ جي پوري آزادي آهي تہ هو اهڙي تعليمي اداري ۾ پڙهي، جو سرڪاري خرچ تي هلي ٿو ۽ جتي فين جا نرخ گھٽ آهن، يا خانگي اداري ۾ وڃي، جتي فيون وڌيڪ آهن. سرڪاري ڪاليج، جهڙوڪ: لاس اينجلس اسٽيٽ ڪاليج، ۽ سرڪاري يونيورسٽيون، جهڙوڪ اوهيو اسٽيٽ يونيورسٽي، بهترين قسم جا تعليمي ادارا آهن، ۽ منجهانئن هر سال هزارين گريجوئيٽ تعليم پوري ڪري نڪرن ٿا. اهي صحيح معنائن ۾ ”عوامي يونيورسٽيون“ آهن، جتي زندگيءَ جي هر هڪ طبقي جا ماڻهو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿين ٿا. هارورڊ، ڪولمبيا، ۽ يونيورسٽي آف سدرن ڪئليفورنيا جهڙين خانگي يونيورسٽين کي وڏيون فيون وٺيون پون ٿيون، ڇاڪاڻ تہ کين ڪا بہ سرڪاري امداد نٿي ملي. بهرحال، انهن ۾ ضرورتمندن ۽ خاص لياقتن رکندڙن شاگردن لاءِ ڪيئي اسڪالر شپون موجود آهن.

هن باري ۾ هڪ اهم ڳالهہ، جيڪا ياد رکڻ ضروري آهي، سا هيءَ تہ قوم جي اقتصادي ترقيءَ ۽ آزاديءَ جي برقرار رهڻ جو دارومدار هن ڳالهہ تي

ٿئي ٿو، تہ اُتان جا شهري تعليم ۽ هنر، ٻيئي سکن. ڇاڪاڻ تہ تعليم جي پنيرائي ڪرڻ، نہ فقط آمريڪا پر ٻين سڀني ملڪن ۾ پڻ، حڪومت جو هڪ اهم فرض آهي.

## 2- حڪومت عوامي مفاد جي حفاظت ڪري ٿي

آمريڪا ۾ حڪومت جو ٻيو وڏو ڪم آهي، شهرين جي حفاظت ڪرڻ ۽ ملڪ جي اقتصاد ڪي سڀني جي عام مفاد لاءِ ضابطي ۾ هلائڻ. اهو هڪ اهڙو ڪم آهي، جنهن جي اهميت گذريل چند سالن کان وني، جيئن جيئن اقتصادي نظام وڌيڪ پيچيده ٿيندو رهيو آهي، وڌندي رهي آهي. اڳوڻي وقت ۾، جڏهن زندگي اڄ کان وڌيڪ سادي هئي، انهيءَ ڳالهہ جي ايتريقدر ضرورت ڪا نہ هئي. پر هن دور ۾، اقتصاديات ايتريقدر پيچيده آهي، جو عام مفاد خاطر حڪومت جا قاعدا ۽ قانون ضروري آهن.جن تي سڀني کي هلڻ گهرجي. اسين انهن سڀني قاعدن ۽ قانونن جي سڄي فهرست هتي نٿا ڏئي سگهون، پر انهن مان ڪي ٿورا، مثال لاءِ ڏينداسون.

مڪاني حڪومت جي اختياريءَ وارا شهر حدبندين جي قاعدن، تعميراتي قانونن، ۽ عام صحت جي قاعدن جي تعميل ڪرائين ٿا. شهري حدبندين جا قاعدا ٻڌائين ٿا تہ ڪن خاص علائقن ۾ ڪهڙن قسمن جون عمارتون ڪڙيون ڪري سگهجن ٿيون. اهي اختياريءَ وارا، مثال طور،اهڙي ايراضيءَ ۾ ڪارخانو قائم ڪرڻ نہ ڏيندا، جيڪا گهڻي ڀاڱي ماڻهن جي رهائشي جاين تي مشتمل هوندي. تعميراتي قانون، عمارتن جي اڏاوت ۾ سلامتيءَ جا معيار مقرر ڪن ٿا، تہ جيئن انهن عمارتن ۾ رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو خطري کان محفوظ رهن. عوام جي صحت جا قاعدا، هوٽلن، کاڌي پيتي جي دڪانن، مال جي واڙن، ۽ عوام جون ضرورتون پوريون ڪندڙ ڪن ٻين اهڙن ادارن سان لاڳو ڪيل آهن. انهن ادارن ۾ صفائيءَ ۽ صحت عامہ جي ڪن اصولن ۽ معيارن تي ضروري عمل ڪرڻو آهي. عوام جي مفاد جا اهي سڀ قاعدا ۽ قانون هڪ کان ٻئي علائقي ۾ جدا جدا آهن. آزاد معاشري جو هڪ اهم جز اهو آهي، تہ شهر جا ماڻهو مقامي حالتن پٽاندر پنهنجن معاملن جو انتظام پاڻ ئي هلائي سگهندا هجن.

رياستي حڪومتن جون ذميداريون پڻ اهميت واريون آهن. مثال طور، هر هڪ رياست کي ڪاروباري ڪمپنين جي رجسٽريءَ جا پنهنجا پنهنجا قاعدا

آهن. اهي قاعدا نون ڪاروبارن ۽ ڌنڌن جي تشڪيل متعلق هوندا آهن. جن جو مقصد هيءَ هوندو آهي تہ اها خاطري ڪئي وڃي تہ اهڙن ڌنڌن جي باري ۾ مڪمل انگ اکر موجود هجن. انهيءَ طرح سان عوام ۽ رقم سيڙائيندڙ طبقي جي مفادن جو تحفظ ٿئي ٿو. رياستي حڪومتون بئنڪن ۽ انشورنس ڪمپنين جي پڻ جاچ پڙتال ڪنديون آهن، تہ جيئن اهڙن ڪروڙن ماڻهن جا مفاد محفوظ رهن، جن پنهنجي بچت انهن ادارن ۾ سيڙائي هجي. بجلي، گئس ۽ ٽيليفون سروس جهڙين تمام ضروري شين جون جيڪي قيمتون وصول ڪيون وڃن ٿيون، ۽ جن کي سندن اهميت سبب ماڻهو هر قيمت تي ضرور خريد ڪن ٿا، تن تي رياستن جون خاص مقرر ڪيل ڪميشنون ضابطو رکن ٿيون.

ٻئي طرف، وفاقي حڪومت ڏانهن ڏسجي ٿو تہ اسان کي سندس ذميدارين جي هڪ طويل فهرست نظر اچي ٿي، جي گذريل باب ۾ زير بحث آيل "ائنٽي - ٽرسٽ" قاعدن جي تعميل ڪرائڻ جي ذميداريءَ کان علاوه آهن، جنهن جو مقصد ڪاروبار ۾ اجاره داريءَ جي رجحان کي روڪڻ آهي.

وفاقي حڪومت وٽ، تجارتي طبقي جي غلط اشتهار بازيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪي ضابطا آهن، ۽ اها "فوڊ ائنڊ ڊرگ ائڊمنسٽريشن" قانون ذريعي کاڌي پيتي جي نهيل شين، دوائن ۽ آرائش جي سازو سامان کي صاف ۽ خالص رکڻ لاءِ، ڪن مقرر ٿيل معيارن تي عمل ڪرائي سگهي ٿي.

وفاقي حڪومت جو هڪ ٻيو وڏو اهم ڪم، نقل و حمل ۽ مواصلات جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ وڏين تجارتي ڪمپنين جي ڪمن کي قانون موجب هلائڻ آهي. اهي تجارتي ادارا - هوائي ڪمپنيون، ريلوايون، ٽيليفون ڪمپنيون، تيل پهچائيندڙ پائيپ لائينون، ريڊيو ۽ ٽيليويزن اسٽيشنون وغيره. سڀ خانگي ملڪيتون آهن ۽ سندن ڪم ڪار بہ خانگي ڪمپنيون هلائين ٿيون. پر اهي تجارتي ادارا ڪهڙا ڪم ڪري سگهن ٿا ۽ ڪهڙا نہ، تن تي "سول ايئروناٽڪس بورڊ"، "انٽر اسٽيٽ ڪامرس ڪميشن" ۽ "فيڊرل ڪميونيڪيشن ڪميشن" جهڙين سرڪاري ايجنسين جو هر حالت ۾ سخت ضابطو رهي ٿو.

مثال طور: ريلوايون، "انٽراسٽيٽ ڪامرس ڪميشن" جي پيشگي اجازت وٺڻ کان سواءِ، ڀاڙن جا اگهہ نئيون وڌائي سگهن، ڪنهن شهر ڏانهن گاڏين جي آمدرفت بند نٿيون ڪري سگهن، هڪ ڪمپني ڪنهن ٻيءَ ۾ جذب ٿي نٿي

سگهي ۽ مقرر ڪيل حد کان وڌيڪ حصا عوام کي فروخت ڪري نٿي سگهي. مذڪوره ڪميشن کي ڪنهن بہ تجويز ڪيل ڦير ڦار لاءِ رضامندي ڏيڻ کان اڳ ۾ خاطري ڪرڻي آهي تہ اها تبديلي عوام جي ڀلي لاءِ آهي. آمريڪي ڪاروبار جا اهي اهم سنڌَ، اجا تائين "خانگي ڪاروبار" آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن تي ملڪيت جو حق خانگي ماڻهن وٽ آهي، پر اهي بلڪل ڇڙواڳ بہ ناهن. ڇاڪاڻ تہ انهن کي عام ماڻهن جي مفاد خاطر قانون جي حدن اندر هلايو وڃي ٿو.

اڃو تہ هاڻي ماليات جي اهم شعبي ۾ وفاقي حڪومت جي ڪردار کي جاچي ڏسون. آمريڪي بئنڪون خانگي ملڪيتون آهن، پر سرڪاري خزاني جي ڪاتي ۽ فيڊرل ڊپازٽ انشورنس ڪارپوريشن جهڙين سرڪاري ايجنسين طرفان متن ڪرڙي نظر رکي وڃي ٿي. خانگي شهرين طرفان بئنڪن ۾ امانت رکيل رقمن جو مذڪوره ايف. ڊي. آءِ. سي ويمو ڪري ٿي، جنهن ڪري ڪنهن بہ بئنڪ جي ناڪام ٿيڻ جي حالت ۾ ڪنهن کي بہ نقصان نہ پهچند و. بهرحال، جيئن هڪ اڳئين باب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، هن زماني ۾ بئنڪون شاذ و نادر ناڪام ٿين ٿيون.

وفاقي حڪومت، "فيڊرل هائوسنگ ائڊمنسٽريشن" جي ذريعي ماڻهن کي گهرن خريد ڪرڻ يا اڏڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ، بئنڪن کان قرض ڏيارڻ ۾ آساني پيدا ڪري ٿي. حڪومت اهو ڪم وري بئنڪن جي ويمي ڪرڻ رستي سرانجام ڪري ٿي ۽ انهن کي قرض جي رقمن واپس نہ ٿيڻ جي امڪان کان محفوظ ڪري ٿي. بئنڪون، "فيڊرل هائوسنگ ائڊمنسٽريشن" جي انهيءَ ويمي سان محفوظ ٿي، ماڻهن کي وڌيڪ آسانيءَ سان قرض ڏئي ٿي، ۽ اهڙي طرح وڌيڪ گهر نهي پون ٿا. آخر ۾، وفاقي حڪومت "سڪيورٽيز ائنڊ ايڪسچينج ڪميشن"نالي هڪ ايجنسيءَ جي ذريعي اسٽاڪ مارڪيٽ کي قانون جي حدن اندر هلائي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح، سرمايي سيڙائيندڙن کي اهڙن بي ايمان ماڻهن جي زد کان محفوظ رکي ٿي، جي ٻيءَ طرح هوند انهن کي لڳي وڃن.

وفاقي حڪومت جي انتظامي ۽ حفاظتي سرگرمين جو آخري مثال، مزور - منتظمين تعلقات جو شعبو آهي. وفاقي حڪومت طرفان لشڙن قانونن جهڙوڪ: "وئگنر ائڪٽ" (1935ع)، "ٽافٽ - هارٽلي ائڪٽ" (1947ع). ۽ "لئنڊرم - گرفن ائڪٽ" (1950ع) جي ذريعي، ڪارخانن ۽ ٻين ڪاروبارن

جي مالڪن، مزورن ۽ عام ماڻهن جي مفادن جو تحفظ ڪيو ويو آهي. انهن قانونن جي باوجود، مزور ۽ مالڪ اجرتن ۽ ڪم جي حالتن متعلق هڪ ٻئي سان آزادانہ طور سوديبازي ڪرڻ لاءِ اجا بہ آزاد آهن.

مثال طور: ڪارخاني جي مالڪ لاءِ مزورن جي ڪنهن بہ يونين جي انتظام ۾ يا ڪم ڪار ۾ مداخلت ڪرڻ بيقاعدي نهرائي وئي آهي. "نيشنل ليبر رليشنس بورڊ" نالي هڪ سرڪاري ايجنسي، هيءَ ڳالهہ معلوم ڪرڻ لاءِ تہ پورهيت ڪنهن يونين ۾ شامل ٿيڻ چاهين ٿا يا نہ، ۽ جيڪڏهن شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهن تہ ڪهڙيءَ يونين ۾، ڪارخاني ۾، خفيہ ووٽ ذريعي آزادانہ چونڊون ڪرائيندي آهي. بعد ۾، مالڪن کي انهيءَ يونين سان معاملي بازي ڪرڻي پوندي آهي. اهو سڄو ڪم يونين جي حفاظت لاءِ ڪيو ويندو آهي.

جيڪي مزور يونينن سان وابستہ هوندا آهن، سي يونين جي خرچ هلائڻ لاءِ ٿورا پئسا ڀريندا آهن، جن کي واجبات چيو ويندو آهي يونين جي ليڊرن کان قانون هيءَ تقاضا ڪري ٿو تہ هو يونين جي ميمبرن کي اهو ٻڌائين تہ ڪين جيڪي پئسا وٺائن ملن ٿا، سي ڪهڙيءَ طرح خرچ ڪيا وڃن ٿا. سزا يافتہ ڏوهاري يونين جا ليڊر نٿا ٿي سگهن. اهو حفاظتي قدم مزورن ۽ مالڪن، ٻنهي جي مفادن جي حفاظت لاءِ کنيو ويو آهي. ڪنهن بہ اهم صنعت (جهڙوڪ فولاد جي ڪارخانن، يا ريلواين) ۾ هڙتال ٿيڻ جي صورت ۾ وفاقي حڪومت وچ ۾ پوي ٿي ۽ ذرين ۾ ناهہ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. حڪومت کي اهو قدم عوام جي بچاءَ لاءِ ئي کڻڻو پوي ٿو.

حڪومت، ضابطي رکندڙ ۽ حفاظت ڪندڙ، ٻنهي حيثيتن ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪري ٿي، تنهن تي هيءَ بحث ختم ڪندي، هن ڳالهہ ڏانهن توجهہ ڇڪائڻ ضروري ٿو ڀانئجي تہ هنن ڳالهين ۾ هميشہ اختلاف ۽ اڻپورائيءَ جو امڪان آهي. حڪومت جا اهي ضابطا هر هڪ ماڻهو قبول نہ ڪندو. اڪثر حالتن ۾ ڪن کي وڌيڪ ضابطا ضروري نظر ايندا ۽ ڪن کي گهٽ. عام طرح، جن تي ضابطو ٻيل هوندو آهي، سي ان ۾ ڍلائي پسند ڪندا آهن.

هڪ ڳالهہ جنهن تي سڀ متفق ٿي سگهن ٿا، سا هيءَ آهي تہ جيڪڏهن آزاديءَ کي برقرار رکڻو آهي، تہ اهي ضابطا ڪانگريس، رياستي قانون ساز اسيمبلين ۽ شهري ڪائونسلن ۾ جمهوري طريقي سان بحث مباحثي ڪرڻ ۽

عام راءِ ونڻ کان پوءِ نافذ ڪرڻ گهرجن. سرڪاري ايجنسين جي فيصلن خلاف عدالتن ۾ اپيل داخل ڪرڻ لاءِ پڻ رستو کليل هئڻ گهرجي.

## 3- حڪومت عام شهرين جي ڀهبوديءَ ۽ حفاظت جو انتظام ڪري ٿي

آمريڪا ۾ حڪومت جو ٽيون وڏو ڪم، عوام لاءِ حفاظت ۽ ڀهبوديءَ جو انتظام ڪرڻ آهي. آمريڪين جو روايتي طور، اهو ئي خيال رهيو آهي ته اها ذميداري خود شهر واسيءَ جي آهي ته هو پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين جي سنڀال ڪري. هاڻي به سندن اعتقاد اهو ئي آهي. پر تجربي مان ڪين اهو معلوم ٿيو آهي، ته ڪي اهڙا به معاملا آهن، جن کي ماڻهو پنهنجي ليکي حل نٿو ڪري سگهي. اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ شهر واسين پنهنجو پاڻ توڙي حڪومت جي مدد سان ڪي اجتماعي پروگرام ناهيا آهن. انهن پروگرامن تي ايندڙ باب ۾ وڌيڪ تفصيل سان روشني وڌي ويندي.هت فقط ايترو ذڪر ڪنداسين ته آمريڪا جي پنجاهه رياستن مان هر هڪ وٽ اهڙن ماڻهن کي سهولتن مهيا ڪري ڏيڻ جو پورو انتظام موجود آهي، جيڪي پنهنجي ڪنهن به خاص ڪوتاهيءَ يا ڏوهه کان سواءِ بيروزگاريءَ ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. اهڙي انتظام کي "بيروزگاريءَ جي معاوضي جو انتظام" سڏيو وڃي ٿو. هر هڪ رياست ۾ پورهيتن جي معاوضي جو پنهنجو پنهنجو قانون موجود آهي. ان مطابق، اهڙن ماڻهن کي معاوضو ڏنو وڃي ٿو، جيڪي ڪم ڪندي، ڌڪ ڦٽ لڳڻ ڪري، پورهئي ڪرڻ جي لائق نٿا رهن. هر هڪ رياست، اهڙن حاجتمندن کي پڻ پئسا ڏئي ٿي، جن ۾ بيوه عورتون، يتيم ٻار، اکين کان معذور، ٻي آسري پيرسن ماڻهو وغيره شامل آهن. خود وفاقي حڪومت پيرسنيءَ جي پينشن جو هڪ نظام پڻ هلائي ٿي، جو "سماجي ضمانت" جي نالي سان عام طرح مشهور آهي.

حڪومت طرفان، شهرين جي اقتصادي تحفظ جو ڪيتريقدر انتظام ڪرڻ گهرجي، سو آمريڪا ۾ هن وقت هڪ اختلافي مسئلو آهي. عام طور، انهيءَ سلسلي ۾ برطانيا، ڪئنادا ۽ سئيڊن جهڙن ڪيترن ٻين ملڪن ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، تنهن کان آمريڪا ۾ گهڻو گهٽ ڪيو پيو وڃي. برطانيا ۾، مثال طور، قومي صحت جي ضمانت جو نظام قائم آهي، جنهن موجب هرهڪ شهري

بنان ڪنهن پئسي پائي خرچ ڪرڻ جي، بنيادي طبي امداد حاصل ڪري سگهي ٿو. ان جو خرچ پبلڪ ٽيڪسن مان پورو ڪيو وڃي ٿو.

آمريڪا ۾ وري، حڪومت عام ماڻهن جي اقتصادي بهبودي ۽ حفاظت بين طريقن سان سرانجام ڪري ٿي. مثال طور: هتي هڪ اهڙو قانون آهي، جيڪو چوي ٿو ته ڪارخاني جو مالڪ مزور کي سندس هڪ ڪلاڪ جي پورهئي لاءِ، هڪ مقرر ڪيل رقم کان گهٽ اُجرت نٿو ڏئي سگهي. حڪومت طرفان اجرت جي اها گهٽ ۾ گهٽ شرح، انهيءَ اُجرت جي بنياد تي مقرر ڪئي وئي آهي، جيڪا واجبي ۽ انصاف واري اُجرت سمجهي وڃي ٿي.اهو قانون، "گهٽ ۾ گهٽ اُجرت وارو قانون" سڏجي ٿو. ڪارخانن ۾ پورهئي جي ڪلاڪن جو تعين ڪرڻ، عورتن ۽ صغير پورهيتن سان ناروا سلوڪ کي روڪڻ ۽ پورهئي جي سهولتن لاءِ معيار مقرر ڪرڻ لاءِ پڻ قانون موجود آهن. وفاقي، رياستي خواهہ مڪاني حڪومتن وٽ، جهوپڙين وارن پاڙن کي ڊهرائي ۽ صاف ڪرائي، اتي عوامي رهائشگاهن تيار ڪرائڻ جي رٿائن جا مسئلا پڻ موجود آهن. آخر ۾، وفاقي حڪومت هن طرح جي خاطري ڏيڻ سان، ته زرعي پيداوار جون قيمتون هڪ مقرر ڪيل حد کان هيٺ نہ ڪرنديون. آبادگارن کي سندن گهٽ ۾ گهٽ آمدنيءَ جي ضمانت پڻ مهيا ڪري ڏئي ٿي.

## 4- حڪومت، اقتصاد جي استحڪام ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري ٿي

وفاقي حڪومت جي وڏين ذميدارين مان هڪ هيءَ آهي ته اها اقتصادي ترقيءَ ۽ مڪمل طور روزگار مهيا ڪرڻ ۽ افراط زر تي ضابطي رکڻ لاءِ هميشہ ڪوشش ۾ رڌل رهندي. اڄ کان هڪ سؤ سال اڳي، مارڪس لکيو هو تہ سرمائيدار ملڪن ۾ هميشہ سرد بازاري رهندي ۽ اها جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خراب صورت اختيارڪندي رهندي. پر جيئن ڪيترين ٻين ڳالهين ۾ ثابت ٿيو آهي، تيئن هن ڳالهہ ۾ پڻ مارڪس کي ان زماني ۾اهو معلوم نہ پئي ٿي سگهيو تہ اهڙيءَ صورتحال کي درست ڪرڻ لاءِ ايندڙ زماني ۾ آزاد ماڻهو ڇا ڪندا.

سن 1930ع واري وڏي سرد بازاريءَ جمهوري ملڪن جي باشندن جي سوچ ويچار ۾ تبديلي آندي، انهن هيءَ ڳالهہ محسوس ڪرڻ شروع ڪئي تہ اهڙي صورتحال جي دوباره پيدا ٿيڻ کي روڪڻ، هر ڪنهن کي روزگار سان لڳائي رکڻ جي خاطري ڪرڻ، ۽ خوشحالي ۽ آسودگيءَ کي برقرار رکڻ جي اطمينان

ڪرڻ لاءِ، لازمي طور حڪومت ئي ڪنهن حد تائين ذميدار آهي. اڄ، دنيا جي سڀني جمهوري حڪومتن اها پنهنجي ذميداري مڪمل طور تسليم ڪئي آهي.

آمريڪا ۾، حڪومت اها ذميداري تڏهن کنئين، جڏهن ڪانگريس سن 1946ع ۾، "ايمپلائيمينٽ ائڪٽ" منظور ڪيو. انهيءَ قانون موجب، اقتصادي مشيرن جي هڪ ڪائونسل قائم ڪئي وئي، جنهن جو ڪم اهو آهي ته اها ملڪ جي صدر کي هن ڳالهه متعلق باخبر رکي ته ملڪ جي اقتصاديات ۾ ڇا پيو وهي واپري، ۽ ڪيس سفارش ڪري ته ماڻهن کي پوريءَ طرح روزگار سان لڳائي رکڻ، سرد بازاريءَ کي روڪڻ ۽ اقتصادي ترقيءَ جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ سلسلي ۾ جيڪي خاص مسئلا پيدا ٿين ٿا، تن تي اسين ٻئي باب ۾ بحث ڪنداسين. هت فقط ايترو چونداسين ته 1930ع کان پوءِ آمريڪا ۾ ڪا به وڏي پيماني تي سرد بازاري وري رونما ڪا نه ٿي آهي ۽ نه وري اهڙي نوعيت جي سرد بازاري اچڻ جي هاڻي ڪنهن کي توقع آهي. ٻيءَ مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ، آمريڪا کي اقتصادي گرم بازاريءَ ۾ "پوئتي پوڻ" جو ڪيئي ڀيرا تجربو ٿيو آهي. ڪيترن موقعن تي اقتصادي واڌاري جو سلسلو رُڪجي ويو آهي. يعني پيداوار ڪجهه قدر سُست ٿي وئي آهي ۽ بيروزگاري وڌي ويئي آهي. پر اهي رنڊڪون ننڍيون ۽ مختصر ميعاد واريون ٿيون آهن، ۽ حڪومت جو اهو مقصد آهي ته اهي اڃا به وڌيڪ ننڍيون ۽ وڌيڪ قليل الميعاد ٿين.

اقتصادي ترقيءَ جي مسئلي سان، هن دور ۾، حڪومت جو گهڻو واسطو رهي ٿو. حڪومت کي اهو احساس آهي ته هڪ آزاد معاشري ۾، ترقيءَ جون سڀ شاخون هڪ ئي جڙ مان ڦٽي نڪرن ٿيون، يعني هن جڙ مان، ته انهيءَ معاشري جا ماڻهو ڇا ڪن ٿا. پر ساڳئي وقت کيس اهو به احساس آهي ته ماڻهن سان گڏ، خود کيس يعني حڪومت کي به گهڻو ئي ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو. انهيءَ مسئلي کي وڌيڪ تفصيل سان ايندڙ باب ۾ زير بحث آڻينداسون.

آمريڪا ۾ عام طور هيءُ اعتقاد آهي ته حڪومت کي صحيح نوعيت جي عام اقتصادي پاليسين تي هلڻ گهرجي ۽ نجي ڪاروبار جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ، سندس وس آهر، سڀ ڪجهه ڪرڻ کپي. پوءِ، انهن ڳالهين تي سڌيءَ طرح حڪومت طرفان ضابطن مسلط ڪرڻ کان سواءِ، ته خرچ ڪندڙ خانگي ماڻهو ۽

نجي ڪاروباري ادارا چا چا ڪري رهيا آهن. هڪ ملڪ ۽ قوم جو اقتصادي استحڪام ۽ واڌارو حاصل ٿيڻ ممڪن ٿي پوندو.

## 5- حڪومت مال ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪري ٿي

آمريڪا ۾، جيتوڻيڪ اڪثر تجارتي مال نجي تجارت طرفان تيار ڪيو ۽ وڪيو وڃي ٿو، ان جي باوجود حڪومت ڪيترن ئي اهم شعبن ۾ سرگرم عمل رهي ٿي. وفاقي حڪومت، مثال طور: وڏي پيماني تي ويمي جي ڪاروبار ۾ مصروف آهي. انهيءَ باري ۾، فيڊرل ڊپازٽ انشورنس ڪارپوريشن طرفان بئنڪن ۾ رکيل امانتن، ۽ فيڊرل هائوسنگ ائڊمنسٽريشن طرفان گهرن جي جاين تعمير ڪندڙن کي ڏنل قرضن جي ويمي جو اڳيئي ذڪر ٿي چڪو آهي. انهن کان سواءِ، فصلن کي ٻوڏن ڪري نقصان پهچڻ جي صورت ۾، آبادگارن لاءِ فصلن جي ويمي ڪرائڻ جون سهولتون به موجود آهن. ڪروڙين ماڻهن، ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي دوران ۾، جڏهن اهي هٿياربند فوجن ۾ شريڪ هئا، وفاقي حڪومت کان پنهنجن زندگين جي ويمي جون پاليسيون خريد ڪيون هيون، جي اڃا تائين وٽن موجود آهن.

وفاقي حڪومت بجليءَ جي ڪن رٿائن کي پڻ هلائي رهي آهي، جهڙوڪ، مشهور و معروف "ٽينيسي وئلي اٿارٽي" واري رٿا حڪومت، "بيورو آف ريڪلئميشن"، ۽ "ڪور آف انجنيئرس" جي وسيلي وڏا بند، آبپاشيءَ لاءِ تلاءَ، ۽ سيلابن تي قابو پائڻ جا بند تعمير ڪري ٿي. ان کان علاوه، وفاقي حڪومت قومي پارڪن، ٽپال کاتي، پاناما واهه ۽ الاسڪا ريلواين جو انتظام پاڻ هلائي رهي آهي.

وفاقي حڪومت بئنڪاريءَ ۾ پڻ شريڪ آهي. "درآمد - برآمد بئنڪ" گهٽ ترقي ڪيل ملڪن کي قرض ڏئي ٿي. ملڪ جي دور دراز حصن ۾ بجلي پهچائڻ لاءِ، شهرين طرفان قائم ڪيل سهڪاري ادارن کي، "رورل اليڪٽريفڪيشن ائڊمنسٽريشن" طرفان گهٽ وياج تي قرض ڏنا وڃن ٿا. سمال بزنيس ائڊمنسٽريشن" جو کاتو ننڍن ڪاروبارن لاءِ قرض ڏئي ٿو.

رياستي ۽ مڪاني حڪومتون پڻ، پنهنجن شهرين کي ڪيئي سهوليتون مهيا ڪن ٿيون. انهن ۾ سرڪاري پارڪ، يونيورسٽيون، عوامي ڪتبخانا، شهري انتظاميا جي بس ۽ ٽرام سروس، ڪن علائقن ۾ بجلي، شهري هوائي

اڏا ۽ گهاٽ شامل آهن. رياستن جون حڪومتون وڏيڪ هن سلسلي ۾ ڇا ڪن ٿيون، تنهن جو هڪ ٻيو مثال، ”نيو يارڪ بندرگاهه جي انتظاميا“ آهي. اها انتظاميه هڪ عوامي ڪارپوريشن آهي، جا نيويارڪ ۽ نيو جرسي ناليءَ ٻن رياستن طرفان قائم ڪيل آهي. اها انتظاميا نيو يارڪ شهر جي ايراضيءَ ۾، بندرگاهه جي ڍڪن، هوائي اڏن، ۽ بس اسٽيشن ڪان علاوه، انهن ٻيٽن ڏانهن جن تي نيو يارڪ شهر اڏيل آهي، ويندڙ پلين ۽ زير زمين رستن جو پڻ انتظام هلائي ٿي.

## 6- پرڏيهي تعلقات ۾ حڪومت جو ڪردار

آخر ۾، اسا ڪي وفاقي حڪومت جو اهو وڏو ڪردار نه وسارڻ گهرجي، جيڪو آمريڪا سان ٻين ملڪن جي تعلقات جي سلسلي ۾ ادا ڪري ٿي. البت، حڪومت جي سڀ کان وڏي ذميداري، ڪنهن به امڪاني غير ملڪي حملي ڪان، آمريڪا جو بچاءُ ڪرڻ آهي. هيءَ هڪ افسوس ڪرڻ جهڙي حقيقت آهي ته وفاقي حڪومت کي، ٻئي ڪنهن به هڪ ڪم تي خرچ ٿيندڙ پئسن ڪان وڏيڪ رقم قومي دفاع تي خرچ ڪرڻي پوي ٿي. اها صورتحال، آمريڪي عوام کي ناپسند آهي.

سن 1945ع ۾، ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي وقت، جڏهن آمريڪا وٽ سڄيءَ دنيا ڪان وڏيڪ طاقتور هٿياربند فوجون هيون، تڏهن ان هن خيال ڪان پنهنجي ذري گهٽ سڄيءَ فوج کي ٻي هٿيار ڪري ڇڏيو، ته دنيا جي ٻين سيني ماڻهن کي پڻ امن جي اوڏي ئي ضرورت آهي، جيڏي آمريڪين کي. اهو ته فقط برلن جي ناڪ بنديءَ ۽ ڏکڻ ڪوريا جي واقعي ڪان پوءِ ائين ٿيو، جو آمريڪا وري پهنجي هٿياربند فوجن کي گڏ ڪرڻ ۽ ناهڻ شروع ڪيو. سڀيئي آمريڪي ماڻهو ائين چاهين ٿا ته اهو پئسو هٿيارن بدران، جيڪر امن پسندانه شين تي خرچ ڪرڻ ممڪن ٿئي، اهي پنهنجي آزاديءَ جي تحفظ ڪرڻ جو پڪو عزم رکن ٿا، خواهه ڪين ان جي کهڙي به قيمت ادا ڪرڻي پوي.

وفاقي حڪومت جي هڪ ٻي وڏي سرگرمي، گهٽ ترقي يافته ملڪن جي اقتصاديات کي ترقي وٺائڻ ۾ هٿي ڏيڻ لاءِ، کين اقتصادي ۽ ٽيڪنيڪي امداد ڏيڻ آهي.

# حڪومت جي اقتصادي ڪردار ۾ چو واڌارو ٿيو آهي؟

جيئن متي ڏيکاريو ويو آهي، حڪومت آمريڪي اقتصاد ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي - ايتريقدر اهر، جو ان کي خالص سرمائيداري اقتصادي نظام چوڻ بدران ”گڏيل اقتصاديات“ چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو. ان باري ۾ هڪ دلچسپ سوال هيءُ آهي تہ هڪ اهڙي ملڪ ۾، جنهن جو خانگي ڪاروبار ۾ ايڏو پختو اعتقاد آهي، ائين ڇو ٿيو آهي. انهيءَ لاءِ ڪي بنيادي سبب آهن، جن جون پاڙون آمريڪي تاريخ ۾ پري پري تائين ڦهليل آهن.

ان جو هڪ سبب هيءُ آهي تہ اڄ جي اقتصاديات گهڻي قدر وڌيڪ پيچيده ٿي چڪي آهي، جنهن ڪري ان کي اڳي کان وڌيڪ رهنمائيءَ جي ضرورت آهي. سن 1789ع ۾، جڏهن آمريڪي قوم وجود ۾ آئي، تڏهن يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ فقط ٽيهہ لک ماڻهو هئا، جيڪي سڀ مشرقي ساحل تي آباد هئا ۽ زراعت ۾ مشغول هئا. ان وقت جي اقتصاديات بلڪل سادي هئي، جنهن کي رهنمائيءَ جي ڪا ضرورت ڪا نہ هئي، پر اڄ آمريڪا ۾ اٺ ڪروڙ سٺ لک ماڻهو آباد آهن، جي سڄي برصغير ۾ ڦهليل آهن، پر انهن جو وڏو تعداد وڏن ۽ ننڍن شهرن ۾ رهي ٿو. انهن جو اقتصادي نظام پيچيده آهي، ۽ جيڪڏهن معاملات کي نيڪ نموني ۾ هلائڻو آهي ۽ ماڻهن جي بهبود ۽ ڀلائيءَ جو تحفظ ڪرڻو آهي، تہ پوءِ ان کي وڌيڪ رهنمائي جي ضرورت آهي.

هڪ ٻيو سبب هيءُ آهي تہ گهڻن سالن گذرڻ سان گڏ، ماڻهن جي بهبوديءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪيئي خطرا پيدا ٿي پيا آهن، ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت ئي هڪ ظاهر ذريعو نظر آيو آهي. هڪ هنيءَ جو خطرو، جيڪو سن 1880ع ۽ 1890ع وارن سالن جي زماني ۾ وڏن ڪاروبارن جي دستورن ۽ طريقن جو نتيجو هو، انهن خطرن مان هڪ هو. ٻيو اهڙو خطرو، 1940ع ۾ پيدا ٿيو، جڏهن ائين ڏسڻ ۾ آيو تہ مزورن جون جماعتون حد کان وڌيڪ طاقتور ٿي رهيون آهن. اجا بہ ٿيون، سن 1930ع واري وڏي سرد بازاريءَ جي صورت ۾ هو، جڏهن ڪيئي اقتصادي مسئلا انفرادي طور حل ڪرڻ ماڻهن جي طاقت کان ٻاهر نظر اچڻ لڳا.

ٿامس جيفرسن جڏهن سن 1776ع ۾ ”آزاديءَ جو پڌرنامو“ لکيو، ۽ جڏهن 1789ع م، آمريڪا جو آئين رائج ڪيو ويو، تڏهن ماڻهن کي طاقتور حڪومت ئي سندن آزاديءَ لاءِ هڪ وڏو امڪاني خطرو ڏسڻ ۾ آئي. حڪومت جي هر هڪ معاملي ۾ حد کان زياده دخل اندازيءَ خلاف، آمريڪي ماڻهن جي دلين ۾ جيڪو شبهو موجود آهي، تنهن جي اصلوڪن سببن منجهان، اهو هڪ مکيه سبب آهي. پر پوءِ، نئين صورتحال ۾ حڪومت ئي هڪ اهڙو ذريعو نظر آيو، جو آزاديءَ لاءِ اهڙن غير سرڪاري خطرن کي منهن ڏيڻ لائق هو، جن جو اسان متي ذڪر ڪري آيا آهيون. اهو ئي سبب آهي، جو ”انٽر اسٽيٽ ڪامرس ائڪٽ“ (1887ع)، ”شرمئن ائنٽي ٽرسٽ ائڪٽ“ (1890ع)، ”فيڊرل ٽريڊ ڪميشن ائڪٽ“ (1913ع) ۽ ”ٽافٽ - هارٽلي ائڪٽ“ (1947ع) جهڙا قانون پاس ڪيا ويا. انهن سيني قانونن حڪومت کي اقتصادي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڌيڪ اختيارات ڏنا. اهو ئي سبب آهي، جو 1930ع واري ڏهاڪو سالن ۾ صدر فرئنڪلن - ڊي - روزويلٽ جي ”نئين سودي“ (New Deal) واريءَ پاليسيءَ جي دوران ۾، وفاقي حڪومت ڪيئي مزيد ذميداريون پنهنجي مٿان هموار ڪيون.

## حڪومت پنهنجن سرگرمين لاءِ پئسو ڪٿا آڻي ٿي؟


اچو تہ هاڻي انهن طريقن کي ڏسون، جن سان حڪومت انهن سيني سرگرمين تي خرچ ڪرڻ لاءِ پئسو پيدا ڪري ٿي، جن جو اسان متي ذڪر ڪري آيا آهيون. اڪثر رقم، ٽئڪسن مان ئي حاصل ٿئي ٿي. (اهڙين حالتن ۾، جڏهن حڪومت ماڻهن کي ٽپال آفيس، يا شهري انتظاميہ جي خريد ڪيل بس لائين، يا بجلي طاقت مهيا ڪندڙ ڪمپنيءَ جهڙيون سهولتون موجود ڪري ڏئي ٿي، تڏهن انهن شين جي استعمال ڪندڙن کان پئسا ورتا وڃن ٿا). جيئن تہ آمريڪا ۾ حڪومت جا ٽي طبقا آهن، ان ڪري، ٽئڪسون بہ ٽن سطحن تي وڌيون وڃن ٿيون.

وفاقي حڪومت پنهنجي پئسي جو وڏو حصو، ماڻهن جي آمدنين ۽ ڪاروبارن جي منافعن تي وڌل انڪم ٽئڪس مان حاصل ڪري ٿي. اهي ٽئڪسون خاصيون وڏيون آهن. اڪثر تجارتي فائدن تي، ٽئڪس جي بنيادي شرح ٻاونجاهہ سيڪڙو آهي. ان جي معنيٰ اها ٿي تہ ڪاروبارن جي منافعي مان اڌ کان وڌيڪ حصو، ڪاروبار جي مالڪن جي هٿ اچڻ کان اڳ ئي، حڪومت

ڪٽي وجي ٿي. هڪ سؤ سال اڳي جڏهن مارڪس وڏين ڪارپوريشنن جي ”اڻاهه فائدن“ جي متعلق لکيو هو، تڏهن ڪيس اهو معلوم ئي نه هو ته ڪو اهڙو ڏينهن به ايندو، جڏهن ڪاروبار جي نفعي جو اڌ کان به وڌيڪ حصو حڪومت ڪٽي ويندي ۽ اهو سڄي ملڪ جي ڀلي لاءِ خرچ ڪيو ويندو.

انفرادي آمدنيءَ تي وفاقي انڪم ٽئڪس، ذري گهٽ هرهڪ ماڻهوءَ ڪي ڏيڻي پوي ٿي. پر جيئن جيئن ماڻهو وڌيڪ پئسو ڪمائي ٿو، تيئن تيئن وڌيڪ ٽئڪس ڀري ٿو.انڪم ٽئڪس جو گهٽ ۾ گهٽ نرخ، ماڻهوءَ جي ڪل آمدنيءَ مان سندس ٻارن جي تعداد، خيراتي ڪمن ۾ ڏنل رقم، علاج جي خرچ ۽ ٻين اهڙين ڳالهين کي خيال ۾ آڻڻ کان پوءِ، ويهه فيصد آهي، پر وڏي ۾ وڏو نرخ، جيڪو تمام وڏن دولتمند ماڻهن کي ڀرڻو آهي، سو ايڪانوي سيڪڙو آهي. ٽئڪس جو نرخ ويهه سيڪڙي کان وڌندو، وڌندڙ آمدنيءَ جي حساب سان درجي بدرجي وڌندي، وڃي ايڪانوي سيڪڙي تي پهچي ٿو. اهڙيءَ طرح، ايڪانوي سيڪڙو ٽئڪس ڪن ٿورن ماڻهن کي ڀرڻي پوي ٿي. جن جي آمدني ٻه لک ڊالر ساليانه آهي، ۽ پوءِ به فقط انهيءَ رقم تي ايتري ٽئڪس ڀري وڃي ٿي، جيڪا ٻه لک ڊالرن کان مٿي ٿئي ٿي، ۽ نه سڄيءَ آمدنيءَ تي.

Where the Tax Doller Goes





(ٽيڪس جو ڊالر ڪيڏانهن وڃي ٿو)

ٽيڪس جي انهن وڏن نرخن، ۽ انهن ٽيڪسن جي ڪري، جيڪي ماڻهوءَ جي مرڻ تي سندس پنيان ڇڏيل ملڪيت تي وڌيون وجن ٿيون، شاهوڪار ماڻهو، غريبن جي قربانين تي، وڏيڪ شاهوڪار نٿا ٿين: گهڻا سال اڳي مارڪس هن صورتحال جي اُبتڙ پيشگوئي ڪئي هئي. ساڳئي وقت عام ماڻهو حڪومت جي سرگرمين کان مستفيض ٿين ٿا،جيڪي انهن ٽيڪسن ڪري ممڪن ٿين ٿيون.

ڇاڪاڻ تہ آمريڪي باشندا ايتريقدر ڳريون وفاقي ٽيڪسون ڀرين ٿا، ان ڪري اهي ڪنهن بہ نئين سرڪاري رٿا جي منظوري ڏيڻ کان اڳ ۾، جنهن تي سندن

Where the Tax Doller Comes From




(ٽيڪس وارو ڊالر ڪٿان ٿو اچي)

پئسو خرچ ٿيڻو هوندو آهي، هميشہ هيءَ خاطري ڪرڻ چاهيندا آهن تہ اها رٿا لازمي ۽ ضروري آهي. اهو ئي سبب آهي، تہ جڏهن بہ صدر، مثال طور، گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جي امداد لاءِ ڪا نئين رٿا پيش ڪندو آهي (جهڙو لاطيني امريڪا ۾، "ترقي لاءِ اتحاد" واري رٿا)، تڏهن ماڻهو ان جي منظوري ڏيڻ کان اڳ ۾، رٿا تي احتياط سان بحث مباحثو ڪرڻ چاهيندا آهن. اهڙن پروگرامن لاءِ پئسو سچ پچ حڪومت وان نہ، پر آمريڪا جي عام شهرين جي کيسن مان اچي ٿو، جيڪي ٽيڪسون ڀرين ٿا. ماڻهو اهڙن پروگرامن لاءِ ٽيڪسن جي صورت ۾

جيڪو پئسو پرين تا. تنهن جو مطلب اهو بہ تي سگهي ٿو تہ ڪين نئين گهر ناهڻ يا سندن ٻارن کي ڪاليج موڪلڻ لاءِ شايد ٿورو پئسو ميسر ٿي سگهي.

سن 1776ع وارو آمريڪي انقلاب، ڪنهن حد تائين برطانوي حڪومت جي ناجائز ٽيڪس وجهڻ ۽ وصول ڪرڻ وارين پاليسين جو نتيجو هو. "نمائندگيءَ بغير ڪا بہ ٽيڪس نہ ڏني ويندي". آمريڪي انقلابين جو جنگي نعرو هو. اڄ، ٽيڪسن کي بدلڻ لاءِ بل اڳ ۾ ايوان نمائندگان ۾ آڻيو پوي ٿو، ۽ منظور ڪرڻ کان پهريائين ان تي خبرداريءَ سان بحث ٿئي ٿو. ۽ سڀ کان آخر ۾ اهو وڏيڪ غور لاءِ سينيٽ ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. 1913ع ۾ انڪم ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کان اڳ ۾، آمريڪي آئين ۾ ترميم ڪرڻي پيئي. آزاد معاشري جو هڪ اهم حصو هيءُ آهي تہ ماڻهن کي، جيڪي ٽيڪسون ڀرين تا، سندن نمائندن جي وسيلي هن فيصلي ڪرڻ جو حق هئڻ گهرجي تہ ڪهڙن قسمن جون ٽيڪسون وڌيون وڃن ۽ اهي ڪيتريون گهٽ يا وڌ هجن.

رياستي ٽيڪسن جي ڍانچي متعلق ڪنهن بہ قسم جو ڪُليو بنائڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ آمريڪا ۾ پنجاهہ رياستون آهن. ڪن رياستن ۾ رياستي انڪم ٽيڪس آهي، جيتوڻيڪ ان جو نرخ وفاقي حڪومت جي مڙهيل نرخن کان گهٽ آهي. رياستن جي آمدنيءَ جو سڀ کان وڏيڪ اهم ذريعو، مال جي کپت تي وڌل ٽيڪس آهي. سڀ رياستون سگريٽن، الـڪـوحل مليل مشروبات ۽ پيٽرول تي ٽيڪسون وجهن ٿيون. وفاقي حڪومت پڻ انهن شين تي ٽئڪس وجهي ٿي، جنهن ڪري انهن تي پيل ڪل ٽيڪسون چڱيون ڳريون آهن. مثال طور: ڪئليفورنيا رياست ۾، قيمت جو ٽيون حصو، جيڪو خريدار پيٽرول جي هڪ گئلن لاءِ ڏئي ٿو، وفاقي ۽ رياستي ٽيڪسن جو ٿئي ٿو.

رياستي ٽيڪسن مان هڪ عام ٽيڪس، "عام وڪري جي ٽيڪس" آهي، جيڪا عام طرح خريدار پاران ڪنهن بہ شيءِ جي ڏنل قيمت جي ٽن کان چار فيصدي هوندي آهي. گهڻين رياستن ۾، کاڌي جو جيڪو سامان سيڌي جي اسٽورن تان خريد ڪيو ويندو آهي، انهن تي ٽيڪس نہ وڌي ويندي آهي. تہ جيئن وڏيڪ غريب ماڻهن تي ٽيڪس جو بار گهٽ پوي، جيڪي پنهنجي آمدنيءَ جو چڱو موچارو حصو خوراڪ تي خرچ ڪن تا.

سڀ کان پوءِ مڪاني محصول آهن، جيڪي وڏن شهرن، قصبن ۽ ڪائونٽيز (ضلعي جي انتظاميا) طرفان وصول ڪيا وڃن تا. جن مان ماڻهن

جون مقامي ضرورتون، جهڙوڪ: اسڪول، پوليس، باهه وسائڻ جو بندوبست، گهٽين ۾ روشنيءَ ۽ ٻين اهڙن ڪمن جو خرچ پورو ڪيو ويجي ٿو. هتي، سڀ کان وڏيڪ اهم ٽيڪس، جائدادن جي ٽيڪس آهي، جا اهڙا ماڻهو ڀريندا آهن، جيڪي گهرن، دڪانن، ڪارخانن، زمين ۽ زرعي فارمن جا مالڪ آهن.

جيئن جيئن ملڪ جي اقتصاديات ڦرندي ۽ وڌندي آئي آهي، تيئن تيئن آمريڪي ٽيڪس جو نظام به، سالن جي گذرڻ سان ڦرندو رهيو آهي. اوائل ۾، جڏهن آمريڪا اجا گهٽ ترقي يافته هئو، حڪومت لاءِ گهربل پئسي جو گهڻو حصو، ٻاهرين ملڪن کان ايندڙ مال ۽ جائدادن تي وڌل ٽيڪسن مان ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ اڪثر دولت انهن ماڻهن وٽ هوندي هئي، جيڪي زمين جا مالڪ هوندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو جائداد ٽيڪس ايتريقدر اهميت واري هئي. پر اڄ، ملڪ جي دولت عام ماڻهن جي هٿن ۾ آهي. اهڙيءَ طرح، نئين صورتحال کي مُنهن ڏيڻ لاءِ، سڄي ٽيڪس جي نظام کي تبديل ڪرڻو پيو.

ٽيڪسن جي شعبي ۾ آمريڪي ماڻهن کي اجا به ڪيئي مسئلا درپيش آهن. انهن مان ٻن تي ايندڙ باب ۾ بحث ڪيو ويندو. انهن مان هڪ هيءُ آهي ته تجارت تي وفاقي انڪم ٽيڪس حد کان وڌيڪ ڳري آهي يا نه. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته اها واقعي ڳري آهي، ۽ اها ڳالهه تجارت ۾ وڌيڪ پئسي سيڙائڻ ۽ ان ۾ واڌاري آڻڻ جي خواهش کي ڌڪ هڻي ٿي. ٻيو مسئلو هي آهي ته ٽيڪسن کي ڪڏهن وڌائجي ۽ ڪڏهن گهٽائجي، ته جيئن سردبازاريءَ ۽ پئسي جي افراط کي روڪي سگهجي. هڪ ڳالهه جي اسان خاطري ڪري سگهون ٿا. آمريڪي اقتصاديات هميشه بدلبي رهي ٿي ۽ جيئن پراڻا اقتصادي مسئلا پنهنجي اهميت وڃائيندا وڃن ٿا، تيئن نت نوان مسئلا پيدا ٿيندا رهن ٿا. ڇاڪاڻ ته آمريڪي ماڻهن کي ٽيڪسن جي صورتحال جو مطالعو جاري رکڻ گهرجي، ۽ ان کي سڌارڻ لاءِ جيڪي به تبديليون ضروري نظر اچن تن کي عمل ۾ آندو وڃي.

## ٻين ملڪن ۾ حڪومت جو اقتصادي ڪردار

هيءَ ڳالهه اڳيئي ذڪر هيٺ اچي چڪي آهي ته آمريڪا ۾ گڏيل اقتصادي نظام آهي، جنهن ۾ نجي تجارت ۽ حڪومت ٻنهي طرفان اهم ڪردار ادا ٿئي ٿو. مغربي دنيا جي ٻين جمهوري ملڪن متعلق به اها ڳالهه

صحيح آهي. انهن ملڪن مان گهڻن ۾. بهرحال، حڪومت ڪي آمريڪي حڪومت کان وڌيڪ دخلڪاريءَ کان ڪم ورتو پوي ٿو.

فرانس ۾، مثال طور: قومي سيڙپ جي هڪ اهڙي رٿا آهي، جنهن بابت هر سال، حڪومت، تجارت، مزورن ۽ گڏجي ڪم ڪندڙ ٻين اهم گروپن جي نمائندن طرفان ٺاهه ڪيو ويندو آهي. انگلينڊ ۽ نيوزيلينڊ ۾ قومي صحت جا پروگرام آهن، جن هيٺ سڀني شهرين جي طبي، اسپتالي ۽ ڏندن جي بيمارين جي سنڀال حڪومت جي خرچ سان ڪئي ويندي آهي، جيڪو ٽيڪسن جي پئسن مان پريو ويندو آهي.

اٽليءَ ۾، ڪيئي وڏيون سرڪاري ڪارپوريشنون آهن، جن جو تيل جي صنعت تي ضابطو آهي ۽ ڪيئي هوٽل ۽ هوائي لائينون سندن ملڪيتون آهن. سئيڊن ۾، حڪومت گهرن جي جاين تعميرڪرڻ ۾ نهايت چست آهي. آمريڪا کان سواءِ، ٻين گهڻن ملڪن ۾، ريلواين ۽ ٽيليفون سروسن جو ڪاروبار، نجي تجارت جي بدران، حڪومت هلائيندي آهي.

هنن سڀني ڳالهين جو مول مقصد اهو آهي ته هرهڪ ملڪ ڪي اهڙي قسم جو اقتصادي نظام قائم ڪرڻ گهرجي، جيڪو ان لاءِ بهترين نظر اچي. هر ملڪ جون حالتون مختلف ٿين ٿيون. ماڻهن جا رايا ۽ روايات به مختلف ٿين ٿيون. اقتصادي نظام جو ڪو اهڙو هڪ نمونو ڪونهي، جيڪو هر هڪ لاءِ موزون هجي. ماڻهن کي اها آزادي گهرجي ته اهي پنهنجي لاءِ اهو ڪجهه ڪري سگهن، جيڪو سندن لاءِ بهترين هجي ۽ جڏهن به ان کان وڌيڪ بهتر ڪا ڳالهه ڪين نظر اچي، ته ان کي تبديل ڪري سگهن.

آمريڪا سميت، مغرب جي سڀني گڏيل اقتصادي نظامن ۾، جن جو اسين ذڪر ڪري آيا آهيون، جيڪو هڪ ئي مشترڪ عنصر آهي، سو هيءُ آهي ته انهن سڀني مان هر هڪ ملڪ آزاديءَ سان ترقي ڪرڻ جو تجربو حاصل ڪيو آهي. هر هڪ ملڪ زندگيءَ جي معيارن کي بُلند ڪري سگهيو آهي.هر هڪ ملڪ خانگي ڪاروبار کي اثرائتي نموني ۾ استعمال ڪري سگهيو آهي. هر هڪ ملڪ حڪومت کي اهڙن ڪمن ۾ عوام جي خدمتگار جي حيثيت ۾ استعمال ڪري سگهيو آهي، جن کي خانگي ڪاروبار اهڙي سٺي نموني سان نٿو ڪري سگهي، يا جنهن ۾ هو بلڪل هٿ نٿو اٽڪائي سگهي. انهن مان هر

هڪ ملڪ، اهي سڀ ڪم، انفرادي آزاديءَ جهڙي انمول شيءِ کي محفوظ رکندي، ڪري سگهيو آهي، جنهن جي سيني ماڻهن کي خواهش ۽ گهرج آهي.

اڄ جي گهٽ ترقي ڪيل ملڪن کي ڏکيا اقتصادي مسئلا درپيش آهن. انهن مان گهڻن ملڪن جي حڪومتن کي، آمريڪي حڪومت کان شايد وڌيڪ وڏو ڪردار ادا ڪرڻو پوي. هندستان کي سندس پنج ساله ترقياتي رٿا آهي. لاطيني - آمريڪي ملڪن کي سندن "فومينٽوز" آهن، جيڪي سرڪاري ڪارپوريشنون آهن، جي اقتصاديات کي ترقي ڏيڻ لاءِ قرض ڏين ٿيون. سڀ کان وڏي اهم ڳالهه جيڪا ياد ڪرڻ گهرجي، سا هيءَ آهي ته حڪومت خواهه نجي ڪاروبار، اهو سڄو ڪم پنهنجي ليکي اڪيلا نٿا ڪري سگهن. هر هڪ نئين قوم انهيءَ ئي اقتصادي نظام کي ترقي ڏيئي وڌائيندي، جيڪو ان لاءِ انتهائي موزون هوندو - انهيءَ قسم جو نظام، جيڪو ان جي شهرين کي اقتصادي واڌارو ۽ آزادي، بيئي مهيا ڪري ڏيندو.

## 5- اقتصادي ۽ سماجي مقصدن جو حصول آمريڪا جا اقتصادي ۽ سماجي مقصد

پوين ٻن بابن ۾ اسان اهو طريقو جاچي ڏٺو، جنهن ۾ آمريڪي اقتصادي نظام هلي ٿو. ظاهر آهي ته هي اهو اقتصادي نظام آهي، جنهن ۾ هڪ فرد تي، هڪ مال واپرائيندڙ، هڪ پورهيت ۽ هڪ ڪاروباري ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ گهڻو زور ڏنل آهي. اهو هن ڪري آهي، جو آمريڪين جو هي اعتقاد آهي ته سياسي آزاديءَ ۽ اقتصادي آزاديءَ کي گڏو گڏ هلڻ گهرجي. بهرحال، اها ڳالهه حڪومت کي اهڙين حالتن ۾ اقتصادي نظام ۾ حصي وٺڻ کان نٿي روڪي، جتي اجتماعي عمل، انفرادي عمل کان وڌيڪ پسنديده نظر اچي ٿو.

آمريڪي اقتصاد، سالن گذرڻ سان ڪيئن ترقي ڪئي آهي، تنهن جي مطالعي ڪندي، هن کان اڳي ئي ان جي ڪن ڪاميابين ۽ ڪن اڻ طئي ٿيل مسئلن ڏانهن اسان ڌيان ڇڪايو آهي. هاڻي انهن ڪاميابين ۽ انهن مسئلن تي وڌيڪ تفصيل سان نظر وجهڻ ضروري آهي. ڇا، آمريڪي باشندا پنهنجين حاصل ڪيل ڪاميابين تي مطمئن آهن؟ ڀلا، هو پنهنجن مسئلن جي باري ۾ ڇا ڪري رهيا آهن؟ ٻين لفظن ۾ آمريڪي اقتصاد ڪيتريقدر خوبيءَ ۽ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي. آمريڪي اقتصاد آمريڪي لوڪن کي،

اهو ڪجهه ڏيڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهي، جيڪي ڪجهه اهي چاهين ٿا. انهيءَ اقتصاد ڪهڙيون ڪهڙيون چڱيون ڳالهيون ڪيون آهن؟ جيڪي وڏيڪ نون ملڪن کي نقل ڪرڻ گهرجن، ان ڪهڙيون غلطيون ڪيون آهن، جن کان نوان ملڪ پاڻ بچائڻ چاهيندا.

اچو تہ سڀ کان اول انهن اقتصادي ۽ سماجي مقصدن کي ڏسون، جن کي آمريڪي ماڻهو حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. اهي اهڙا تہ چاتل سڃاتل مقصد آهن، جن ۾ اهي معربي يورپ، لاطيني آمريڪا ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي نون ملڪن جي ماڻهن سان شريڪ آهن. ڇاڪاڻ تہ جيئن اسان پهرئين باب ۾ ڏٺو، انسان ذات جا مقصد بنيادي طرح ساڳيا ئي آهن. انهن مقصدن کي استعمال ڪندي، اسين آمريڪي اقتصاد جي ڪارڪردگيءَ متعلق اندازو لڳائي سگهون ٿا، ۽ هن باري ۾ چند فيصلا ڪري سگهون ٿا تہ اهو ڪيتريءَ حد تائين ڪامياب ٿي آهي. اسين اهو بہ معلوم ڪري سگهنداسون تہ هن اقتصاد ۾ اڃا ڪهڙا ڪم اڻپورا رهيل آهن.

# اقتصادي ترقي

آمريڪا لاءِ ۽ سڀني ملڪن لاءِ . سڀ کان اول "اقتصادي ترقيءَ" جو مسئلو آهي. ان جي معنيٰ اها آهي تہ آمريڪي باشندا پنهنجي مال جي پيداوار کي وڌائڻ چاهين ٿا تہ جيئن اهي پاڻ ۽ سندن ٻار ۽ انهن جي ٻارن جا ٻار، زندگيءَ جي اڃا بہ وڌيڪ اعليٰ معيارن مان لطف اندوز ٿين ۽ ايندڙ سالن ۾ اڃا بہ وڌيڪ آزاد وقت گذارين.

## 1- اقتصادي ترقيءَ جو رڪارڊ

آمريڪا جي سڄي تاريخ، هڪ عظيم اقتصادي ترقيءَ جي تاريخ رهي آهي. سن 1789ع ۾، سڄيءَ آمريڪا ۾ ڪُل ٽيهہ لک ماڻهو هئا، انهن مان اڪثر آبادگار هئا، جي آمريڪا جي اُڀرندي سامونڊي ڪناري تي آباد هئا. هاڻي، يعني سن 1960ع ۾، آمريڪين جو تعداد، ارڙنهن ڪروڙ سٺ لک آهي ۽ اهي سڄي کنڊ ۾ پکڙيا پيا آهن.سندن وڏو حصو وڏن شهرن ۾ رهي ٿو.

آمريڪا ۾ گذريل هڪ سؤ سالن کان وٺي، هر ويهين سال، مال جي پيداوار ذري گهٽ ٻيڻي ٿيندي رهي آهي. ويهين صديءَ جي ابتدائي سالن ۾ آمريڪي اقتصاد، انهتر ارب ڊالرن جي قيمت جو مال ناهيو. 1920ع ۾ اهو

انگ هڪ سؤ چوئيتاليهہ ارب ڊالر هو. سن 1940ع ۾ اهو وڌي بہ سؤ ڇٽيهہ ارب ڊالر ٿيو. سن 1960ع ۾ اهو پنج سؤ ٿي ارب ڊالرن تي پهتو. ۽ 1963ع ۾ اهو وڌي وجي ڇهہ سؤ ارب ڊالرن تائين رسيو.

البت، آمريڪا جي آبادي (سن 1900ع ۾ ست ڪروڙ پنجاهہ لک ۽ 1962ع ۾ ارڙنهن ڪروڙ سٺ لک) پڻ وڌي رهي آهي. اهڙيءَ طرح، انهيءَ پيداوار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ هر منزل تي وڌيڪ ماڻهو موجود آهن. ان جي باوجود، پيداوار، ماڻهن جي تعداد کان وڌيڪ تڪڙو واڌارو ڪندي رهي آهي.

آمريڪا جي ڪل آباديءَ کي، مال ۽ سروسز جي ڪل پيداوار ۾ تقسيم ڪيو ويندو، تہ معلوم ٿيندو تہ في ماڻهوءَ ڪيتري پيداوار ڪئي. سن 1900ع ۾اها پيداوار، هڪ هزار انيتاليهہ ڊالرن جي قيمت جيترو مال ۽ سروسز 1960ع ۾ بہ هزار ست سؤ ٺيانوي ڊالرن جيتري هئي.

اهو ثبوت آهي آمريڪي اقتصاد جي سال بسال زبردست واڌاري جو. اهو ئي سبب آهي، جو آمريڪي ماڻهن جي وڏي اڪثريت، هر هڪ سال جي گذرڻ سان، جيئن پوءِ تيئن زندگيءَ جا اوچا معيار ماڻيا آهن. ان کان سواءِ، اهو واڌارو آزاد معاشري ۾ ٿيو آهي.

جيڪڏهن اقتصادي واڌارو، ماڻهن وٽ موجود مادي شين جي ماپي سان توريو وڃي تہ پوءِ يقيناً آمريڪي اقتصاد انتهائي ڪامياب ثابت ٿيو آهي. پر ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ، محض مادي شين جي گڏ ڪرڻ کان، جيتوڻيڪ اهي بہ اهم آهن، گهڻو ڪجهہ وڌيڪ گهرجي. معاشرو پنهنجي پيداوار جي طاقت کي مجموعي طور ڪيئن ٿو استعمال ڪري؟ ڇا، هو پنهنجي تعليم ۽ صحت جي سهوليتن کي بهتر بڻائي ٿو؟ ڇا، اهو پنهنجي شهرين لاءِ، سٺي موسيقي ٻڌڻ، فني شاهڪارن کي پسند ڪرڻ، اعليٰ درجي جي ڪتابن پڙهڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿو؟ ڇا اهو ڪين اهڙن وقتن تي مفيد ۽ تعميري سرگرميءَ ۾ مصروف رهڻ جو موقعو ڏئي ٿو، جڏهن اهي پنهنجي روزمرهہ جي ڪم کان فارغ ٿين ٿا. مختصر هيءُ، تہ ڇا، مادي واڌاري سان گڏو گڏ ملڪ ۾ ثقافتي ۽ روحاني واڌاري جا موقعا بہ آهن يا نہ؟

ڪو بہ تيز نظر رکندڙ ماڻهو، جنهن سٺ ۽ سفر ڪيو هوندو، چئي سگهندو تہ آمريڪا ۾ واقعي ذهني ترقي ۽ ثقافتي واڌارو ٿيو آهي. بوسٽن ۽ فلاڊيلفيا جا

سمفوني آرڪيسٽرا، نيويارڪ جو ميٽرو پوليٽن اوپيرا، ۽ شڪاگو آرٽ انسٽيٽيوٽ، تہ سڄيءَ دنيا ۾ مشهور و معروف آهن. پر جيڪي ڪجھ ننڍن شهرن ۾ ٿي رهيو آهي، سو ايترو مشهور نہ آهي. سڄي آمريڪا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترا ننڍا آرڪيسٽرا، مقامي آرٽ گئلريون ۽ ننڍا ننڍا ٿئيٽر موجود آهن. ذري گهٽ هر هڪ ننڍي ڳوٺ، قصبي ۽ شهر کي پنهنجي پنهنجي عوامي لئبرري آهي. ڪتابن جا دوڪان تہ هر جاءِ موجود آهن. يونيورسٽيون ۽ ڪاليج ثقافتي سرگرميءَ جا مرڪز آهن. ديوليون بہ ايتري تيزيءَ سان تعمير ٿي رهيون آهن، جيتري تيزيءَ سان ڪارخانا، پارڪ بہ ائين ئي ٺهي رهيا آهن، جيئن دوڪانن جا مرڪز.

پر، انهيءَ سڄي واڌاري جي باوجود، ذري گهٽ سڀ آمريڪي باشندا هن ڳالھ تي متفق نظر ايندا تہ اجا گهڻو ئي ڪم نامڪمل رهيل آهي. آدمشماري ايتري تيز رفتاريءَ سان وڌي رهي آهي، جو گهڻن هنڌن تي وڌيڪ اسڪولن ۽ اسپتالن جي ضرورت آهي. شاهراهن جي تعمير تي ڪروڙين ڊالر خرچ ٿي رهيا آهن، پر ٽرئفڪ جو مسئلو وڏن شهرن ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خراب صورت اختيار ڪندو وڃي، جتي ڪارن جي تعداد ۾ هروقت اضافو ٿيندو ٿو رهي. وڏي پيماني تي نئين تعميرات جاري هوندي بہ، ڪيئي صنعتي شهر بد زيبا آهن ۽ انهن ۾ پراڻيون عمارتون بيٺيون آهن، جن کي ڪيرائڻ گهرجي. خصوصاً، نيو يارڪ ۽ لاس اينجلس جهڙن تمام وڏن شهرن ۾، ماڻهن کي سندن ڪم جي هنڌن تي پهچائڻ ۽ اتان ڪٽي گهر رسائڻ جو مسئلو جيئن پوءِ تيئن اگري صورت اختيار ڪندو وڃي.

ثقافتي سرگرميون، جيتوڻيڪ وڏي پئماني تي ڦهليل آهن، پر ان هوندي بہ، انهيءَ ڪم ۾ پڻ سڌاري جي وڏي گنجائش موجود آهي. تفريح جي ٻن اهم ذريعن، ٽيليويزن ۽ سئنيما جي خلاف اڪثر هيءَ نڪتہ چيني ڪئي وڃي ٿي تہ اهي جنسيات، ڌوهن ۽ مار ڌاڙ تي زور ڏئي رهيا آهن. انهن تي هيءَ بہ تنقيد ڪئي وڃي ٿي تہ هو پبلڪ جي ٽيسٽ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪا ڪوشش نٿا ڪن. آمريڪي فلمون، يقيناً، ٻاهرين ملڪن اڳيان آمريڪي زندگيءَ جي هميشہ صحيح تصوير پيش نٿيون ڪن. آمريڪا جي گهڻن وڏن شهرن ۾ وڏيون وڏيون اخبارون نڪرن ٿيون، پر ان جي ننڍن شهرن جي مقامي پريس طرفان ان ڏس ۾ ڪا خاص خدمت نٿي ڪئي وڃي.

مطلب تہ آمريڪا ۾ گهڻو نامڪمل ڪم رهيل آهي. اها ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي، جنهن کي آمريڪي ماڻهو لڪائڻ جي ڪوشش ڪن. ماڻهوءَ کي اهڙن سماجن متعلق شڪ ۽ شبهو ڪرڻ گهرجي، جيڪي بنهہ ڪامل هئڻ جي دعوا ڪن. هڪ آزاد معاشري ۾، ماڻهو پنهنجن ڪاميابين تي ناز ڪن ٿا، پر اهي پنهنجن مسئلن کي تسليم ڪرڻ لاءِ بہ تيار رهن ٿا ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪن ٿا.

## 2- تاريخ جا سبق

آمريڪا جي اقتصادي واڌاري مان سيني کان وڌيڪ اهم سبق جيڪو سکجي ٿو، سو هيءُ آهي تہ اقتصادي ترقي ۽ آزادي گڏو گڏ هلي سگهن ٿيون. آمريڪا بہ ڪنهن وقت هڪ غير ترقي يافتہ ملڪ هو. ان کي بہ پاڻ کي بينڪي راڄ جي چنبي کان آزاد ڪرائڻو هو. هو ايشيا ۽ آفريڪا جي گهڻن نون آزاد ٿيل ۽ ترقي پذير ملڪن جي اميدن ۽ خوابن کان واقف آهي. ڪيس، هڪ اهڙي آزاد ۽ آسودي معاشري بنائڻ جي پرخطر ڪم جي شروعات ڪرڻ چڱيءَ طرح ياد آهي، جنهن ۾ سيني شهرين لاءِ سٺي زندگيءَ جا موقعا موجود هجن.

هيءَ ڳالهہ صحيح آهي تہ اڄ جي گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جي صورتحال، هر هڪ تفصيل ۾ ائين ناهي، جيئن اها اُٺويهين صديءَ ۾ آمريڪا جي هئي. مثال طور، اڄ گهڻن ايشيائي ملڪن ۾ تمام گهڻي آدمشماري آهي، حالانڪ اوائلي آمريڪا ۾ تمام ٿورا ماڻهو هئا. اها ڳالهہ هندستان جهڙن ملڪن جي جديد اقتصادي مهم کي، تمام گهڻو مشڪل بڻائي رهي آهي، جنهن سان آمريڪا کي پنهنجي شروعات ۾ منهن ڏيڻو پيو هو. ان کان سواءِ، اڄ جي ڪن نين آزاد ٿيل قومن وٽ، قدرتي وسيلا ايتري گهڻي مقدار ۾ نہ بچيا آهن، جيترا آمريڪا وٽ موجود هئا. آمريڪا کي سندس شروعاتي تاريخ ۾، اڪثر ڪچو مال ۽ ڪاٺي جون شيون پنهنجيون ٺي هيون ۽ ان کي غير ملڪن مان درآمد تي گهڻو ياڙڻو ڪو نہ پوندو هو. ٻئي طرف، اڄ جي گهٽ ترقي ڪيل ملڪن کي هيءُ فائدو آهي، تہ اهي دنيا جي باقي ٻين ملڪن کان گهڻو ڪجهہ سکي سگهن ٿا. جيڪو فائدو آمريڪا کي ميسر ڪو نہ هو.

البت، ٻنهي حالتن ۾ ڪيئي اهڙيون ڳالهيون بہ آهن، جن ۾ هڪجهڙائي آهي. سڀ کان پهريائين، آمريڪا غير ملڪي سرمايي کان سواءِ ايتريقدر

تيزيءَ سان ترقي نہ ڪري سگهي ها. جيتري ان ٿوري عرصي ۾ ڪري ورتي. اهو سرمايو يورپ ڪان وٺس آيو. يوربي سرمايي هڪ اهڙي وقت ۾ آمريڪي ريلواين ۽ ڪارخانن جي تعمير ۾ مدد ڏني، جڏهن آمريڪي ماڻهن جون بچتون ايتريون گهٽيون نہ هيون، جن مان اهي پنهنجا اهڙا ڪم پورا ڪري سگهن ها. اڳتي هلي، نيٺ آمريڪا ايتريقدر ترقي ڪئي جو ان کي غير ملڪي سرمايي جي ضرورت باقي نہ رهي. درحقيقت، اڄ آمريڪي ماڻهن وٽ ايترو سرمايو موجود آهي، جو اهي ٻين ملڪن کي ڏيڻ جهڙا ٿيا آهن.

آمريڪا ۾ جيڪو اهو غير ملڪي سرمايو داخل ٿي رهيو هو، سو سچو نجو سرمايو هو. پر ان جي معنيٰ اها هرگز ڪا نہ هئي تہ آمريڪين تي غير ملڪي ماڻهن جو تسلط هو. ان ۾ آمريڪا کي هرگز پنهنجي آزادي وڃائڻي ڪا نہ ٿي پيئي. ماڻهن مان ناجائز فائدو ڪو نہ ٿي ورتو ويو. حقيقت ۾ انهن کي ان مان فائدو ئي ٿيو ٿي. اڄ جي ترقي ڪندڙ ملڪن کي سرمايي جي سخت ضرور آهي. اهي پڻ نجي سرمايي کي سندن اقتصاديات کي ترقي ڏيارڻ ۾ مدد ڏيڻ جي اجازت ڏيئي، فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. سندن حڪومتون هن ڳالهہ تي ضابطو رکي سگهن ٿيون تہ غير ملڪي سرمايو سيڙائيندڙ سندن ملڪن ۾ ڇا ڇا ڪري سگهن ٿا ۽ ڇا ڇا نٿا ڪري سگهن، جنهن ڪري آزاديءَ جي هٿان وڃڻ جو ڪو انديشو باقي نہ رهي.

اڄ، البت، گهٽ ترقي ڪيل ملڪن کي آمريڪي حڪومت، عالمي بئنڪ، خوراڪ ۽ زراعت واري تنظيم، ۽ ڪيترين ٻين بين الاقوامي ايجنسين طرفان غير ملڪي امداد ميسر ٿي سگهي ٿي. اها امداد، برابر انتهائي اهم آهي، پر اها سڀو ڪم اڪيلي سر پورو نٿي ڪري سگهي. غير ملڪي امداد سان سيلابي بند، بندرگاهہ، شاهراهہ ۽ آبپاشيءَ جا تلاءَ تعمير ڪري سگهجن ٿا. پر غير ملڪي خانگي ڪاروبار پڻ ڪارخانن، تجارت ۽ ڪن خاص قسمن جي کاڻين کوٽڻ ۾ هڪ خاص ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

آمريڪي تجربي مان جيڪو ٻيو سبق سکي سگهجي ٿو، سو هيءُ آهي تہ اهو ملڪ ڪيتريقدر نہ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو، جتي ماڻهن کي نين صنعتن کي ترقي ڏيڻ ۽ پنهنجن فارمن کي وڌيڪ زرخيز بنائڻ لاءِ سخت محنت ڪرن لاءِ همٿايو ويندو هجي. آمريڪا ۾ ائين ٿيو، سو انهيءَ سبب، جو اتان

جي ماڻهن کي سياسي آزادي ڏيئي اهو اختيار ڏنو ويو تہ هو پاڻ فيصلو ڪن تہ ڪهڙي نموني ۾ هو پنهنجي مٿان حڪومت هلائڻ چاهين ٿا. ڪين پنهنجي زمين جي مالڪ ٿي رهڻ، پنهنجي لاءِ تجارت اختيار ڪرڻ ۽ انهيءَ فيصلي ڪرڻ جي اقتصادي آزادي پڻ ڏني ويئي تہ اهي ڪٿي ڪم ڪرڻ چاهين ٿا، ۽ پنهنجو پئسو ڪيئن خرچ ڪرڻ پسند ڪن ٿا.

ٽيون سبق هيءُ سکجي ٿو تہ حڪومت کي، ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ تيزي ۽ واڌ آڻڻ لاءِ، آزاديءَ کي ختم ڪرڻ کان سواءِ، استعمال ڪري سگهجي ٿو. آمريڪا ۾، حڪومت تعليم، صحتمند بئنڪاري ۽ نقل و حمل جي نظام مهيا ڪرڻ ۽ بين سيني انهن ڪمن ڪرڻ سان، ، جن جو اسان گذريل بابَ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون، خانگي ڪاروبار جي پنيرائي ڪئي آهي ۽ ان کي تقويت بخشي آهي.

## 3- مستقبل طرف نگاهہ

جيئن تہ آمريڪا پنهنجي سڄيءَ تاريخ جي دوران ۾، آزاديءَ سان گڏو گڏ ترقي حاصل ڪرڻ ۾ ايتريقدر ڪامياب ٿي آهي، ان ڪري آمريڪي ماڻهو مستقبل کي وڏي اعتماد سان ڏسن ٿا. ڪين يقين آهي تہ اهي 1960ع کان پوءِ ايندڙ ڏهاڪو سالن ۾ بہ ائين ئي ڪندا رهندا، جيئن انهن ماضيءَ ۾ پئي ڪيو آهي. ان جي باوجود ڪي اهم مسئلا اجا تائين پڻ سندن درپيش آهن.

هڪ سوال، جنهن تي اڄ آمريڪا ۾ بحث ٿي رهيو آهي، سو هي آهي تہ هڪ فرد جي ڀلي لاءِ نجي مال ۽ سروسز جي پيداوار بدران، اجتماعي بهبود لاءِ، عوامي مال ۽ سروسز جي پيداوار تي وڌيڪ زور ڏنو وڃي يا نہ. هڪ مشهور آمريڪي اقتصاديات جي ماهر، مسٽر جان ڪينيٿ - گئلبريٿ، (جو سن 1961ع ۾ هندستان ۾ سفير ٿيوهو) هيءُ دليل پيش ڪيو آهي تہ آمريڪا لاءِ، موٽر گاڏين ۽ ٽيليويزن سيٽن جي وڌيل خانگي کپت کان، اسڪولن، اسپتالن، شاهراهن ۽ بهتر قسمن جي گهرن جهڙن عام ڀلي جي ميدانن ۾ قدم وڌائڻ جي ضرورت وڌيڪ آهي.

هيءُ هڪ اهم مسئلو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن آمريڪي ماڻهو اهو ٿا فيصلو ڪن تہ اهو نظريو صحيح آهي، تہ پوءِ ان جي معنيٰ اها ٿيندي تہ وفاقي حڪومت، قوم جي اقتصادي زندگيءَ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪندي، سو اڄ کان تمام وڏو هوندو. ممڪن آهي تہ اهڙين وڌيڪ عوامي سروسز وغيره جي پورت

ڪرڻ لاءِ اڄ ڪان وڌيڪ ڳريون ٽئڪسون پرٽيون پون. اهڙي طرح، هڪ مال جي هڪ خريدار يا واپرائيندڙ وٽ سندس مرضيءَ موجب خرچ ڪرڻ لاءِ اڄ ڪان گهٽ پئسو موجود رهندو. انهن سببن ڪري، ڪي ماڻهو گئلبريٿ جي انهيءَ پيشڪش جي مخالفت ڪن ٿا.

ٻيو مسئلو، جنهن تي اڄ آمريڪي باشندا بحث ڪري رهيا آهن، سو ٽئڪسن جو آهي. ڪن شهرين جو خيال آهي ته ڪاروبار جي نفعن ۽ واپارين جي آمدنين تي عائد ٿيندڙ ٽيڪسون ايتريقدر ڳريون آهن، جو محنت ڪرڻ ۽ وڌيڪ اپت ڪرڻ جي خواهش جي همت شڪني ٿئي ٿي. سرڪاري خرچ وڌا آهن، ۽ پوءِ به سرڪاري سرگرمين لاءِ اجا وڌيڪس پئسو پرٽو پوي ٿو – ۽ اها صورتحال تيسين لازمي طور ائين رهندي، جيسين ملڪ جي آزاديءَ جي بچاءَ لاءِ وڏيون فوجون رکڻيون پونديون.

آخر ۾، آمريڪين کي معلوم آهي ته به مسئلا اهڙا آهن، جن کي اطمينان بخش نموني سان حل ٿيڻ گهرجي. هڪ مسئلو اقتصادي استحڪام جو – يعني بيروزگاري ۽ افراط زر، ٻنهي کي روڪڻ آهي. ٻيو ته هيءَ خاطري ڪرڻي آهي ته آمريڪي اقتصادي نظام پوريءَ طرح ڪم ڪندو رهي، ته جيئن قوم جي محنت، سرمايو ۽ قدرتي وسيلا ضايع نه ٿين. انهن ٻنهي خاص مسئلن تي هن باب جي ايندڙ ٻن حصن ۾ بحث ڪيو ويندو.

## اقتصادي استحڪام

سرمائيداريءَ تي ماضيءَ ۾ سخت نڪتچيني ٿيندي رهي آهي. ڇاڪاڻ ته ان هميشه هر ڪنهن لاءِ نوڪريون مهيا نه ڪيون آهن[1]. نتيجو اهو ٿيو آهي ته ماڻهو ڪم ڪان خارج رهيا آهن ۽ ڪارخانا بيهي پئي رهيا آهن، حالانڪ ساڳئي وقت ماڻهن کي انهن شين جي ضرورت پئي رهي آهي، جيڪي انهن ڪارخانن ۾ جيڪر تيار ٿي سگهن ها. انهيءَ باري ۾ مارڪس اوڻيهين صديءَ ۾ انهن ئي لفظن ۾ لکيو هو. ويهين صديءَ ۾، 1930ع کان پوءِ ايندڙ ڏهاڪي سال ۾، آمريڪا، برطانيا ۽ ٻين وڏن صنعتي ملڪن کي زبردست ڪاروباري مانائيءَ سان منهن ڏيڻو پيو هو. گهڻن ماڻهن کي ڪم نه پئي ملي سگهيو. ڇا، آمريڪا اهڙيءَ صورتحال جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو؟

---

[1] وقت بوقت اقتصاديات ۾ ڪا نه ڪا غلطي ٿيندي رهي آهي.

## 1- استحڪام حاصل ڪرڻ جون پاليسيون

سڀ کان پهرين قابل توجهه حقيقت هيءَ آهي ته هن مسئلي ڏانهن سيني آزاد صنعتي ملڪن جي ماڻهن جي رويي ۾ تمام وڏا ڦيرا اچي چڪا آهن. ڪو وقت هو، جڏهن ائين سمجهيو ويندو هو ته سرد بازاري هڪ اهڙي ڳالهه آهي، جيڪا پنهنجو پاڻ پيدا ٿي پوي ٿي - جيئن ڪو طوفان هجي يا ڪا بيماري.

حقيقت ۾، ماڻهو سردبازاريءَ متعلق ائين ئي سمجهندا هئا، جيئن ماڻهو بيماريءَ لاءِ سمجهندا هئا - ته اها هڪ اهڙي ڳالهه هئي، جنهن جي متعلق دنيا ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهي.

سردبازاريءَ کي به ائين سمجهي سگهجي ٿو، جيئن باخبر ماڻهو بيماريءَ کي سمجهن ٿا. ڪنهن بيماريءَ کي ڇنائڻ لاءِ، ماڻهوءَ کي اڳ ۾ هيءَ خاطري هئڻ گهرجي ته اها گندگيءَ جي حالتن، خراب ڪاڌي يا ڪنهن ٻيءَ اهڙيءَ شيءِ جي ڪري پيدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن ان جو سبب ڳولي سگهجي، ته بيماريءَ جو علاج ڪري سگهبو، يا شايد ان کي اڳواٽ ئي روڪي به سگهبو.

ساڳيءَ ريت، سرد بازارين کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پهريون قدم، هيءُ اعتقاد قائم ڪرڻ هو، ته انهن جي اچڻ کي روڪڻ يا جيڪڏهن اهي اچي به وڃن، ته انهن کي درست ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري سگهبو. ٻيو قدم، هيءُ هو ته انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اقتصادي اپاءَ اختيار ڪرڻ گهرجن، اُهي سڪجن ۽ انهن تي عمل ڪجي.

آمريڪا ۾ پهريون قدم سن 1930ع واري ڏهاڪي سال ۾ کنيو ويو، جڏهن تڏهوڪيءَ عظيم سرد بازاريءَ ۾ اڪثر آمريڪي ماڻهن ۾ هيءُ اعتقاد پيدا ڪيو ويو ته اقتصادي نظام کي هلائڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن قسم جي رهبريءَ جي ضرورت آهي - يعني ته حڪومت کي هڪ طرح سان اقتصادي مشين کي، ترقيءَ جي راهه تي هلندي، وقت بوقت ڪنهن کڏ ۾ ڪِرڻ کان روڪڻ لاءِ، ان جي اسٽيئرنگ وِيل جو ڪم ڪرڻ گهرجي. ٻيءَ مهاياري جنگ جي هلندي، جڏهن هر ڪو ماڻهو ڪم تي لڳل هو، آمريڪي ماڻهن اڳي کان به وڌيڪ پختو خيال رکيو ته جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ، ملڪ وري سردبازاريءَ جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي.

نظريي جي انهيءَ ڦيري جي نتيجي طور، ڪانگريس 1946ع وارو تاريخي "روزگار قانون" منظور ڪيو، جنهن ۾ چيو ويو ته اها وفاقي حڪومت جي ذميواري هئي ته اها هيءَ خاطري ڪري ته وري ٻي سردبازاري پيدا نه ٿئي، ۽ انهيءَ خاطريءَ ڪرڻ لاءِ سڀ ممڪن قدم کڻي ته جيئن هر هڪ ماڻهو ڪم تي لڳل رهي، ۽ اقتصاديات جي واڌاري جو سلسلو جاري رهي. ڄاڪاڻ ته صدر کي مناسب تدارڪ ڪرڻ جا مشورا ڏنا ويا، ۽ ان لاءِ اقتصادي مشيرن جي ڪائونسل قائم ڪئي وئي.

اقتصادي استحڪام جي منزل مقصود تائين رسڻ لاءِ ٻيو اهم ۽ وڏيڪ مشڪل قدم، صحيح قسم جي پاليسين جي متعين ڪرڻ جو هو. اسين انهن سيني تفصيلن ۾ نتا وڃي سگهون ته هن راهه ۾ ڇا ڇا ڪيو ويو آهي. پر اقتصادي پاليسيءَ متعلق انهن ٻن طريقن کي ڄاڻڻ ضروري آهي، جيڪي حڪومت طرفان پيدا ڪيا ويا آهن. پهريون، ملڪ جي پئسي جي سپلاءِ تي مرڪزي بئنڪ طرفان ضابطو آهي، جنهن کي "مالي پاليسي" چيو وڃي ٿو. ٻيو حڪومت طرفان ٽيڪسن لڳائڻ ۽ خرچ ۾ وقتي تبديليون آڻڻ، جن کي "فڪسل پاليسي" چيو وڃي ٿو. انهن کان سواءِ، بئنڪاري نظام ۽ اقتصاديات جي ٻين حصن ۾ به ڪيئي سڌارا آندا ويا آهن، ته جيئن وڏيڪ استحڪام پيدا ٿئي ۽ قائم رهي.

هاڻي، آمريڪا ۽ ٻين آزاد صنعتي ملڪن، جن اهڙا ساڳيا قدم کنيا آهن، جهڙوڪ: برطانيا وغيره، جو فقط اهو ڪم نه آهي ته ان ڳالهه جي پڪ ڪن ته ملڪ اندر مڪمل روزگار موجود آهي، پر سندن فرض اهو به آهي ته هي به ڏسن ته سيني ماڻهن لاءِ ساڳئي وقت آزاد معاشري ۾ ڪنهن قسم جي ڪا رڪاوٽ يا گهٽتائي ته ڪا نه آئي آهي، جو هڪ بلڪل مختلف ۽ نهايت مشڪل ڪم آهي، ڇو ته جيڪڏهن اوهان آزاديءَ کي اول ئي فراموش ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ته پوءِ هر هڪ کي ڪم سان لڳائڻ آسان آهي. تاريخ شاهد آهي ته جتي ماڻهن کي سندن آقائن طرفان چيو ويو آهي ته اهي ڪٿي ڪم ڪن، ڪهڙو ڪهڙو ڪم ڪن ۽ ڇا ڇا ناهين، اُتي ائين ئي ٿيو آهي - يعني روزگار موجود ۽ آزادي ختم. "آزاديءَ سان گڏ مڪمل طور روزگار" اها ئي چئلينج آهي، جيڪا دنيا جي جمهوري ملڪن کي اڄ درپيش آهي.

سڪي پئسي ۽ مالگذاريءَ جي سرڪاري پاليسين مان وڏو فائدو هي آهي تہ اهي مال واپرائيندڙن ۽ مال واپرائيندڙن تي انفرادي طور ڪنهن بہ پابنديءَ جي عائد ڪرڻ کان سواءِ حڪومت کي ملڪ جي اقتصاديات مٿان عام اثر استعمال ڪرڻ جو اختيار ڏين ٿيون. پوريءَ ريت اڳ رٿيل ۽ پابند اقتصاد جي "سڌن ضابطن" جي برعڪس، جنهن ۾ حڪوت کي هر هڪ فرد جي سرگرمين تي ضابطو رکڻو پوي ٿو، آزاد معاشري جي آزاد اقتصاد جا "اڻ - سڌا ضابطا آهن، " جيڪي اُهو مقصد پورو ڪن ٿا.

## 2- استحڪام جو رڪارڊ

اهي پاليسيون بازار جي مانائيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ڪيتريقدر اثرائتيون ثابت ٿيون آهن؟ ٻي عظيم جنگ کان وٺي، آمريڪا ۽ ٻين آزاد صنعتي ملڪن جو انهيءَ مسئلي جي سلسلي ۾ رڪارڊ سٺو رهيو آهي. ان کان پوءِ ڪا بہ وڏي سردبازاري ڪا نہ آئي آهي. وڏي پيماني تي بيروزگاريءَ منهن ڪونہ ڪڍيو آهي. 1930ع کان پوءِ جي ڏهاڪي سالن ۾ ان کان اڳ وارن سالن ۾ جيڪي ڪجهہ واقع ٿيو هو، تنهن سان مشابهت رکندڙ اهڙا واقعا وري رونما ڪين ٿيا آهن.

ڪن وقتن تي، بهرحال، ترقيءَ ۾ رڪاوٽون پونديون ٿي رهيون. ڇئن مختلف موقعن تي 49 - 1948ع ۾، 54 -1953ع ۾، 58 - 1957ع ۾ ۽ 61 - 1960ع ۾ - آمريڪي اقتصاديات پنهنجي چڙهائيءَ ۾ وقتي طور رڪجي بيٺي هئي. انهن وقتن تي، ڪن علائقن ۾ بيروزگاري برابر ڪنهن حد تائين وڌي ويئي ۽ ڪن صنعتن ۾ پيداوار ڪري پئي. پر عام طور جيڪو اثر ٿيو، سو اڳي کان گهڻو گهڻو نرم هو، ۽ اُها حالت ٿوري وقت تائين هلي. گهڻو ڪري، هر دفعي ٻنهہ کي ٿورا مهينا. انهن نرم ۽ مختصر رڪاوٽن کي، اصلوڪي سرد بازاريءَ کان الڳ ٻي هڪ صورتحال سڏڻ جي خيال کان اقتصادي ٻوليءَ ۾ "لاهو" چيو وڃي ٿو.

سرڪاري مالگذاريءَ ۽ سڪي پئسي جون مٿي ذڪر ڪيل پاليسيون، انهيءَ سلسلي ۾ چڱيءَ حد تائين ڪامياب ٿيون آهن. پر انهن کي استعمال ڪرڻ ڪافي دشوار ڪم آهي ۽ انهن جي متعلق ڪيئي اهڙا مسئلا آهن، جيڪي اسين اڃا پوريءَ طرح سمجهي نٿا سگهون.اولهہ يورپ جي جمهوري

ملڪن ڪي ٻي جنگ عظيم کان وٺي، آمريڪا کان گهڻ اقتصادي رڪاوٽن سان مُنهن ڏيڻو پيو آهي. پر انهن ملڪن ۾ آمريڪا کان وري بہ وڌيڪ سڌا ضابطا آهن.

تازو، جيئن آمريڪي ماڻهن کي سرد بازاريءَ کي روڪي سگهڻ متعلق سندن قابليت جو اعتماد حاصل ٿيو آهي، تيئن انهن کي افراط زر جي مسئلي جو وڌيڪ فڪر لاحق ٿيو آهي. ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان هڪدم پوءِ، ۽ ڪوريا واريءَ جنگ جي دوران ۾، ڪافي مقدار ۾ افراط زر جو مسئلو پيدا ٿي چڪو هو، پر ٿورن سالن کان وٺي قيمتن ۾ گهڻي قدر استحڪام آيو آهي. انهن سيني ڳالهين هوندي بہ، اسان کي انهيءَ مسئلي جي حل ڪرڻ کان اڳي، افراط زر جي باري ۾، وڌيڪ ڪجهہ سکڻ جي ضرورت آهي.

## 3- مڪمل روزگار ۽ قومي بچاءُ!

هڪ سوال جيڪو اڪثر ٿيندو آهي، سو هيءُ آهي تہ آمريڪي آسودگيءَ ۽ خوشحاليءَ جو دارومدار قومي بچاءَ تي حڪومت طرفان گهڻيءَ رقم جي خرچ ٿيڻ تي آهي يا؟ يا، جيڪڏهن هٿيارن تي پوريءَ ريت بندش وجهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي وڃي، ۽ فوجي سرگرمين تي سرڪاري خرچ ۾ ڪمي اچي سگهجي تہ آمريڪا هڪ زبردست سرد بازاريءَ ۾ مبتلا تہ نہ ٿي ويندي؟ آمريڪا تي نڪتہ چيني ڪندڙ چون ٿا تہ آمريڪا هٿيارن تي بندش برداشت نہ ڪري سگهندي، ڇاڪاڻ تہ ان جي نتيجي ۾ منجهس زبردست سرد بازاري اچي ويندي.

انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ کان اڳ، هيءَ ڳالهہ ظاهر ڪرڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اهڙو مسئلو درپيش آيو، تہ آمريڪي عوام ان کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ ڳالهہ پسند ڪا نہ ڪندا. هٿيارن وڌائڻ تي جيڪو سچو پچو خرچ ٿي رهيو آهي، سو دراصل ماڻهن کي ٻن اهم شين، جهڙوڪ: گهرن جي جاين، اسڪولن يا اسپتالن کان سواءِ گذر ڪرڻ تي مجبور رکيو اچي ٿو، جيڪي هوندي جيڪر کين ملي سگهن. ٻيو تہ آمريڪا، ٻيءَ مهاڀاري جنگ کان هڪدم پوءِ، واقعي ذري گهڻ مڪمل طور هٿيارن تي بندش عائد ڪئي هئي، پر ان جي نتيجي ۾ منجهس ڪا بہ وڏي سرد بازاري ڪانہ آئي هئي - درحقيقت ان صورتحال ۾ پاڻ اقتصاد ۾ سرگرمي ۽ واڌارو آيو

هو. آگسٽ 1945ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي کان پوءِ وارن نون مهينن ۾، آمريڪي فوج مان نوي لک ماڻهن کي خارج ڪيو ويو هو، ۽ قومي بچاءَ تي ٿيندڙ خرچ ۾ اسي سيڪڙو ٽائين ڪمي آندي وئي هئي.ان جي باوجود، ملڪ ۾ بيروزگاريءَ جو مسئلو پيدا ڪو نہ ٿيو ۽ ڪا سرد بازاري ڪا نہ آئي. انهيءَ جو سبب، اهو هو تہ جنگ جي دوران ۾ حڪومت جنهن قسم جي جنگي مال ۽ سروسز تي جيڪو خرچ ڪندي هئي، تنهن جي بجاءِ هينئر خانگي خريدارن ۽ تجارتن طرفان امن ۽ صلح جي زماني ۾ گهربل شين تي ان کان بہ وڌيڪ رقمون خرچ ٿيڻ لڳيون.

گذريل چند سالن اندر، انهيءَ مسئلي جو ٻن نمونن ۾ مطالعو ڪيو ويو آهي. هڪ، اقوام متحده جي ڏهن ميمبر ملڪن (آمريڪا، سوويٽ يونين، برطانيا، فرانس، ڀارت، پاڪستان، زيڪوسلوويڪيا، پولينڊ، سوڊان ۽ وينيزوئيلا) جي ڪاميٽيءَ طرفان عالمي صورتحال جو مطالعو ڪيو ويو. ٻيو آمريڪي صورتحال جو الڳ مطالعو هڪ آمريڪي اقتصاديات جي ماهر، ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جي ايمائيل بينوئٽ، طرفان ڪيو ويو. ٻنهي مطالعن جو نتيجو قريبن ساڳيو ئي نڪتو.

اهي نتيجا هي هئا تہ هٿيارن جي بندش پوڻ سان ڪن خاص صنعتن، جهڙوڪ: هوائي جهازن ۽ بحري جهازن، ۾ ڪي فوري مسئلا ضرور پيدا ٿيندا، ۽ انهن جو اثر ڪن اهڙن شهرن تي ضرور ٿيندو، جن لاءِ اهي صنعتون اهميت رکندڙ آهن، ۽ اهڙن مخصوص مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪرڻو پوندو، پر ان مان "هرو ڀرو ڪا وڏي پيماني واري سرد بازاري" ملڪ ۾ ڪا نہ ايندي، جو تہ هڪ تہ ٽئڪسون هڪدم گهٽايون وينديون۽ ماڻهن وٽ وڌيڪ شين ۽ سروسز خريد ڪرڻ لاءِ وڌيڪ پئسو موجود رهندو، جنهن سبب ڪاروباري سرگرميءَ جو تيز ٿيڻ لازمي آهي. ڪاروباري سرگرميءَ لاءِ ٻيو سبب هيءُ ٿيندو تہ حڪومت کي، تعليم ۽ صحت جي سڌارڻ، شهرن جي قديم ۽ پراڻن محلن جي ٻيهر تعمير ڪرڻ، ۽ گهٽ ترقي يافتہ ملڪن کي زياده غير ملڪي امداد فراهم ڪرڻ جهڙين امن پسندانہ سرگرمين تي وڌيڪ خرچ ڪرڻ جي آزادي ملندي، ۽ اهڙيءَ طرح هٿيارن ناهڻ تي ٿيندڙ زيانڪار خرچ جي جاءِ هر طرح جو اهڙو ٻيو قابلِ قدر خرچ اچي والاريندو.

ٿوري ۾ چئجي تہ هٿيارن ڪي بندش واريءَ حالت ۾ ملڪي اقتصاد جي ڪن خاص ايراضين ۾ ڪي تمام خسيس فوري مسئلا ضرور پيدا ٿي پوندا، پر اهو ڪو لازمي ناهي تہ ان سبب آمريڪا جي سڄي اقتصادي نظام ۾ ڪنهن قسم جو ڪو ضعف پيدا ٿي سگهي.

### 4- مستقبل ڏانهن نگاهہ

فوري مستقبل ڏانهن نگاهہ ڪندي، آمريڪا کي استحڪام جي انهيءَ ايراضيءَ ۾ جيڪي خاص مسئلا درپيش آهن، تن مان پهريون هيءُ آهي تہ گذريل چند سالن جي دوران ۾ جيڪي نرم ۽ مختصر سرد بازاريون پيدا ٿينديون رهيون آهن، تن کي اجا بہ وڌيڪ مختصر ۽ وڌيڪ نرم ڪيئن بڻائجي ۽ ٻيو تہ افراط زر کي ڪيئن روڪجي. اميد آهي تہ آمريڪا هن رٿابنديءَ ڪرڻ جهڙي ٿي پوندي تہ هٿيارن ناهڻ تي ايندڙ خرچ ڪيئن گهٽايو وڃي، تہ جيئن اها امن پسنداڻين سرگرمين تي ايندڙ خرچ ۾ اضافو آڻي سگهي.

## اقتصادي قابليت

اقتصادي نظام جو ٽيون مقصد "ڪارڪردگيءَ جي قابليت" آهي - يعني مال ۽ سروسز جي پيداوار ۽ تقسيم اهڙيءَ تہ قابليت ۽ ڪاميابيءَ سان عمل ۾ آندي وڃي، جو ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ زيان ۽ افراط هجي. آمريڪي اقتصادي نظام ۾، "اڪثر" فيصلا انفرادي طور مال واپرائيندڙ، مزور ۽ مال ناهيندڙ ئي ڪندا آهن، حالانڪ حڪومت پڻ ان ڏس ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. هاڻي ڏسڻو آهي تہ هي سڀ اقتصادي فيصلا ڪندڙ، پنهنجو پنهنجو ڪردار ڪيتريقدر قابليت ۽ ڪاميابيءَ سان ادا ڪري رهيا آهن.

### 1- اقتصاديات ۾ مال واپرائيندڙ جي حيثيت

باب ٽئين ۾، هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو ويو هو تہ هر هڪ مال واپرائيندڙ هن باري ۾ آزادانہ فيصلو ڪري ٿو تہ ڪيس ڇا خريد ڪرڻو آهي. اهڙيءَ طرح سڀني واپرائيندڙن جا فيصلا، مال ناهيندڙن تي ظاهر ڪن ٿا تہ ڪين ڪهڙيون شيون ناهڻ گهرجن. مال ناهيندڙ، منافعي ڪمائڻ لاءِ اهو ڪجهہ ناهين ٿا، جيڪو پئسو خرچ ڪندڙ يا مال واپرائيندڙ گهرن ٿا.

عام طور، هيءُ نظام، سڀني ملڪي اقتصاديات جي پس منظر ۾، چڱيءَ طرح ۽ ڪاميابيءَ سان هلي ٿو. گذريل سالن ۾، جيئن جيئن واپرائيندڙن جون ضرورتون بدلبيون رهيون آهن - ريشم گهٽ ۽ نائلان وڌيڪ، ريلوي سفر ٿورو، ته هوائي سفر وڌيڪ، وڌيڪ تعداد ۾ وڏا وڏا مارڪيٽ ۽ ننڍيا سيڌي جا دڪان گهٽ، وغيره - تيئن تيئن مال جي پيداوار جو نمونو به ڦرندو رهيو آهي.

ٿوري ٿوري عرصي بعد، ڪن خاص حالتن ۾، بهرحال ڪي مسئلا ضرور پيدا ٿين ٿا. واپرائيندڙن ڪي ڪن وقتن تي، موجود مال جي جدا نمونن مان چوند ڪرڻ جي متعلق پوري ڄاڻ ڪا نه هوندي آهي. ايڏيون ته شيون ۽ سروسون وڪري لاءِ موجود هونديون آهن، جو اڪثر وقتن تي اهوفيصلو ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي ته انهن مان سيني ڪان سچ پچ بهترين شيءِ ڪهڙي آهي. ماڻهوءَ ڪي بهترين ڪار چوندي ڪڏڻ لاءِ انجنيئر هئڻ، ۽ بهترين صابڻ جي انتخاب ڪرڻ لاءِ هڪ ڪيمسٽ ٿيڻو پوندو. انهيءَ ڪان سواءِ، واپرائيندڙ ڪن وقتن تي محض عادت ڪان مجبور ٿي، يا هن ڪري جو سندن ڪنهن پاڙيسريءَ ڪين صلاح ڏني ته هيءَ يا هوءَ شيءِ سٺي آهي، يا ڇاڪاڻ ته ان جو ڪنهن رسالي ۾ يا ريڊيو تي اشتهار آيو هو، شيون خريد ڪري ڇڏيندا آهن. مطلب ته واپرائيندڙ، ڪن موقعن تي، پوريءَ ڄاڻ نه هئڻ سبب، پنهنجو پئسو عقلمنديءَ سان خرچ نه ڪندا آهن. ڪن حالتن ۾ اهو به امڪان آهي ته هو غلط اشتهار بازيءَ ڪري گمراهه ٿي پون ٿا.

هن باري ۾ واپرائيندڙ جڏهن ڪجهه خريد ڪري ٿو ته انتهائي عقلمنديءَ سان ڪري ٿو ۽ پنهنجي پئسي جي بدلي ۾ گهٽي ڪان گهٽو عيوضو حاصل ڪري ٿو. ان جا به طريقا آهن: هڪ اهو ته واپرائيندڙ ڪي بهتر قسم جي معلومات ۽ ڄاڻ هجي. ٻيو اهو ته حڪومت، سندس گهٽ ڄاڻ جي نتيجن ڪان سندس تحفظ ڪري. آمريڪا ۾ اهي ٻيئي طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا.

مال واپرائيندڙ کي هيءَ تعليم گهڻن طريقن سان ڏني وڃي ٿي ته هو پنهنجو پئسو زياده عقلمنديءَ سان خرچ ڪري. نوجوانن کي سياڻپ سان خريداري ڪرڻ جو سبق اسڪول ۾، ٿوڙي سندن والدين ڪان ملي ٿو. ڪي اهڙا رسالا به آهن، جيڪي خرچ ڪندڙ کي ضروري معلومات مهيا ڪن ٿا، جهڙوڪ: "ڪنزيومرس رپورٽس" ۽ "گڊ هائوس ڪيپنگ"وغيره. اڪثر روزانه

اخبارن ۾ هڪ مخصوص سيڪشن هوندو آهي، جنهن ۾ ڪاڌي ۽ ڪپڙي جي خريداريءَ تي بحث ٿيل هوندو آهي. وڏا وڏا ڪاروبار معلوماتي اشتهار پڻ جاري ڪندا آهن. ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي پڻ اهڙا پروگرام نشرڪيا ويندا آهن، ۽ ان ڪان سواءِ بہ جيئن جيئن عام تعليم جي سطح سالن گذرندي اُوچي ٿيندي وڃي ٿي، تيئن تيئن ماڻهن ۾ ڪوڙي اشتهار بازيءَ جي ڪشش ڪان بچڻ جي قوت وڌندي وڃي ٿي.

حڪومت پڻ، واپرائيندڙ جي حفاظت ڪري ٿي. مثال طور فيڊرل ٽريڊ ڪميشن طرفان غلط قسم جي اشتهار بازيءَ جي خلاف قاعدا منظور ڪيل آهن، "فوڊ اينڊ ڊرگ ائڊمنسٽريشن" جي تقاضا آهي تہ دٻن ۽ بوتلن اندر بند ڪيل ڪاڌي پيتي جي شين، دوائن ۽ آرائش جي سامان جو، ٻاهران لڳايل اشتهار تي بيان ڏنل هجي. "وُول لئبيلنگ ائڪٽ" ۾ چيل آهي تہ هر هڪ اوني ڪپڙي تي اهڙو ليبل لڳايو وڃي، جنهن ۾ هيءَ ڳالهہ واضح ڪيل هجي تہ اهو ڪپڙو سچو اُن جو ٺهيل آهي يا فقط منجهس ڪجهہ اُنَ مليل آهي. گوشت جي خالص هئڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ پڻ پهريائين ان جي چڱيءَ طرح چڪاس ڪري، پوءِ اُهو مارڪيٽ ۾ آندو ويندو آهي.

رياستي ۽ مڪاني حڪومتون بہ مال واپرائيندڙ جي حفاظت ڪن ٿيون. مثال طور، ڪئليفورنيا رياست ۾، گورنر جي آفيس ۾ واپرائيندڙ عوام جي مفاد جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙو آفيسر مقرر ڪيل آهي، جنهن کي"ڪنزيومرس ڪائونسل" چيو وڃي ٿو. مڪاني حڪومتن طرفان هوٽلن، مال جي واڙن، ۽ اهڙن ڪارخانن ڪان ، جتي ڪاڌو دٻن ۾ بند ڪيو وڃي ٿو، ۽ ٻين اهڙن ڪارخانن ڪان صفائيءَ جي خاص معيارن کي قائم رکڻ جي تقاضا ڪئي وڃي ٿي.

جيتوڻيڪ اهي سڀ ڳالهيون سٺيون آهن ، ان جي باوجود سڌاري لاءِ اڃا ڪافي گنجائش موجود آهي، مارچ 1962ع ۾ صدر ڪينڊيءَ ڪانگريس کي هڪ پيغام ڏنو هو، جنهن ۾ هن واپرائيندڙن جي تحفظ لاءِ وڌيڪ ڪجهہ تدارڪ ڪرڻ تي زور ڏنو هو. هن پنهنجي انهي پيغام ۾، ٻين ڳالهين ڪان علاوه، هيءُ ذڪر بہ ڪيو هو تہ حڪومت کي ڪاڌي پيتي جي شين ۽ دوائن جي پيداوار تي وڌيڪ اختيارات ڏنا وڃن، گوشت جي مٿان وڌيڪ سخت ضابطو هجي ۽ آرائش جي سامان جي پيداوار متعلق نوان قاعدا هئڻ گهرجن.

چاڪاڻ تہ آمريڪا ۾ نامڪمل رهيل ڪمن مان، اهو بہ هڪ آهي، جيئن جيئن مال واپرائيندڙ وڏيڪ سياڻو خريدار ٿيندو ويندو. تيئن تيئن اقتصادي نظام بهتر طريقي سان ڪم ڪرڻ جهڙو ٿيندو ويندو.

## 2- اقتصاد ۾ مزدور جو درجو

ٽئين باب ۾ اهوبڌايو ويو هو تہ پورهيتن کي سندن پورهئي جي انتخاب ۾ پوري آزادي حاصل آهي، ۽ سندن اها آزادي فقط مهارت ۽ لائقيءَ جي تقاضائن تائين محدود رهي ٿي، پورهئي جي متعلق مثالي صورتحال جيڪر هيءَ ٿئي جنهن ۾ پورهيتن کي سندن ڪم جي موقعن متعلق پوري معلومات حاصل هجي ۽ ضرورت پوڻ تي هڪ ڪان ٻئي ڪم طرف وڃڻ هنن لاءِ آسان هجي، ٿوري ۾. اهو چئي سگهجي ٿو تہ موجوده نظام عام طور چڱيءَ طرح هلي رهيو آهي، پر ڪيئي اهم مسئلا اجا بہ حل طلب آهن. مثال طور. آمريڪا ۾ نامڪمل ڪم جو هڪ نهايت اهم حصو. حبشي شهرين لاءِ ڪم جي مساوي موقعن جي مهيا ڪرڻ جو ڪم آهي، عدالتون. گذريل ڪن سالن کان وٺي، انهن حدبندين کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ پنيان ٻيو اهم فيصلو ڏينديون رهيون آهن. وفاقي حڪومت انهي رخ ۾ پڻ پنهنجو اثر ۽ رسوخ استعمال ڪري رهي آهي ۽ ڪيترين رياستن ۾. اقليتي گروهن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ"فيئر ايمپلائمينٽ پرئڪٽسز ڪميشنون" قائم ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه. ڪيئي خانگي ادارا انهي ميدان ۾ اهم تعليمي ڪم ڪري رهيا آهن.هيءَ حقيقت آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ گهٽي ڪجهہ ڪرڻ جي ضرورت باقي آهي.

آمريڪا ۾. سڄي ملڪ جي سطح تي. جيڪي وڏي کان وڏا مسئلا آهن. تن مان هڪ هن باري ۾ خاطري ڪرڻ آهي تہ پورهيت اهڙين ايراضين ۽ اهڙين صنعتن کان . جتي سندن ضرورت ناهي،اهڙين ايراضين ۽ صنعتن ڏانهن وڃن. جتي ۽ جن ۾ سندن ضرورت آهي، اهو ڪم اڪثر حالتن ۾ ڏاڍو مشڪل آهي،چاڪاڻ تہ ماڻهوءَ کي ملڪ جي ٻين علائقن ۾ ڪم جي موقعن جي موجودگيءَ متعلق هميشہ ڄاڻ ڪانہ هوندي آهي، يا وٽس سفر جو خرچ نہ هوندو آهي يا وري ڪيس نئين ڪم لاءِ گهربل پوري مهارت ميسر ڪانہ هوندي آهي.

ان باري ۾ هڪ مثال. الهندي ورجينيا جي رياست آهي، جتي هزار ها ماڻهو ڪوئلن جي کاڻين ۾ ڪم ڪندا رهيا. جيسين قوم جي صنعتن ۾ جيئن

پوءِ تيئن وڏيڪ تيل ۽ قدرتي گيس جو استعمال ٿيڻ لڳو. ان وقت ڪوئلي جي ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ ڪيئي مزدور بيروزگار ٿي پيا. هن خاص حالت ۾، وفاقي حڪومت انهن مزدورن کي نئين سر، نون نون ڪمن ۾ تربيت ڏيڻ، ۽ ڪين ملڪ جي بين اهڙن حصن ڏانهن منتقل ڪرڻ جي خرچ برداشت ڪرڻ جو پروگرام بنايو آهي، جتي انهن لاءِ روزگار جا ذريعا هجن.

مستقبل ڏانهن نظر ڪندي، معلوم ٿئي ٿو تہ آمريڪا لاءِ وڏي ڪان وڏن مسئلن مان هڪ ، ڪارخانن ۾ جيئن پوءِ تيئن اهڙين نين مشينن آڻڻ ۽ لڳائڻ جو ٿيڻو آهي، جن جي نتيجي ۾ اڳي ڪان گهٽ ماڻهن جي ضرورت محسوس ٿيندي. ڊگهي عرصي ۾ تہ ائين ٿيندو تہ ملڪي اقتصاد انهن نين مشينن جي ذريعي وڏيڪ پيداوار ڪندو. پر ٿوري عرصي لاءِ اهڙن ماڻهن لاءِ نوان ڪم تلاش ڪرڻا پوندا.جيڪي ايئن ڪم ڪان فارغ ٿيندا رهندا. مزدورن جون جماعتون، ڪاروباري اڳواڻ ۽ حڪومت انهي مسئلي تي گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن، چاڪاڻ تہ اڳتي هلي، انهن نين مشينن جي ڪري اقتصاد ۾ جيڪو واڌارو ممڪن ٿيندو، سو خودبخود نوان نوان ڪم پيدا ڪندو.

هڪ ٻيو مسئلو، جيڪومسلسل نگهداري گهري ٿو، سو مزدور-منتظمين جي باهمي تعلقات جو آهي، هڙتالون، ڪم بند ڪرڻ، هڪ دستور نہ ، پر اتفاقي حالت جي حيثيت رکن ٿيون. ان جي باوجود، هن مسئلي جو اجا ڪو بہ جواب ڪو نہ لڌو ويو آهي تہ جڏهن هڙتال ڪنهن لازمي صنعت تي اثرانداز ٿئي، جهڙوڪ شهر ۾ هلندڙ بسون وغيره، تہ ان صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي، ڪميونسٽ يا فسطائي ملڪ ۾، البت هڙتالن تي پابندي وجهي سگهجي ٿي، پر هڪ جمهوري ملڪ لاءِ اهو جواب ناهي، انهي مسئلي جو موزون جواب هيءُ ئي ٿي سگهي ٿو تہ ٻنهي ڌرين کي ناهہ تي اچڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي.

## 3- ڇتا پيتيءَ ۾ هڪ هٽي

ٽئين باب ۾، آمريڪي اقتصاديات ۾ وڏي پيماني واري ڪاروبار جو ڪردار زير بحث آيو هو، اهو ڏٺو ويو هو تہ جيتوڻيڪ پيداوار جي ڪن ٿورين صنعتن ۾، ڪي ٿورائي وڏا ڪاروبار موجود آهن، ان جي باوجود انهن ۾ ايترقدر گهڻي ڇتا پيتي آهي، جنهن جو ڪن ٿورن ماڻهن کي احساس آهي، اها ڇتا پيتي، متبادل شين ناهڻ ذريعي، مال کي بهتر بنائڻ جي رستي، ۽ زياده

وسيع سطح تي مال واپرائيندڙ عوام جي ڊالرن هٿ ڪرڻ لاءِ هر قسم جي پيداواري صنعت ۾ موجود آهي. مقابلي جو اهو وسيع نمونو، عام ماڻهن کي هڪ هٽيءَ جي گرفت کان محفوظ رکي ٿو. انهن کان سواءِ، جيئن مٿي ڏنو ويو، حڪومت ڪيترن وڏن ڪاروبارن کي قانون جي حدن اندر هلائي ٿي، ۽ خلاف ورزي ڪندڙن جي خلاف ، هڪ هٽي ٽوڙ قاعدا استعمال ڪري ٿي.

پر هيءَ دعوا ايمانداريءَ سان نٿي ڪري سگهجي ته آمريڪا ۾ هڪ هٽيءَ جو مسئلو ڪونهي، هر سال، عدليه جو ڪاتو کي نوان نوان ڪيس ڳولي ڪڍي ٿو ۽ انهن کي روڪڻ ۽ ڏوهارين کي سزائن ڏيڻ لاءِ چر پر ۾ اچي ٿو. آمريڪي اقتصاد کي اڃا به "ڪاروبار جي پوليس واري" جي ضرورت باقي آهي، جيتوڻيڪ هن وقت اڳين سالن کان وڌيڪ بهتر صورتحال آهي. پر ڪو به سچي اقتصادي نظام کي ڪن ٿورن غلطڪار ماڻهن جي ڪري، ناڪاره ثابت نٿو ڪري سگهجي.

### 4- نتيجا

آمريڪي اقتصاديات جي مهارت ۽ قابليت متعلق هن سڄي بحث مان جيڪو نتيجو نڪري ٿو، سو هيءَ آهي ته سراسري طور هيءُ اهو اقتصادي نظام آهي، جيڪو ان جي سائيز ۽ پيچيدگيءَ جي باوجود، نهايت سٺي نموني ۾ هلي رهيو آهي، پر آمريڪين کي اهو احساس آهي ته پيسي خرچ ڪندڙ جي چال چلت، پورهيتن جي هڪ کان ٻئي ڪم طرف نقل و حمل، هڙتال، مزدور- منتظمين جي باهمي تعلقات، زراعت ۽ وڏي پيماني وارن ڪاروبارن سان واسطو رکندڙ ڪيئي مسئلا حل طلب آهن، هي اهي اقتصادي مسئلا آهن، جن تي آمريڪي باشندا بحث مباحثو ڪري رهيا آهن ۽ جن کي اهي جمهوري طريقن ۽ دستورن سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

## اقتصادي تحفظ

هاڻي، اقتصادي تحفظ جي مسئلي ڏانهن رخ ڪندي، اهو معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته آمريڪي اقتصاد، پنهجن شهرين کي جديد زندگيءَ جي اقتصادي خطرن ۽ انديشن کان سلامت رکڻ ۾، جن ۾ آمدنيءَ جو بند ٿي وڃڻ، بيماري، حادثا ۽ پيرسني شامل آهن، ڪيتريقدر خوبيءَ سان ڪم ڏئي ٿو.

آمريڪا ۾ اقتصادي تحفظ جي مقصد حاصل ڪرڻ جي ٽن سطحن تي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي:شخصي، خانگي- اجتماعي عمل ۽ سرڪار. گذريل ڪن سالن اندر گهٽائي اهم قدم کنيا ويا آهن. انهن جي نتيجي ۾ ، سراسري طور هڪ رواجي آمريڪي شهري اڳي کان گهٽي قدر وڏيڪ محفوظ زندگي گذاري ٿو. پر هتي وري به ڪجھ نامڪمل ڪم رهيل آهن.

## 1- پنهنجو پاڻ تحفظ حاصل ڪرڻ

آمريڪا ۾ماڻهن شروع کان وٺي اهو محسوس ڪيو آهي تہ ماڻهوءَ جي پهرين ذميداري پنهنجي خيرگيري ڪرڻ ۽ ڪٽنب ڪي پالڻ آهي. آمريڪي ٻارن کي اسڪولن خواهہ گهرن ۾ سنڌن والدين طرفان اهو سبق مليو ٿو. انهن کي هي بہ سيڪاريو وڃي ٿو تہ آمريڪا ڪليل اقتصادي ميدان ۽ موقعي جو هڪ ملڪ آهي، اتي، هڪ نوجوان محنت ڪرڻ سان سٺي آمدني ڪمائي سگهي ٿو ۽ آسودي ۽ خوشحال زندگي گهاري سگهي ٿو. اهو موقعواجا سڀ لاءِ موجود آهي. جيئن اسان هن کان اڳي مزدور جي ڪردار تي بحث جي دوران معلوم ڪيو هو، ماڻهن جي اڪثريت يقيناً وڏيون آمدنيون ڪمائي ٿي، جيڪي ڪين سٺن گهرن، زندگيءَ جي ضروريات ۽ ڪجھ قدر تفريح ۽ عيش جي سامان رکڻ جي اجازت ڏين ٿيون. انهن آمدنين مان اهو ٻڍاپي ۽ هنگامي ضروريات لاءِ ڪجھ بچائي بہ سگهن ٿا.

هيءُ جو آمريڪي ماڻهن جي اڪثريت کي گهٽي قدر اقتصادي تحفظ حاصل آهي، تنهن جو سبب اهو آهي، جو آمريڪي اقتصادي نظام ڪامياب ۽ ڪافي پيداوار ڪندڙ يا اُپت ڪندڙ آهي. شهرين جي لاءِ سٺي زندگيءَ جي گذاري واسطي ڪافي پيداوار ڪئي وڃي ٿي ۽ اڪثر ماڻهن واسطي پنهنجي لاءِ آمدنيءَ جي خاصي حصي ڪمائڻ جا موقعا موجود آهن.


## 2- خانگي اجتماعي وسيلن سان تحفظ حاصل ڪرڻ

سراسري طور هڪ شهري عزت ڀري زندگي گذارڻ لاءِ ڪافي پئسو ڪمائي ٿو ۽ پنهنجي حالت کي سڌارڻ ۽ بهتر بنائڻ جو ڪيس موقعو ميسر رهي ٿو. بهرحال، اهو بہ سچ آهي تہ جديد زندگيءَ ۾ ڪيئي غيرمتوقع واقعا رونما ٿي سگهن ٿا. بيماري، ٻاهہ، حادثو ۽ اهڙا ٻيا واقعا. انهن هنگامي حالات کي منهن ڏيڻ لاءِ هر هڪ ماڻهو انفرادي طور ڪافي پئسو نٿو بچائي

سگهي. نتيجي طور، اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ، گهٽ ۾ گهٽ ٿي خانگي - اجتماعي رٿائن جو انتظام ڪيو ويو آهي.

خانگي ويمو آمريڪي اقتصاد جو هڪ اهم حصو آهي. ذري گهٽ هر آمريڪي باشندي پاڻ کي ۽ پنهنجي خاندان کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن قسم جو ويمو خريد ڪيو آهي. آمريڪي شهري پنهنجن گهرن لاءِ باهه جو ويمو، پنهنجن موٽر گاڏين لاءِ حادثن جو ويمو، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه پنهنجي لاءِ زندگيءَ جو ويمو خريد ڪن ٿا. زندگيءَ جو ويمو، ماڻهوءَ جي خاندان، ۽ پڻ پنهنجي ٻڍاپي لاءِ سلامتي مهيا ڪرڻ جو هڪ اهم طريقو آهي. هر سال لکن ڪروڙن ڊالرن جي قيمت جون پاليسيون خريد ڪيون وينديون آهن. جڏهن خاندان جو ڪمائيندڙ مرد پوڙهو ٿئي ٿو، تڏهن ڪيس هڪ قسم جي خانگي پينشن، جنهن کي "سالينو" سڏيو وڃي ٿو، هر مهيني ۾ ملي سگهي

Ways of Providing Economic Security




(اقتصادي تحفظ مهيا ڪرڻ جا طريقا)

تو. جيڪڏهن هو مري تو، ته ويمي ڪمپني سندس ڪفن دفن جو خرچ پري ٿي، سندس بيوه ۽ ٻارن کي هر ماهه ڪجهه رقم ڏئي ٿي. ۽ ايتريقدر جو اها انهيءَ بئنڪ کي به پئسا پري ڏيندي، جنهن فوتيءَ جي گهر ناهڻ لاءِ قرض طور رقم ڏني هوندي.

خانگي ويمي جو هڪ نهايت اهم نمونو هيءُ به آهي، جو گهڻن شهرين جي طبقي ۽ اسپتالي خرچن جو پورائو ڪري ٿو. ڪي اهڙيون جماعتي رٿائون آهن، جن مطابق ماڻهو هڪ خانگي فنڊ ۾ هر مهيني ٿورا پيسا ويسيءَ طور پري ٿو. جيڪڏهن کين ڊاڪٽر جي ضرورت پوي ٿي، يا کين اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پوي ٿو ، ته سندن اڪثر بل انهي فنڊ مان پريا وڃن ٿا. انهن سيني ۾ وڏي ڪان وڏي فنڊ کي "بلو ڪراس رٿا" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ڪروڙين ماڻهو انهيءَ خواهه ڪن ٻين رٿائن ۾ شامل آهن.

خانگي ويمي ڪان علاوه، ٻيون به ڪيئي اهڙيون خانگي رٿائون آهن، جي ماڻهن کي اهڙي وقت "پينشن" جي نالي سان ماهانا رقمون ڏين ٿيون، جڏهن اهي ڪم ڪرڻ ڪان پيرسنيءَ سبب لاچار ٿي پون ٿا. پينشنن ڏيڻ جي اهڙين رٿائن جو انتظام مزدورن جي جماعتن طرفان ڪيو وڃي ٿو. ٻيون اهڙيون رٿائون وري مالڪن جي طرفان به هلايون وڃن ٿيون. آمريڪا ۾ ذري گهٽ هر هڪ وڏي ڪاروبار وٽ، ڪنهن نه ڪنهن طرح جي پينشن جي رٿا آهي ئي آهي. انهن مان گهڻين ۾، مزدور طرفان ٿورا پيسا وڌا وڃن ٿا، جن ۾ مالڪ طرفان اوترائي وڌيڪ پيسا وجهي، هڪ فنڊ ۾ جمع ڪيا وڃن ٿا. اهڙي فنڊ جو انتظام گهڻو ڪري هڪ ڪاميٽي ڪندي آهي، جيڪا مزدورن ۽ مالڪن، ٻنهي جي نمائندگي ڪندي آهي، جڏهن به ڪو مزدور ڪم ڪرڻ ڪان رٽائر ڪندو آهي، تڏهن کيس انهيءَ فنڊ مان پينشن ڏني ويندي آهي.

"يونائيٽيڊ مائين ورڪرس" (ڪوئلن جي ڪاڻين ۾ ڪم ڪندڙن جي جماعت) کي ڪيئي پنهنجون اسپتالون آهن، جن کي اها هلائي ٿي، پگهاردار ڊاڪٽر رکي ٿي، ۽ اهڙين ڪاڻين جي ڪم ڪندڙن کي پيسا ڏئي ٿي جيڪي بيماريءَ يا ڪنهن حادثي سبب ڪم ڪرڻ جهڙا نٿا رهن. انهن ڪمن لاءِ گهربل پيسو يونين هڪ اهڙي فنڊ مان حاصل ڪندي آهي، جنهن ۾ ڪاڻ جامالڪ ڪاڻ مان نڪرندڙ في ٽن ڪوئلي جي حساب سان ڪجهه مقرر ٿيل رقم وجهندا ويندا آهن.

لباس ناهيندڙ ڪارڪنن جي بين الاقوامي جماعت (انٽرنيشنل ليڊيز گارمينٽ ورڪرس يونين) مردن ۽ عورتن جي اها جماعت آهي، جيڪا زنانہ ڪپڙا ناهيندي آهي هيءَ جماعت ملڪ جي جابلو علائقن ۾ هوٽلن جو بندوبست رکي ٿي، ان جا ميمبر مزدور ٿورن پئسن پڻ سان رهي سگهن ٿا ۽ اتي پنهنجو ڪم جاري رکي سگهن ٿا. اها جماعت پيرسن ميمبرن لاءِ گهر پڻ مهيا ڪري ٿي، جيڪي وڏيءَ عمر سبب وڌيڪ عرصي لاءِ ڪم ڪرڻ جهڙا نٿا رهن.

پر آمريڪا ۾ اڪثر ماڻهو سمجهن ٿا تہ فقط اهي خانگي رٿائون ڪافي ناهن. اهو ئي سبب آهي، جو هن ميدان ۾ ڪي سرڪاري رٿائون پڻ عمل هيٺ آيل آهن، اها آمريڪا جي هڪ روايت آهي تہ اتان جا ماڻهو اڳ ۾ اهو ڏسندا آهن تہ هو پاڻ ڪنهن خاص ڳالھ جي حاصلات لاءِ پنهنجي سر پاڻ ڇاڇا ڪري سگهن ٿا. فقط ان کان پوءِ ئي، هو پنهنجي حڪومت کي انهيءَ معاملي ۾ شامل ڪندا آهن.

## 3- وڌيڪ تحفظ لاءِ سرڪاري عمل

آمريڪا ۾، وڌيڪ اقتصادي تحفظ لاءِ، وفاقي، رياستي ۽ مڪاني حڪومتون گهڻو ڪجھ ڪن ٿيون، ڪي رٿائون گهڻن سالن جون پراڻيون آهن، پر جيڪي ڪجھ سرانجام ڪيو ويو آهي، تنهن مان گهڻي قدر گذريل ٽيهن سالن اندرئي عمل ۾ آندو ويو آهي.

آمريڪا جي پنجاھ رياستن مان هر هڪ وٽ بيروزگاريءَ جي معاوضي ۽ معذور مزدورن جي امداد جون رٿائون عمل ۾ آهن، بيروزگاريءَ جي معاوضي واريءَ رٿا هيٺ، روزگار ڏيندڙ ادارا هر مهيني هڪ ٽيڪس ڀريندا آهن، جيڪا هڪ فنڊ ۾ ويندي آهي، جنهن مان اهڙن مزدورن کي هفتيوار پئسا ڏنا ويندا آهن، جيڪي ڪم کان خارج ٿيل هوندا آهن، مزدور کي اهي پئسا سرڪاري آفيس مان ملندا آهن، جتي ڪيس ٻيءَ نوڪريءَ ڳولڻ ۾ پڻ مدد ڪئي ويندي آهي. مزدورن جي معذوريءَ واريءَ رٿا جا پيسا بہ ڪم ڏيندڙن وٽان ايندا آهن، جيڪڏهن ڪو مزدور ڪم ڪندي ڪنهن مشين هٿان زخمي ٿي پوي ٿو، تہ ان لاءِ ڪيس هفتيوار پئسا ملندا آهن، جيستائين هن کي اهڙيءَ امداد جي ضرورت آهي.

انهن ٻن رٿائن کان علاوه، سيني رياستي حڪومتن وٽ بيواهہ زالن، يتيمن، اکين کان معذور ۽ ٻين اهڙن پورهيتن کي مدد ڪرڻ جا پروگرام آهن، جيڪي اٽانگي وقت ۾ آيل هوندا آهن. مڪاني حڪومتن وٽ بہ اهڙائي

پروگرام زيرعمل رهن ٿا.سڄي آمريڪا ۾، رياستي ۽ مڪاني حڪومتن طرفان هلندڙ اسپتالون قائم آهن، جتي اهڙن ماڻهن کي مفت طبي امداد ملي ٿي، جن وٽ پنهنجو پئسو ڪو نہ هوندو آهي.

وفاقي حڪومت شهرين کي ٻڍاپي جي پينشن ڏيڻ جو هڪ وڏو قومي پروگرام هلائي رهي آهي، ماڻهو پنهنجي ڪم ڪرڻ واريءَ عمر ۾، هر هفتي ٿوري ٽيڪس ڀريندو آهي ۽ سندس مالڪ بہ . جڏهن ڪم ڪندڙ پنجهٺ ورهين جي ڄمار کي پهچي ٿو(يا ڪڏهن ڪڏهن ان کان اڳ ۾ بہ) تڏهن کيس پينشن ڏني ويجي ٿي.جيڪڏهن ڪم ڪندڙ مري وڃي ٿو تہ ان صورت ۾ سندس زال ۽ ٻارن کي پينشن ڏني وڃي ٿي، اها رٿا، آمريڪا وارن وٽ "سماجي تحفظ" جي نالي سان مشهور آهي.

اڪثر پورهيت سماجي تحفظ واري رٿا هيٺ آيل آهن، جيتوڻيڪ منجهانئن ڪي حڪومت جي ڪن ٻين رٿائن کان مستفيد ٿين ٿا، جيڪي سماجي تحفظ واريءَ رٿا جي شروع ٿيڻ کان اڳي ئي سندن حالت ۾ عمل ۾ اچي چڪيون هيون. مثال طور، اسڪولي ماسترن کي رياستي پروگرامن هيٺ پينشن ملندي آهي، پر سرڪاري ملازمن ۽ ريلوي ملازمن کي ٻيون اهڙيون پنهنجون رٿائون پڻ آهن.

انهن سڀني رٿائن کان سواءِ، آمريڪا ۾ حڪومت ماڻهن کي اقتصادي جوکي کان محفوظ رکڻ لاءِ ٻيون بہ ڪيئي ڳالهيون ڪري ٿي. انهن مان ڪن جو ذڪر هن کان اڳين بابن ۾ ڪيو ويو آهي. مثلاً: ماڻهوءَ جي بئنڪ ۾ امانت رکيل پئسن جو وفاقي حڪومت تحفظ ڪري ٿي. آبادگارن کي قدرتي آفتن سبب سندن فصلن جي تباهہ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ سندن فصلن جو سرڪاري طور ويمو ٿيل هوندو آهي. حڪومت، آبادگارن لاءِ سٺي آمدنيءَ جي خاطري ڪرڻ لاءِ، زرعي پيداوار جي شين جي قيمتن کي گهٽي قدر هيٺ ڪِرڻ کان روڪيندي آهي. ٻيون پڻ ڪيئي اهڙيون ڳالهيون آهن - ايتريون، جو انهن سڀني جو هت ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي.

## 4- آئيندي تي نگاهہ

آمريڪي ماڻهو اڄ معقول حد تائين محفوظ زندگيون گذاري رهيا آهن، پر هن ميدان ۾ پڻ اڃا ڪي حل طلب مسئلا موجود آهن. هڪ مسئلو، جنهن تي هن

وقت ڪانگريس ۾ عام ماڻهو بحث مباحثو ڪري رهيا آهن، سو هيءُ آهي تہ "سماجي تحفظ" هيٺ پيرسن شهرين کي پوريءَ طور اسپتالي ۽ طبي حفاظت مهيا ڪري ڏني وڃي. ان جي معنيٰ اها ٿيندي تہ پنجهٺ سالن جي ڄمار کان مٿي عمر وارن پيرسن شهرين جا اسپتالي ۽ ڊاڪٽري بل حڪومت طرفان ٽيڪس جي رقم مان ڀريا ويندا. جيڪڏهن آمريڪا ۾ ائين ڪيو ويو تہ ممڪن آهي تہ اڳتي هلي، اهو نهراءُ پيش ڪيو وڃي تہ سيني شهرين کي انهيءَ پروگرام جي دائري ۾ آندو وڃي، جهڙيءَ طرح اڄ برطانيا ۽ نيوزيلينڊ ۾ ٿي رهيو آهي.

جيتوڻيڪ سڀ آمريڪي شهري هن باري ۾ متفق آهن تہ سيني شهرين کي موزون اسپتالي ۽ ڊاڪٽري امداد ڏني وڃي، پر ان هوندي بہ هن باري ۾ اجا تائين گهڻو اختلاف آهي تہ اهو سيڪجهہ ڪهڙي نموني سان، بهترين طريقي سان سرانجام ڪيو وڃي. ڪيئي ڊاڪٽر ۽ ٻيا ماڻهو سمجهن ٿا تہ اهو ڪم نهايت سهڻي نموني پلي خانگي رٿائن جي ذريعي ٿي سگهندو. جهڙوڪ "بلو ڪراس رٿا"، جنهن جو هن کان اڳي ذڪر ٿي آيو آهي. سندن خيال آهي تہ حڪومت فقط اهڙن ماڻهن جا بل ڀري، جيڪي پاڻ نٿا ڀري سگهن. ڪي ٻيا ماڻهو وري هن راءِ جا آهن تہ انهيءَ مسئلي کي بہ گهڻي ڀاڱي، اهڙيءَ طرح نپايو وڃي، جهڙيءَ طرح تعليم، بيروزگاريءَ جي معاوضي ۽ ٻڍاپي ۾ پينشن وارن مسئلن کي حل ڪيو وڃي ٿو. يعني، حڪومت جي وسيلي سان. آمريڪي ماڻهو هن مسئلي کي بہ آزاد جمهوري بحث مباحثي جي ذريعي حل ڪندا، جيئن انهن هن کان اڳي بہ ڪيترن ٻين مسئلن کي حل ڪيو آهي.

آخر ۾، هيءَ ڳالهہ محسوس ڪرڻ گهرجي تہ هڪ آزاد معاشري ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ بي اطميناني ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ جوکو ضرور رهندو. جيسين ماڻهو پنهنجن فيصلن ڪرڻ لاءِ آزاد هوندا، تيسين انهن مان ڪي ضرور ڪي نہ ڪي غلطيون ڪندا. انهيءَ حالت ۾ معاشرو جيڪي ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪي ان آمريڪا ۾ ڪيو آهي، سو هيءُ آهي تہ اهڙين حالتن ۾ هميشہ اجتماعي فيصلو ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن ماڻهن کي اهڙن معاملن ۾، جن تي ڪين انفرادي حيثيت ۾ ڪو ضابطو ڪونهي، گهڻو نقصان برداشت نہ ڪرڻو پوي. اهڙن اجتماعي انتظامن منجهان ڪي وري بہ خانگي هوندا، جهڙوڪ "بلو ڪراس رٿا". ٻين جي رٿابندي حڪومت طرفان ڪئي ويندي، جهڙيءَ طرح "سماجي تحفظ جي رٿا".

# اقتصادي انصاف

اڪثر ماڻهو انصاف جو تصور ڪن مقرر ٿيل اخلاقي اصولن جي مطابق، ڪن ڳالهين جي صحيح، ۽ ڪن جي غلط هئڻ جي صورت ۾ ڪندا آهن. جيئن ئي معاشرو پنهنجن اخلاقي اصولن کي اقتصادي زندگيءَ سان لاڳو ڪري ٿو، تيئن ئي ماڻهو اهو فيصلو ڪن ٿا ته ڪي ڳالهيون چڱيون آهن ته ٻيون خراب. آمريڪا جي متحده رياستن جا ماڻهو ٻه ٻين ملڪن جي باشندن وانگر، خراب ڳالهين کي سڌارڻ ۽ درست ڪرڻ چاهين ٿا.

جڏهن ٻه ڪو آمريڪي باشندو ڪا اهڙي ڳالهه ڏسي ٿو، جا سندس انصاف جي نظرين سان ٽڪر کائي ٿي، تڏهن هن ڳالهه جو امڪان آهي ته هو ائين چوندو ته هن باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه "ٿيڻ گهرجي." هن اها ڳالهه آمريڪي تاريخ جي دوران ۾ ڪيئي ڀيرا دهرائي آهي ۽ ان جي نتيجي طور ڪيئي سڌارا عمل ۾ اچي چڪا آهن. انهن سڌارن مان گهڻن تي هن ڪتاب ۾ بحث ٿي چڪو آهي. سماجي تحفظ، غلط اشتهار بازيءَ تي ضابطو، بهتر قسم جون رهائشي جايون ۽ تعليم ۽ ٻيون ٻه گهڻي ئي اهڙيون ڳالهيون – انهن جي هتي دهرائڻ جي ڪا خاص ضرورت ڪانهي.

جنهن ڳالهه تي هتي ٻيهر زور ڏيڻ گهرجي، سا هيءَ آهي ته آمريڪي ماڻهو پنهنجن اقتصادي ۽ سماجي مسئلن کي ٻن نمونن ۾ نباهيندا آهن. خانگي عمل ذريعي ۽ سرڪاري عمل وسيلي. ڪنهن وڏي آمريڪي شهر جي ٽيليفون ڪتاب تي نگاهه ڦيرائيندي، ماڻهوءَ کي ڪيئي اهڙيون خانگي ڪاميٽيون ۽ ادارا نظر تي چڙهندا، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه کي سڌارڻ يا ڪنهن کي مدد ڏيڻ جي مقصد سان قائم ڪيا ويا آهن. هر شهر ۾، اسڪولن کي سڌارڻ، شهرن کي وڌيڪ خوبصورت بنائڻ، پيرسن ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ هر قسم جي خيراتي ڪمن لاءِ شهرين جون جماعتون موجود آهن.

آمريڪي باشندا خانگي طرح ٿيندڙ خيراتي ڪم تي فخر ڪن ٿا، جيڪو بيماريءَ جي پاڙ پٽڻ، انڌن ۽ لولن لنگڙن، بيواهه زالن ۽ يتيمن، ۽ اهڙن ماڻهن جي مدد لاءِ ڪيو وڃي ٿو، جن جا گهر ڪنهن باهه يا ٻوڏ ۾ ضايع ٿي ويا آهن.

اهو ڪم سمنڊ پار ٻين ملڪن ۾ پڻ ٿي رهيو آهي. انهيءَ جو هڪ وڏو مثال، جيڪو اڄ کان ڪيئي سال اڳ ٿي گذريو هو، انهيءَ صورت سان ٿيو هو،

جنهن ۾ آمريڪا جي خانگي ادارن روسي انقلاب واري زماني ۾ سوويت يونين جي فاقہ ڪش عوام کي کائڻ لاءِ خوراڪ پهچائي هئي.

اڄ، آمريڪي باشندا، ڪروڙين ڊالر پنهجي خوشيءَ سان اهڙن ادارن کي ڏيئي رهيا آهن، جهڙوڪ: "ڪيئر"، وغيره. اهو ادارو سڄيءَ دنيا جي اڌ ڊاول ماڻهن ۾ ، جن ۾ ڪميونسٽ ملڪن جا ماڻهو پڻ شامل آهن، ڊاڪٽري اوزار، ڊاڪٽري ضرورت جون شيون ۽ کاڌو پيتو پهچائي ٿو. آمريڪي ماڻهو اقوام متحده جي ٻارن واري فنڊ ۽ ٻين گهٽين خانگي خواهہ سرڪاري جماعتن جي پڻ حمايت ڪن ٿا، جيڪي دنيا ۾ هر هنڌ، هر ملڪ جي ٻارن جي مدد ڪن ٿيون. آمريڪين جو اعتقاد آهي تہ مشترڪ انسانيت سياسي اختلافن کان گهٽو گهٽو اوچي ۽ اهم آهي.

ظاهر آهي تہ حڪومت کي پڻ اقتصادي انصاف جي مفادن لاءِ کي ڳالهيون ضرور پوريون ڪرڻيون پون ٿيون. اهو ئي سبب آهي، جو شهرن مان ڪچين جاين ۽ جهوپڙين وغيره کي صاف ڪرڻ لاءِ وفاقي، رياستي ۽ مڪاني حڪومتن وٽ رهائشي جاين ناهڻ جا پروگرام آهن. اهو ئي سبب آهي جو رياستي حڪومتون بجليءَ، گئس ۽ ٽيليفون سروسز جي قيمتن کي قانون اندر هلائين ٿيون، تہ جيئن اهي(قيمتون) مال ناهيندڙ خواهہ پئسي خرچيندڙ، ٻنهي لاءِ "منصفانہ" ثابت ٿين.

جيڪي ماڻهو سرمائيداري نظام هيٺ رهن ٿا، سي ٻئي ڪنهن کان بہ مختلف ڪينهن.اهو سچ ناهي تہ اهي ماڻهو فقط مادي شين سان دلچسپي رکن ٿا ۽ اهي محض پئسي خاطر سڀ ڪم ڪن ٿا. زندگيءَ جي سيني عملي پهلوئن جي ٻاهرينءَ سطح هينان - ۽ آمريڪي ماڻهو تمام عملي قسم جا آهن- - زبردست نظريات موجود آهن - آمريڪي ماڻهو، دنيا جي سيني ٻين ماڻهن وانگر، پنهنجن همساين کي مصيبتن جي وقت مدد ڪرڻ جا قائل آهن. اهي بہ، ٻين ماڻهن وانگر، هڪ بهتر دنيا جا خواب ڏسن ٿا. هتان جي ماڻهن جي هلت چلت، ۽ سرڪاري خواهہ غير سرڪاري جماعتن طرفان اقتصادي انصاف ڪرڻ لاءِ جيڪي سرگرميون ٿي رهيون آهن، سي انهيءَ ڳالهہ جو واضح ثبوت آهن.

# اقتصادي ۽ سياسي آزادي

دنيا جي ٻين ملڪن وانگر، آمريڪي باشندا پڻ، نہ فقط اقتصادي ترقي، استحڪام، مهارت، سلامتي ۽ انصاف چاهين ٿا، پر انهن سيني ڳالهين سان گڏ، هو اقتصادي ۽ سياسي آزاديءَ جا بہ خواهان آهن. "مادي مال و اسباب پنهنجي ليکي ڪابہ معنيٰ نٿو رکي، جيڪڏهن ماڻهوءَ کي ذهني آزادي حاصل ناهي." ان جي باوجود، جيئن هن باب جي شروعات ۾ چيوسون، سياسي آزاديءَ سان گڏ اقتصادي آزادي ۽ اقتصادي موقعا بہ هئڻ گهرجن. انهيءَ سلسلي ۾ آمريڪي اقتصاديات متعلق ڪهڙي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي؟

هن سڄي ڪتاب جو مول مقصد اهو ئي رهيو آهي تہ معلوم ٿئي تہ آمريڪا ۾ نهايت اعليٰ درجي جي اقتصادي ۽ سياسي آزادي موجود آهي. چونڊون وفاقي، رياستي ۽ مڪاني سطحن تي پنهنجن مقرر وقتن تي باقاعدگيءَ سان ٿين ٿيون. انهن چونڊن ۾ ووٽرن کي مختلف سياسي جماعتن جي اميدوارن مان چونڊ ڪرڻ جي آزادي رهي ٿي. اخبارن جي آزادي ، تقرير جي آزادي ۽ عبادت جي آزادي، اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جو معاشري ۾ مضبوط بنياد ٻڌجي چڪو آهي، قانون، طاقتورن ڪمزورن، ٻنهي جو هڪجهڙو تحفظ ڪري ٿو. خصوصاً گذريل چند سالن دوران، ملڪ جون عدالتون حبشي شهرين کي هڪجهڙن حقن ڏيارڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪنديون رهيون آهن. ٻين ملڪن جي ماڻهن سيني آمريڪي شيدين کي پوريءَ ريت هڪجهڙن موقعن ميسر نہ هجڻ تي بلڪل واجبي طور نڪتہچيني پئي ڪئي آهي، پر انهيءَ صورتحال تي خود آمريڪي باشندن جي اڪثريت ٻين ماڻهن کان وڌيڪ رنجيده آهي. انهيءَ حالت ۾ تيزيءَ سان سڌارو ٿي رهيو آهي، پر ڪو بہ هن حقيقت کان انڪار نہ ڪري سگهندو تہ هن سلسلي ۾ اڃا گهڻو ڪجهہ ڪرڻو پيو آهي.

آمريڪي ماڻهن جا گهڻا بنيادي حق ۽ آزاديون ملڪ جي اعليٰ ترين قانون ۾ - آمريڪي آئين جي ترميمن جي صورت ۾- داخل ڪيون ويون آهن.

1- ڪانگريس ڪنهن بہ مذهب جي قيام، يا ان جي آزادانہ پيرويءَ تي ڪنهن بہ بندش متعلق ڪو بہ قانون نہ ٺاهيندي، يا تقرير يا تحرير جي آزاديءَ يا ماڻهن طرفان امن امان سان جمع ٿيڻ ۽ حڪومت کي سندن شڪايتن جي

ازالي ڪرڻ لاءِ درخواستون ڪرڻ جي حق ۾ ڪتر وجهڻ متعلق ڪو قانون پاس نہ ڪندي.

2- ماڻهن جي انهيءَ حق ڪي نہ ڪسيو ويندو، جنهن موجب هو پنهنجي جان، گهرن، ڪاغذن، ۽ سامان کي غير واجبي تلاشيءَ ۽ ضبطيءَ کان محفوظ سمجهن.

3- ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي، ڪنهن فوجداري مقدمي ۾ پنهنجي خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو، نہ وري باقاعدي طور متس مقدمي هلائڻ کان سواءِ کيس سندس زندگي، آزادي ۽ جائداد کان محروم ڪيو ويندو، نہ وري خانگي جائداد معقول معاوضي ڏيڻ بغير سرڪاري قبضي ۾ ورتي ويندي.

4- سيني فوجداري مقدمن ۾، جوابدار کي عام ماڻهن اڳيان، غير جانبدار جيوريءَ طران ترت ڪيس نبيرائڻ جو حق رهندو.

5- آمريڪا جي گڏيل رياستن ۾ نہ بانهپ ۽ نہ مرضيءَ خلاف بيگار..... باقي رهندي.

6- سڀ ماڻهو جيڪي آمريڪا ۾ ڄاوا هوندا يا اتي آباد ٿيا هوندا.... اتان جا شهري آهن. ڪا بہ رياست اهڙو قانون نہ بنائيندي، جيڪو شهرين جي رعايتن ۾ تخفيف آڻي، نہ وري ڪا رياست ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي باقاعدي طور قانوني ڪاروائي کان سواءِ زندگيءَ، آزاديءَ ۽ جائداد کان محروم ڪندي، ۽ نہ ڪنهن ماڻهوءَ کي قانون جي هڪجهڙيءَ حفاظت کان محروم رکندي.

7- آمريڪا جي ماڻهن جي ووٽ ڏيڻ جي حق ۾ ڪا بہ تخفيف نہ ڪئي ويندي، نہ وري ڪين ان کان محروم ڪيو ويندو.....نسل، رنگ يا سابق بانهپ جي حالت ۾ رهڻ سبب.

8- شهرين جي ووٽ جي حق ۾.....جنس جي فرق سبب، ڪا بہ تخفيف نہ ڪئي ويندي ۽ نہ ڪين ان حق کان محروم ڪيو ويندو.

اقتصادي آزاديءَ جي معنيٰ، فقط مال واپرائيندڙن ۽ پورهيتن کي چونڊ جي آزاديءَ ۽ پنهنجي لاءِ ڪنهن بہ ذاتي اختيار ڪرڻ جي آزاديءَ جي ناهي. اقتصادي آزاديءَ جي معنيٰ اها بہ آهي تہ ماڻهوءَ کي پنهنجي خاندان سان گڏ آزاديءَ سان واندي وقت گذارڻ، غور وخوض ڪرڻ، پڙهڻ، سئر و سفر ڪرڻ ۽ اڪيلي سر يا پنهنجي ڪٽنب سان گڏ موسيقيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ جا موقعا بہ

هڻڻ گهرجن. انهن ڳالهين مان اهڙيون عورتون ۽ اهڙا مرد لطف حاصل نتا ڪري سگهن، جن کي ٿوريءَ اجرت تي ہنيءَ يا ڪارخاني ۾ ڏکهي وقت تائين ڪم ڪرڻو پوي ٿو. اقتصادي ترقيءَ جي سلسلي ۾ بهترين ڳالهين مان هڪ اها آهي تہ اها ماڻهن کي اهڙين غير مادي شين حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏئي ٿي.

## 6- نتيجا

هيءَ ڪتاب آمريڪي اقتصاد جي انهيءَ تصوير پيش ڪرڻ جي هڪ ايماندارنہ ڪوشش آهي، جيئن اهو هن وقت سچ پچ موجود آهي - يعني ان جي ڪاميابين ۽ ساڳئي وقت ان جي اڻ نبيريل مسئلن، ٻنهي کي واضح ڪيو ويو آهي. آمريڪي اقتصاد، هڪ ڪامياب اقتصاد آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو عام رواجي آمريڪي عورتن ۽ مردن جي وڏيءَ اڪثريت کي اهي ٻہ شيون مهيا ڪري ڏئي ٿو، جن جي ڪين سڀ ڪان وڌيڪ ضرورت آهي - يعني (1) سٺي زندگي (2) آزاد زندگي گذارڻ جو موقعو. انهن مقصدن ۾ آمريڪي شهري سڄيءَ دنيا جي ماڻهن سان شريڪ آهن.

هيءَ حقيقت انهن لکن ڪروڙن ماڻهن لاءِ اهميت واري آهي، جيڪي اهڙن ملڪن ۾ رهن ٿا، جي اڄ اقتصادي لحاظ کان گهٽ ترقي يافتہ آهن ۽ نون معاشرن جي تعمير ڪرڻ جي عظيم ڪارنامي سرانجام ڪرڻ جي هينئر شروعات ڪري رهيا آهن. اها حقيقت هن ڪري بہ اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ اڄ جي آمريڪا هن ڳالهہ جو ڪليل ثبوت آهي تہ عام ماڻهو ستارن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ راهہ جو ڪجهہ حصو طئي ڪري ٿي سگهي ٿو. اڄ ماڻهوءَ کي هرويرو مفلسيءَ، جهالت يا غلاميءَ ۾ رهڻ جي ضرورت ناهي.

آمريڪي انقلاب جي شروعات وقت، سن 1776ع جي باغين طرفان جڏهن پهرين گولي ڇوڙي ويئي، تڏهن اها در حقيقت، سڄيءَ دنيا ۾ هر هنڌ ٻڌي ويئي. انهيءَ زماني ۾ دنيا جي مٿان شهنشاهن ۽ بادشاهن جون حڪومتون قائم هيون. پر ٿامس جيفرسن"آزاديءَ جي پڌرنامي" ۾ لکيو تہ:

"(1) سڀ انسان برابر برابر پيدا ڪيا ويا آهن، (2) انهن کي بنيادي حق حاصل آهن، ۽ (3) انهن حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي ماڻهن ۾ حڪومتون قائم ڪيون وينديون آهن، جيڪي پنهنجا حقي واجبي اختيارات انهن وٽان ئي حاصل ڪنديون آهن، جن جي مٿان اهي حڪمراني ڪنديون آهن."

اهو نظريو - "شخصي آزاديءَ" جو نظريو اجا تائين هن دنيا جو انتهائي انقلابي نظريو آهي. ۽ "انهيءَ گوليءَ ڇٽڻ جي آواز جو پڙاڏو، جيڪو آواز 1776ع ۾ سڄيءَ دنيا ۾ ٻڌو ويو هو." اُڻويهين ۽ ويهين صدين جي دوران ۾، سڄيءَ لاطيني آمريڪا، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ بہ ٻڌو ويو آهي.

پر خود انهيءَ ملڪ جو ڇا حال آهي، جنهن ۾ انقلاب جي اها پهرين گولي ڇوڙي ويئي هئي؟ ڇا، اهو ملڪ پنهنجن بہ سئو سالا پراڻن اعليٰ اصولن کي اڄ تائين قائم رکي سگهيو آهي؟ڇا، ان حقيقت ۾ پنهنجن شهرين کي زندگي، آزادي ۽ خوشيءَ جي ڳولا جي نعمت" ڏني آهي؟

ان جو جواب يقيناً هاڪار ۾ آهي.اقتصادي ترقي، جيڪا هن وقت تائين ٿي چڪي آهي ۽ جنهن جو سلسلو اجا بہ جاري آهي، آمريڪين کي بهتر کان بهتر زندگي ڏني آهي، اقتصادي عدم استحڪام جي مسئلي کي جيتوڻيڪ پوري طرح مات نہ ڪيو ويو آهي، تہ بہ ان تي قبضو ضرور حاصل ڪيو ويو آهي، ايڏي وڏي ۽ ايڏي پيچيده نظام کي، جهڙو آمريڪا جو آهي، اهڙيءَ خوبيءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ لازمي طور معقول حد تائين مهارت ۽ لياقت وارو هئڻ گهرجي. هڪ سراسري آمريڪي شهري، يقيني طور، اعليٰ درجي جي اقتصادي سلامتي ماڻي رهيو آهي، حالانڪ هن ڏس ۾ ڪي مسئلا اجا بہ حل طلب ٿيئي سگهجن ٿا. آمريڪا هڪ اهڙو معاشرو آهي، جتي ماڻهن کي هن ڳالهہ جو وڏو خيال رهي ٿو، تہ ڪهڙي ڳالهہ واقعي صحيح آهي ۽ ڪهڙي غلط. آمريڪي ماڻهن 1776ع کانپوءِ بہ ڪيئي ڀيرا انصاف ۽ آزاديءَ لاءِ جنگ ڪئي آهي. انهن ٻنهي نعمتن جو هميشہ بچاءُ ڪندا ٿي رهندا.

آمريڪا ۾ مختلف مسئلن جو هئڻ- ۽ اسان ڏنو آهي تہ اهڙا مسئلا گهڻائي آهن، هن ڳالهہ جي ثابتي ناهي تہ جمهوريت ناڪامياب آهي. ڪنهن ملڪ ۾ جمهوريت جي هئڻ جي اها معنيٰ ناهي تہ اهو ملڪ بي عيب آهي، ڇاڪاڻ تہ جمهوريت دراصل، گڏجي رهڻ جو هڪ طريقو آهي، اهو طريقو، جنهن ۾ آزاد عورتون ۽ آزاد مرد پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪن ٿا.

آمريڪا جون حاصل ڪيل ڪاميابيون، هن قصي جو اختتما نہ آهن، ان جي بلڪل برعڪس، اهي ڪاميابيون، ڳالهہ جي اجا شروعات آهن، اڄ سڄيءَ دنيا جا ڪروڙين ماڻهو ساڳيون ئي اميدون رکن ٿا ۽ ساڳين اقتصادي مسئلن

سان دوچار آهن، جن جو اسان هن ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي. اهي سڀ ساڳيءَ راهه تي گامزن ٿي رهيا آهن ۽ انهن کي مدد جي ضرورت رهندي.

آمريڪا هينئر پنهنجن سرحدن کان ٻاهر نظر ڊوڙائي رهي آهي، آمريڪي ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ وٽن گهڻو ڪجهہ موجود آهي، جيڪو هو ٻين کي ڏيئي سگهن ٿا، هو ڄاڻن ٿا تہ ائين ڪرڻ جي مٿن ذميداري آهي، اقوام متحده ۾، ۽ ٻين هنڌن تي، آمريڪي باشندا ٻين قومن جي ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن، تہ جيئن مستقبل ۾ سڀ ڀڄ اسين سڀيئي هڪ آزاد ۽ ترقي يافتہ دنيا جي نعمتن سان مالا مال ٿي سگهون.




Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.